

ليکڪ - ڪرشن چندر
مترجم - سندري اتم چنداڻي

# پياسي ڌرتي
# پياسي دلڙيون

donated from
Suleman A Memon's
personal library

ناريءَ پبليڪيشن جو چوڏهون ڪتاب

# پياسي ڌرتي پياسي دلڙيون

## ناول

ليکڪ:
ڪرشن چندر

ترجمان:
سندري آنچنداڻي

ناري پبليڪيشنس حيدرآباد سنڌ.
1986ع

ڇاپو پهريون: (انڊيا) مارچ 1969

ڇاپو: ٻيون: (سنڌ)

آگسٽ 1986

ڳاڻيٽو: هڪ هزار

سر ورق: فتاح هاليپوٽو

لکپڙهه جي ايڊريس:

پوسٽ باڪس نمبر 15، حيدرآباد سنڌ.

قيمت: [redacted]

ڇپائيندڙ:

نذير ناز

ٻاران ناري پبليڪيشنس حيدرآباد سنڌ.

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ڏونگر ڏونگر ڏوريم توکي

سهڻيءَ کيس جهنگلي ڪري سڏيندا هئا. هو مضبوط ۽ سڊول بدن وارو جوان هو. ٽڙوالو، ذري ذري ڪلندڙ، آوارا ۽ بي فڪر انسان هو. پنهنجي ڪسان پيءُ وانگر، جهنگلي پنهنجو پاڻ کي ڍڳن وانگر پيءُ سان ٻڌي نه سگهيو. جهنگليءَ کي پنهنجو جهنگل ئي پيارو هو. هنجو ڳوٺ جهڙن ٽڪريءَ تي ٻڌل هو، اُنهي مٿان گهاٽو جهنگل هو ۽ هيٺ پهاڙي ڪناري وٽان هڪ موڙن لنگهڻ جو رستو هو.

هو مست هرڻن ۽ هرڻين کي ٽپڙ ڪندو ڏسندو هو ته بي اختيار پنهنجا چپ ڪڍي بانسريءَ سان لڳائيندو هو. بانسري وڄائڻ ۾ ڳوٺ ڀر ۾ ڪوئي سندس ثاني نه هو. هونءَ ته جهنگلي ٻيءَ لي ڪم نه ڪندو هو ته ڳوٺائي، پٽس کي طعنا هڻندا هئا، پر جڏهن بانسري ٻڌندا هئا، تڏهن سندس سڀ گناهه معاف ڪري ڇڏيندا هئا. ائين ته عمر ڪر بيڪار جوان نه ڪونه هو. پيءُ بيمار پوندو هوس ته ٻڪري پاڻ ئي سنڀاليندو هو ۽ ڪاٺيون ڪري ايندو هو، ڍڳن ۽

ڳاهه پنو ڪنو ڪري اندا. هو. ٻارڙي جي غريب هاريءَ
جو پٽ هو، نہ پيا بہ مسڪين هئا. سيٺئي مهاجن جا
قرضدار هئا. خوشحاليءَ جا فقط سپنا ئي لهي سگهندا هئا.

جهنگلي نہ زندگيءَ جي ان دؤر مان لنگهي رهيو
هو، جڏهن سپنا ڏاڍا سندر ايندا آهن ۽ هر ڪا
مصيبت آسان لڳندي آهي. ڪيس ڪڏهن بہ ٻپ نہ
هو. سندس چاچي، جا ڪين بہ وقت روٽي ڏيئي
ويندي هئي، انجي نظر سڄي ڳوٺ ۾ اهڙي لہ
ڦهري هجي ويندي هئي جو جڏهن ڪي ڪري سو
جيئرو رهي نہ سگهي. ليڪن هن جهنگليءَ کي، پيءُ
۽ چاچيءَ، مهاجن ڪڏهن جو بہ ٻپ نہ هو. پيا جهنگلي
۾ ۽ چيٽي جو بہ پؤ نہ هجي، لهنگي انسان ڪڏهن ڪڏهن
پؤ پولو. مگر پوءِ بہ هو ٻچڙو ضرور هو.

هو ٻچڙو هو ڳوٺ جي نوجوان نينگرين ڪان. هو
سمجهي نہ ٿي سگهيو نہ انهن جي چشمن جي ڪل جهڙيون
چمڪندڙ اوچل اکيون، ڪانئس ڇا ٿيون طلبين، سندن
چنچالي کيل مذڪن جي ٻار هيٺان نڪندڙ چپاهيون
ڪيس ڇو ٿيون ڪرائين. قطار ڪري تلاءَ ڏي ويندڙ
ڇوڪريون ڪيس ڏسي ڇو ٿيون مشڪن. وري ٻارڙي ۾
ڳالهائي ٽهڪ ڏيئي ڇو ٿيون کلي پون، جو ٽهڪڙن
جا موتي پکڙجيو وڃن ۽ سارو وايو منڊل ماکيءَ جي
مانارين جيان ٽمٽار لنڊڻ شروع ڪيو ڇڏي......

جهنگلي سندن نهڪڙا ڳهڻو وقت سڃي نـــہ سگهندو هو. ٻهرين تہ ٻت ٻڌجي ويندو هو، پر پـــوءِ ڇڏهـــن جوانڙين جي ڇيڙ ڇاڙ ڪجهہ وڌي ويندي هئي، تڏهن اُنان ڀڄي ويندو هو ۽ ڇوڪرن ـون زور زور سان سڏ ڪري ڇوندين هيون، ”جهنگلي!“

ڳوٺ کان ڳهڻو هيٺ ترائيءَ ۾، موڙن جي رستي وٽ گنگوءَ جو چانهہ جو دڪان هو. جهنگلي روز کيس کائين جي ڀري ڏيئي ويندو هو. موٽ ۾ اونهاري ۾ ٻي آنا تہ سياري ۾ چار آنا روز ملندا هئس. چانهہ جو ڪوپ مفت ۾ ملندو هوس.

بهار جي هڪ صبح جو، ڪائـــين لاءِ ويندي، جهنگلي ڪهاڙي پنهنجي ڪلهي ۾ لڙڪائي، وٺي بسري وڄائڻ شروع ڪئي. للاءَ ٽي ويندڙ جوانڙين جي اَنگ اَنگ ۾ بسريءَ جي پڪار ڇيي ويئي. هاءِ! هاڻ وڃارڻون پاڻيءَ سان ڀريل مٽڪا ڪيئن کڻن.

نمبردار جي سونهري وارن واري ڌيءَ، ڀريـــل گهڙي مٿان ڪمان وانگر اُڀي ٿي سڏيـــر، ”اَڙي او جهنگلي، گهڙو تہ کڻاءِ.“ جهنگلي پمب ٻهڻ ٿي ويو. هن نيزاريءَ سان ڇيو، ”اچ نہ.“ بس جهنگلي اُتـــي دڪ پاتي. دڪندو دڪندو اڪين کان اوجهل ٿـــي ويو. ”ڪمبخت جهنگلي، بس جهنگلي نـــي آهي،“ ڇوندي ڇوڪري للاءَ جي پاڻيءَ کي ٿڦڙ هڻي، ڇنڊا

ڦهلائي، ڳهڙو مٿي ڪٽي ورتو.

محمد جا ٻه پهر ڳذري ويا. جهنگلي اجا تائين ڪانيون ڪوڙڻ ۾ مشغول هو. هن جو هٿيو ٽپ پيو هو، انڪري سخت ڪاٽ ڪپيندي، جهنگلي پگهر ۾ شل ته ٿي ويو هو، پر ڪيس ڏاڍو مزو ٿي پيئي آيو. اوچتو ڪنهن اچي سندس ڪلهن تي هٿ رکيو. جان ڪٽي نهاري ته چاچي!

"چاهي؟"

"پٽهي کي نانگ ڏنگيو آهي." هوءَ زمين تي جهڪي پيئي ۽ اچي رڙڻ ۾ چڙڪي. جهنگلي لاءِ ٻهرين ٻي سڌ ٻڌجي ڏسندو رهيو. پر پوءِ ڪهاڙي ته اُلي تي ڇڏي اٿي پيو.

ڳوٺ اندر گهرندي، ڪنڌ جهڪيل هارين رستو ڏنس. پڇيائين، "بابو ڪٿي آهي؟"

ٻڌائونس، "وڏيري جي در ٻاهران اڪروٽ جي وڻ هيٺان."

جهنگلي طوفان ٿيندو گوجندو ڀڳو، "بابا بابا مان اچان پيو......"

اڪروٽ جي وڻ هيٺان بابس پيو هو. سڄو ئي نيرو ٿي ويو هو. هاڻ سوج چڙهڻ شروع ٿي هئي. جهنگليءَ ايندي ئي ڪيس ٻنهي ٻانهن ۾ ڪٽي ورتو. "بابا بابا تو کي ڇا ٿيو آهي، منهنجا بابا!..."

ٻيءَ جي لاش کي ڪلهي تي کڻي، جهنگليءَ اچي گهر جي ڪکن ڪانن واري فرش تي رکيو. چاچيءَ چيس، "گهر ۾ ته ڪک به ڪونهي. ڇڪيا لاءِ گسجهه، ڇا مان ايندو؟ ڪافور ڪيئن وٺبو، گنگا جل ڪٿان ملندو...؟"

"مون کي ته ڪا، خبر ڪانهي،" جهنگليءَ ڏاڍيءَ بيوسيءَ سان جواب ڏنو.

چاچيءَ چيو، "مون ٻاهڻ جي ٽولي پنڊتجيءَ کي ڏيئي ڇڏي آهي. هو انهن شين جو پاڻهي انتظام ڪندو."

"تو چڱو ڪيو،" چوندي جهنگليءَ محسوس ڪيو سندس وڏو بوجو لهي ويو.

چاچيءَ چيو، "ڪوري ٻافتي جي چادر به ته کپندي." ڪاٺ جي پراڻي پيٽي طرف اشارو ڪري چيائين، "هن ۾ هڪڙو چانديءَ جو ڪڙو پيو هو. تنهنجي ماءُ جي پڇاڙيءَ جي نشاني آهي. اهو وڪڻي ڪٽي چادر وٺبي، پر ڪاٺيون ڪٿان اينديون؟"

جهنگليءَ کي يڪدم ڪجهه ياد اچي ويو. هو وڻ ۾ ڪهاڙي لٽڪائي آيو هو. اٿي ڪڙي ڪميائين. چاچي ڳالهه کي سمجهي ويئي ته به زور سان چيائين، "اَچجانءِ سگهيڙو، شام ٿانئين اُرلي ضرور ڪجي وڃڻ کوٽي."

جهنگليءَ کي ڪهڙي خبر هئي ته سندس ٻيءَ هر ناهڻ لاءِ جيڪي مضبوط ڪاٺيون ڪپڻ لاءِ چيون هيون،

ٽن سالن، ٻيءَ جي اَرٿي جلائڻي پونديس. جڏهن ڪاڻين جي وڏي شاهي پري ڪٽي موٽيو، تڏهن چاچيءَ چيو، "هاڻي برادريءَ جي ڪاڻي جو بندوبست ڪٿان ٿيندو. ٻانڀڻ کي ڏڪڻا ڪٿان ڏيبي، مرڻ وڃڻ واري ته اهو سڀ سوچيو به ڪونه." جهنگليءَ سوچيو، "سچ پچ بابي کي ڪجهه سوچڻ کپندو هو. بس انهن ٿي مرڻ ويو!"

مهاجن چيو، "چاچي! تون ڪو به فڪر نه ڪر. سرڳيءَ جي ڪريا ڪرم جو سڄو خرچ، برادريءَ کي کارائڻ، شراڌ چاهي، ٻيو سڀ ڌرم ڪرم مان ئي ڪندس."

"دياڙ آهيو توهين،" چاچي همت ٻڌي چيو، "مرڻ کي ته ڪري به مري ٿو وڃي، مگر هاڻي سندس ڪرياڪرم سٺو ٿيندو. اها ئي چڱي ڳالهه آهي. نه ته روح پيو ڀٽڪيس ها."

مهاجن چيو، "ليڪن عيوضي ۾ سندس ٻنّي ڏيڻا سو مان ڪٽيندو وڃانو" ۽ جهنگلي ڏانهن منهن ڪري چيائين، "پٺهي شاديءَ ۾ اڳائي سؤ قرض ورتو هو، موڙ ته ڇٽو پر وياج به ڪونه مليو آهي، اڃا تائين."

زندگيءَ پر قرضي رهڻ ڳوٺاڻي زندگيءَ جو دستور آهي. جهنگلي خاموش ويٺو هو.

مهاجن وري چيو، "ڀلا ڇوڙي وڃان نه ڏيڳا؟"

جهنگليءَ چپ چاپ ٻڌي ڍڳن جون رسيون ڪليءَ مان ڇوڙي اچي مهاجن کي پڪڙايون.

مهاجن نوڙيون هٿ ۾ جهلي چيو، ”جهنگلي! مرنڪي ڏاڍو ڏک آهي، جو تنهنجي پيءُ کي نانگ ڏنگي ماريو.“

جهنگلي مٿو ڪنهندو رهيو. جيڪو پيءُ جي موت تي نه رنو، سو ڀلا ڍڳن جي هلڻ وقت تي ڪيئن روئي! گهر مان لوٽي ويئي، ماءُ جو آخرين ڪڙو ويو، سارو سامان ويو، پر جهنگليءَ ڳوڙهو ڪين ڳاڙيو. ليڪن جڏهن ٻهل چڪيا جلائڻ ڪان اڳ مٿو ڪوڙڻ ٻهل وارن کي جهوليءَ ۾ ڪرندو ڏٺائين، تڏهن اوچتو ئي اوچتو محسوس ڪيائين ته هاڻي هو دنيا ۾ بس اڪيلو رهجي ويو آهي ۽ جهر جهر ڪري ڳوڙها ڪرڻ لڳس.

جڏهن ٻارهو وغيره سڀ ڪريا ڪرم نبري ويو تڏهن چاچيءَ چيو، ”جهنگلي هاڻي پنهنجي ٻي سنڀال مان توکي ڪيستائين گهر ۾ وهاري ويٺي کارائيندس.“

”ڍڳا ته مهاجن کڻي ويو“ جهنگليءَ آهستي هٻڪي هٻڪي چيو.

”ته وڃي ٻيري پئي، آزي نيزاري ڪري ڍڳا وٺي اچيس.“

” مرنڪان ڪنهن کي ٻيري پورڻ ڪين ڏيندو.“

”نه وڃي ٻڪ مر،“ چوندي چاچي ڀڻ ڀڻ ڪندي

هلي وئي.

جهنگلي ٻهرين تہ ماٺ ڪيو گهر ۾ ويٺو رهيو، ليڪن جڏهن چاچي نہ موٽي، تڏهن اٿي مهاجن وٽ ويو. مهاجن ڏٺا تہ ڪونہ ڏنا پاڻ ٻن آگوٺن جون صحيون ڏيکاري چيائين، "پٽهي اَڏيا کي ٻہ سؤ قرض وٺڻ مهل ضمانت ڏني هئي."

جهنگليءَ چيو، "پر اَڏيا تہ هاڻي هن ڳوٺ ۾ آهيئي ڪونہ."

مهاجن چيو، "سو ڇا، ان ڪري قرض ڪونہ ليو ڇا؟ هاڻي ڪل وياج سوڌا ساڍا چار سؤ ٿا ٿين. پيءُ جو قرض نہ چڪائيندين؟"

"ها ها، پائي پائي چڪائي ڏيندس،" جهنگليءَ چيو، "پر اَڏيا جو ڪر ڏس پتو تہ ڏيو."

مهاجن هڪ پراڻو لفافو ڪڍي ڏنس ۽ چيس تہ، "ٻہ سال ٿيا جو اهو بمبئيءَ مان آيو هو. ان تي هنجو پتو لکيل آهي." جهنگليءَ اهو لفافو حفاظت سان کيسي ۾ وجهي ڇانهہ واري گنگوءَ جي دڪان تي آيو. گنگوءَ کيس ڇانهہ پياري. گنگوءَ جو ڪم بمبئي ويندڙ لارين جي ڊرائيورن ۽ ڪلينرن سان پيو پوندو هو. ان ڪري کيس سيٺي کان سياڻو سمجهيو ويندو هو.

جهنگليءَ جو تہ منجهس اَٽوٽ وشواس هو. رکي رکي گنگوءَ کان پڇيائين، "بمبئي شهر هتان ڪيترو

پري آهي؟"

"ڊرائيور چوندا آهن ته هزار ميل پري آهي. اُتي ته ماڻهو به پيا هوا ۾ اُڏامندا آهن. چوندا آهن ته انهن جا گهر بجليءَ جي تارن تي پيا ڊوڙندا آهن."

"سچ!" جهنگليءَ جون اکيون ڦاٽي ويون.

"ڊرائيور مون سان ڪيئن ڪوڙ ڳالهائيندا؟"

"ڀلا بمبئيءَ ۾ ڪڏهن ڌارين ماڻهوءَ کي ڪم ڏيندا آهن؟"

"اُتي ته ڪم ايترو آهي، جو ٽن ٽن ڪمن لاءِ هڪڙو ماڻهو به مشڪل ملندو آهي. سڀ ماڻهو اُڇا کير جهڙا ڪپڙا پائين. ڏينهن ۾ پنج پنج پيرا ته ڪاڙهو کائين."

"پنج پيرا ڪاڙهو؟ ڀلا هتان بمبئي ڪيئن وڃي سگهبو آهي؟"

"هتان سڌو وڃبو پٺانڪوٽ. اُتان جلندر، اُتان وري دهليءَ ۽ دهليءَ کان پوءِ، سڌو بمبئيءَ. لاريءَ وارن کي بمبئي پهچڻ ۾ ڏهه پندرهن ڏينهن لڳندا آهن."

"پر لاريءَ وارا پئسا ته وٺندا هوندا؟"

"نه ته ڇا مفت کڻي ويندءِ؟" گنگوءَ ٽنوليءَ پرارو مرڪڻ لڳو.

جهنگلي چپ ٿي ويو. سندس نگاهن ۾ بجلي

لارن تي هلندڙ گهر پئي ڊُريا. اُتي اندر ويٺل ماڻهن چانهه پئي پيتي ۽ ڪيس پئي اِشارا ڪيائون. جهنگلي سوچن ۾ ڪوهجي ويو...

پئي ڏٺائين ته جهنگلي پنارڪوٽ ويندڙ لارين واري رستي تي آهي. هٿ ۾ لٺ، مٿي تي لوئي، ڪلهي تي هڪڙي ننڍڙي هڙ هئس.

اَٽڪل ٻپهريءَ جو، ڪيس ان رستي تي هڪڙي مال سان ڀريل لاري مِلي، جنهن کي ٻن ماڻهن ٻنهي ڏڪيو. واجهه ويو ته هڪ جٽي پڇيس، "اڙي ڀاڙي ڪيڏانهن پيو وڃين؟"

"پنارڪوٽ."

"هن لاريءَ ۾ هلندين؟"

"وٺي هلندا ته وڏي مهرباني."

"ته لڳاءِ زور لاريءَ کي. ڌڪر ڏي ته وٺي هلونءِ."

"پر مون وٽ ڀاڙو ته ڪونهي."

"مفت وٺي هلنداسونءِ، زور ته لڳاءِ."

لاري ڏاڍي ڳوري هئي، پر جهنگلي به بهادر هو. خوب زور لڳايائين. ٻين ٻن به گهڻو زور لڳايو. نيٺ اِنجڻ هلي. لاريءَ وارا ٽپ ڏئي مٿس چڙهي ويٺا. ليڪن جهنگليءَ کي ڌڪي ڇڏيائون، "هل ڙي هل. سالو لاريءَ ۾ چڙهي لو پنارڪوٽ وڃي."

جهنگلي، روڊ تي ڪري پيو. ٻه منٽون ڦيري
اٿي لاريءَ پٺيان ڊڪيو. مگر لاري ته اک ڇنڀ ۾
ڪوهه لتاڙي ويئي.

هلندي هلندي جهنگلي ٿڪ ۽ بک کان وياڪل،
هڪ هنڌ ويهي رهيو. اُفق جي لالاڻ، ڪاري رات
۾ بدلجي ويئي. پري پري گدڙ اوناڻ لڳا. جهنگليءَ
صبح لاڳر ڪجهه نه کاڌو هو. هن چوڌاري نظر ڊوڙائي
ته کيس ٿورو پريان هڪ ساڌو ڏسڻ ۾ آيو جو ڌونهين
دکايو ويٺو هو. جهنگلي هن وٽ ٻهڪي ڏنڊوت پرنام ڪيو.
ساڌوءَ ٿوري اک کولي هن ڏانهن ڏٺو ۽ پڇيو، ”ٻچا
ڪيڏانهن ٿو وڃين؟“

”بمبئيءَ.“

”بمبئي ڇو ٿو وڃين.“

”ڇو ته مون وٽ ٻه ٽڪا ڪونهن.“

ساڌوءَ عجب ۾ پنهنجيون اکيون کوليون. ۽
پڇيائينس، ”بمبئيءَ جو ڏيهن سان ڪهڙو واسطو؟“

جهنگليءَ پنهنجو سارو حال ساڌوءَ کي ٻڌايو. ساڌوءَ
پڇيس، ”ٻچا توکي بک لڳي هوندي؟“

”مهراج توهانکي ڪيئن خبر پيئي؟“ جهنگليءَ
عجب ۾ پڇيو.

”ساڌوءَ جي من ۾ گيان آهي، هن کي سڀ جو
ڌيان رهندو آهي.“ ائين چئي ساڌوءَ پنهنجي ڳوٿريءَ
مان هڪ روٽيءَ ٽڪر ۽ ٿورا مرچ ڪڍي، جهنگليءَ

کي ڏنا. ”وڃ ٻچا کاءُ.“

جهنگليءَ روٽي ٻنهي هٿن ۾ ورتي، جهڪي ساڌوءَ کي نمسڪار ڪيو. جڏهن جهنگليءَ روٽي کائي پوري ڪئي، تڏهن ساڌوءَ چيس ته ”هن ڪرمنڊل ۾ ٿورو پاڻي پيل آهي.“

جهنگلي پاڻي پي اچي ساڌوءَ جي چرنن ۾ ويٺو. ويٺي ويٺي کيس جهوٽا اچڻ لڳا. ساڌوءَ پڇيس، ”ٻچا توکي ننڊ ٿي اچي؟“

”ها.“

”ته سمهي پئه.“

”۽ مهراج توهين؟“

”اسين جاڳندا آهيون. جيستائين، هو سنسار جي سنڀال ڪندڙ جاڳندو آهي، تيستائين اسين به جاڳندا آهيون. مگر تون گرهستي آهين، توکي ننڊ اچي ٿي، سمهي پئه.“

جهنگليءَ هيڏانهن هوڏانهن نهاري چيو، ”مهراج، هتي ڪو شينهن چيتو......“

ساڌوءَ هلڪي وڇڙ کلي چيو، ”پٽ چنتا نه ڪر، هن دنيا جي پرسان آرام سان سمهي پئه. جيڪڏهن ڪو شينهن چيتو ايندو ته اسان جي هڪ ئي نظر سان ڀسم ٿي ويندو. هي، جتي جوڳيءَ جو ڏيرو آهي. هتي نه ڪوئي ڏکوئيندڙ آهي، نه مهندو آهي.“

جهنگليءَ کي جوڳيءَ جي ڳالهه تي وشواس اچي

ويو. هو هڪدم هنکي ٻرٽام ڪري ڳنڙي رکي، ڪمبل وجهي سمهي پيو. صبح جو جڏهن اٿيو ته نه سادو هو نه دنهين هئي. سندس ڳنڙي ۽ لوٽي به گم هيون.

سڙڪ ڏاڍي سخت ۽ سڌي سنئين هئي. جهنگلي پهاڙي ور وڪڙ وارن رستن تي هلڻ جو عادي هو، جيڪي ڪڏهن جهرڻن وٽ ته ڪڏهن ڪاهين ماٿرين وٽ، اچي پورا ٿيندا هئا. ليڪن هيءَ سڙڪ ته ختم ٿي نه پئي ٿئي. هلندي پئي رهي، ماڻهوءَ جي نراشا وانگر. هونءَ ته جهنگلي پهاڙي رستن تي هلندو ٿڪبو ٿي نه هو، پر هن سڙڪ تي ڪي ميل هلندي ٿـي هو ٿڪجي پيو.

سادو هن جي ڳنڙي، لوٽي ۽ ڪمبل کڻي ويو، پر ٻسري ڇڏي ويئي هئس. سا به شايد ان ڪري جو چيلهه ۾ چاقوءَ سان گڏ ٻڌل هئس.

هاڻي هو ٻسري وڄائيندو هليو. بهار جي موسم هئي. فضا نهايت خوشگوار هئي. هلندي هلندي ڏٺائين ته ٻنين ۾ هاري به هن جي ڌن تي جهومي رهيا آهن. لاريءَ وارن پنهنجي لاريءَ جي رفتار به ڍلي ڪري ڇڏي ۽ اها جهنگليءَ سان گڏ هلڻ لڳي. ڊرائيور هن ڏانهن هڪ آنو اڇلي چيو، ”شاباس، تنهنجي ٻسريءَ ۾ ته غضب جو جادو آهي.“ ائين چوندي لاري اڳتي وڌي هليو ويو.

جهنگليءَ هڪ آني کي لت هڻڻ لاءِ وڃي ڪٽي جو ڪٽي پيو. جهنگليءَ جا پير هسريءَ جي ڏن تي نچندا وڌندا رهيا ۽ انين رستو آسانيءَ سان ڪٽبو رهيو. ٿورو پرڀرو وڻ هيٺ هنکي هڪ ڪرڙو شخص نظر آيو. هنجي ٻنهي ڪنن ۾ پتل جون واليون هيون. سندس اکيون وڏيون بي آرام ۽ چالاڪيءَ ڀريون هيون. چهري تي هڪ آزمودگار مرڪ هئس. چپن ۾ ڪجهه گنگنائي رهيو هو. جهنگلي، ڪجهه آسائش ڪرڻ جي لحاظ کان وڻ جي هينان ويهي رهيو. هن شخص چڱيءَ طرح ڏسي مرڪي چيو، ”جوان ڪيڏانهن سيڙ يو آهين.“

”پناڻ ڪوٽ.“

”پيري پند.“

”ها.“

”پهچڻ ۾ ست ڏينهن لڳندءِ.“

جهنگليءَ جي چپ رهڻ تي چيائينس، ”لاريءَ ۾ ڇو نه ٿو وڃين؟“

بس وري جهنگليءَ کي ماٺ رهڻ تي چيائينس، ”توهين پهاڙي ماڻهو بيوقوف آهيو، جو گڏه وانگر پيدل ٿا وڃو. ڇو نه ٿو ڪنهن لاريءَ ۾ لڪي چڙهي پئين. مان ڪونه انين بمبئي گهمي آيس.“

جهنگليءَ عجب گاڏڙ خوشيءَ ۾ پڇيس، ”تون بمبئي ويو هئين؟“

”اڙي سڄي ڏيهه جو رلڻ ڪيو اٿم ۽ بلڪل بدا ٿيسي.“

”بمبئي ڪيئن آهي؟“

”ڪم ڪرڻو پوندو آهي. جتي ٻه ويهه ڏين، اُتي ڪم ڪرڻوئي آهي.“ چوندي هن شخص پنهنجي گوڏريءَ مان مڪائيءَ جو ٻه اِقلڪا ۽ ٻاڙهن مرچن جي چٽڻي ڪڍي. ”جڏهن ڪم هتي ٻه ڪرڻو آلي ٻـ ڪرڻو، ته پوءِ ماڻهو بمبئي ڇو وڃي؟“ ائين چوندي هن شخص مانيءَ ٽڪر پنهنجي وات ۾ وڌو.

مانيءَ ڏسي جهنگليءَ جي گگهه ڳري آئي. هن شخص ڪيس چوٿو ٽڪرو ڏيندي چيو، ”وٺ کاءُ.“ باقي ٽي حصا پاڻ کاڌا ۽ ٻيو هڪ ٽڪرو وري گوڏريءَ ۾ وجهي ڇڏيائين. جهنگليءَ کي چيائين، ”تو منهنجي روٽي کاڌي آهي، هاڻي منهنجو ڪم ڪرڻو پوندءِ.“

”ڪهڙو ڪم؟“

”هيٺ سعيدا پور ۾ هلي ٻڌائيندو سانءِ.“

سعيدا پور جو ڳوٺ هيٺ ماٿريءَ ۾ نديءَ جي ڪناري هو. دور دور ڪيت ٽي ڪيت هئا، جن جي چوگرد پهاڙ ڪڙا هئا. وچ ۾ ندي وهندي رهندي هئي. موٽر جي رستي تان ٻه لاريون بجليءَ جي رفتار وانگر گسڪنديون پئي ويون. هن شخص نفرت انگيز لهجي ۾ چيو، ”هدن لارين ته هن پهاڙي علائقي کي

برباد ڪري ڇڏيو آهي. سچي ايراضي هوشيار ۽
بي ايمان ٿي ويئي آهي! ... ڏيءُ سڙڪ ڪنارن جي
سادگي ڪاٿي ويئي آهي."

"تون ڪهڙو ڪم ڪندو آهين؟" جهنگليءَ پڇيس.
"بيڪر پسندو آهيان، ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي."

هيءُ سعيدا پور ۾ هي فقير، جهنگليءَ کي هڪ
ڪمت ۾ وٺي ويو. اُن جي پرسان وٽن سان گهيريل
هڪ گهر هو. هن جهنگليءَ کي چيو، "هن گهر ۾ هڪ
ٻڍي رهندي آهي. ڪمبخت ڏاڍي ڪنجوس آهي.
ڪنهن به فقير کي اَناج جي لپ به نه ڏيندي آهي.
اڄ مان هن کي سبق سيکاريندس."
"سو ڪيئن؟"

"ٻڍيءَ کي تمام سٺيون ڪڪڙيون آهن. تون
هن جي در تي وڃي بيهه نه، پر پاٽي گهرج. جئن ئي
هوءَ اندران پاٽي کڻي ويندي، تئن ئي مان هنجي
ڪڪڙين وارن ڇورن مان به ڪڪڙيون ڪٽي پڇندس
۽ ڪيس ٻيٽ به ڪانه پوندي. تون پاٽي پي هن وٽ وت
مون سان اچي گڏجج ته هڪ ڪڪڙ توکي ڏيندس."
"ليڪن اِها ته چوري آهي."
"تو منهنجو نمڪ کاڌو آهي، ڇا منهنجو ڪم نه
ڪندين؟ ۽ چوري مان ٿو ڪريان نه."
جهنگلي ٻهر ين سوچيو ته هو صاف اِنڪار ڪري

چڙي، پر پوءِ دل ۾ چيائين ته مون هن جو نمڪ کاڌو آهي. هو هن شخص سان گڏ هليو ته سهي، پر سندس من ۾ مانڌاڻ متل هو.

هن هڪ وڻ پنيان لڪي ڏٺو ته هوءِ پڊي پنهنجي آڳنڌ ۾ اُن ڪتي رهي هئي. هن شخص جهنگليءَ کي چيو، "تون سامهون پڊيءَ وٽ وڃ ته مان پنيان ڦري سندس هڪ ڇهر مان ڪڪڙيون ڪڍائي ايندس. تون پاڻي پيئڻ ۾ وڌيڪ وقت لڳائج. سمجهئين نه؟" ائين چوندو هو گوڏن ڀر ويهي هلندو گهر جي پنيان هليو ويو. ۽ جهنگلي وڻن جون ٽاريون ٻري ڪندو اڳيان اڳيان ويو.

پڊي هنجي آهٽ تي ڇرڪي وئي. ڪنور آواز ۾ پڇيائين، "ڪير آهي؟" جهنگليءَ ٿورو وڌيڪ اڳيان وڌي وڃي هنکي چيو، "پنيان ڪو چور تنهنجي ڇهر مان ڪڪڙيون ٿو چورائي."

پڊي رڙيون ڏانهون ڪندي حرف پٽيندي ڇهر ڏانهن وئي. جهنگلي پنيان پير ڪري وٺي ڀڳو. کيت پار ڪري سڙڪ تي آيو، جتي ٿورو پريان چانهه جي دڪان ڀرسان به لاريون بيٺيون هيون.

پڊيءَ چور پڪڙي ورتو هو. رڙيون ڪيائين ته ٻه- هاري به اچي پرگهت ليا. هن چور کي گلي کان پڪڙيو هو. جهنگليءَ جي دل ڌڪ ڌڪ ڪرڻ لڳي. چوطرف ڏٺائين ته ڪو به ماڻهو نظر نه آيس. يڪدم ڊوڙي پنينءَ لاريءَ جي ٽالهتري مٿي ڪري اُن ۾ چڙهي ويٺو. لاريءَ

جو نيون حصو خالي هو. ليڪن ٻن حصن ۾ اُن جون ڳوٺيون پيئون هيون. ٻه ٽي ڳوٺيون ڪليل هيون، جن مان اُن ٻاهر نڪتي پيئي هئي. جهنگلي ڳوٺيون هٽائيندو، اندر گهسندو پئي ويو. هاٿي هو وڇڙ هو. محسوس ڪيائين ته ٻن ڳوٺين پنيان ڪا چيز وڌي رهي آهي. هن جلدي هڪ ڳوڻ کي هٽايو ته دنگ رهجي ويو!

هنجي سامهون اُن جي ڍيرن تي هڪ ڇوڪري ليٽي پيئي هئي. هنکي گلن وارو نيرو گهاگهرو پيل هو. سندس هڪ هٿ سيني تي هو، ٻيو منهن تي هو ۽ اکين ۾ ڏپ ۽ حيراني هئي.

## هي سفر آهي مشڪل

دور دور ڪيتن مان اچا ٽائين، چور چور جا آواز پئي آيا. ليٽيل ڇوڪري گهبرائجي جهنگليءَ کي تڪي رهي هئي. ٻوء اوچتو اُٿي ويٺي ۽ چيائين، ”تون چور آهين؟“

”نه، مان چور ڪونه آهيان. چور، هو ٻيو آهي.“

”ته ٻوء تون ڇو ڀڄي آيو آهين؟“

جهنگلي چپ ٿي ويو. ڪجهه پل خاموش رهيو. ٻوء هن پنهنجون آڱريون مروٽيندي چيو، ”مون هنجو نمڪ کاڌو هو. هو مونکي پاڪستان وٺي هليو. ليڪن مون چوري ڪانه ڪئي.“

جهنگليءَ آنسن ڀريل اکيون کڻي، عاجزيءَ سان ڇوڪريءَ ڏانهن نهاريو. ڇوڪريءَ کي جڻ هنجي ڳالهه

ئي ڪجهه وساهه جهڙي ويو. هوءَ ٻهرئين دفعو ٿورو مرڪڻ لڳي.

”چور“ ”چور“ جا آواز جڏهن ويجهو پوندا ويا، تڏهن ڇوڪري پريشانيءَ وچان هن ڏانهن نهاري چيو، ”هو ماڻهو توکي پڪڙڻ لاءِ پيا اچن.“

جهنگلي اهڙي پريشانيءَ جهڙي هلت هليو جنهنمان لڳو ته هو لاريءَ مان لهي ڀڄڻ لاءِ آتو آهي. ڇوڪريءَ کيس ٻانهن کان وٺي چيو، ”جلدي هنن اُن جي ڳوڻين ۾ لڪي ويهي رهه. ٻڌوءَ وانگر منهنجو منهن ڇو ويٺو تڪين؟“

جهنگليءَ احسانمند نظرن سان ڇوڪريءَ ڏانهن نهاريو ۽ اُن جي ڳوڻين پٺيان ويهي رهيو. ٻئي ڄڻا ڳوڻين جي اوٽ مان ٻاهر ليئا پائڻ لڳا. ڇوڪريءَ جهنگليءَ کي اشاري سان چيو، ”هو اسانجي لاريءَ جو ڊرائيور مهاديو آهي.“ ۽ ٻئي ماڻهوءَ ڏانهن اشارو ڪري چيائينس ته ”هو لاري ڪلينر بختيار آهي.“

ڊرائيور ۽ ڪلينر جلدي لاريءَ ۾ چڙهيا ۽ لاري هلڻ لڳي. ڇوڪريءَ ڊگهو ساهه کنيو ۽ هٿ کڻي پنهنجي سيني تي رکيائين. جهنگلي هنجي بلڪل ويجهو اچي ويٺو. ڇوڪريءَ هنکي ٿورو سختيءَ سان چيو، ”پري ٿي ويهه.“

جهنگليءَ کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ ڪنهن نانگ ڏنگيو هوس. هو گهٻرائجي پري ٿي ويٺو. ٿوري دير

بعد، هو ٻئي هڪٻئي جي آمهون سامهون وينا هئا. سندن وچ ۾ رڳو هڪ فوٽ جو مفاصلو هو. ڇوڪري نه ڪڙي لڙي ٿي ويٺي هئي، پر هو وڏارو پنهنجو پاڻ ۾ سوڙهو سڪڙيو ٿيو ويٺو هو. رڳو هن حسين ڇوڪريءَ ڏانهن ويٺي نهاريائين.

ڇوڪريءَ چيس، ”جيڪڏهن تو مونکي ڇهيو يا هٿ لڳايو ته مان يڪدم شور مچائيندي سانءِ.“ جهنگليءَ ڪنڌ ڌوڻي هنجي ڳالهه جي مڃتا ڏني. ڪن رکي ڇوڪريءَ چيو، ”اڙي! ڪجهه ڳالهاءِ ته سهين.“

”ڇا ڳالهايان؟“ جهنگليءَ اهڙي سادگيءَ سان پڇيو جو هوءَ مرڪي ويٺي. چيائين، ”هڪدم ٻڌوَ آهين. تنهنجو نالو ڇا هي؟“

”جهنگلي.“

ڇوڪريءَ بي اختيار کلي ڏنو. هوءَ پنهنجي رنئي جي ڪنڊ وات ۾ وجهي آهستي خوب کلندي رهي. جڏهن کلي بس ڪيائين، تڏهن چيائين، ”جهنگلي؟ جهنگلي به ڪو نالو ٿيندو آهي؟“

”ڳوٺ ۾ سڀ مونکي جهنگلي چوندا هئا.“

”تنهنجي ماءُ به ان نالي سان سڏيندي هئي؟“

”نه... مونهجي ماءُ جي مونکي ياد ڪانهي... هوءَ گذاري وئي تڏهن مان تمام ننڍو هوس. انڪري مونکي خبر ئي ڪانهي ته مونکي ڇا ڪري ڪوٺيندي هئي.“

ڇوڪري اهو ٻڌي ڏورو ڇرڪي. سندس ڇهري تي

نرمائيءَ ۽ قياس جي لهر چانئجي وئي. ڪجهه وقت ماڻ بعد چيائينس، ”تنهنجو پيءُ پيلا ٽوڪي کهڙي لي سان ڪونيندو آهي؟“

”هو مونکي راجا ڪري ڪونيندو هو.“

”راجا؟“

”ها، راجا! ڪڏهن راجا پٽ، ڪڏهن راجو. مگر هاڻي مونکي ڪير به راجا ڪري نه ڪونيندو. ٻه مهنا ٿيا جو منهنجو پيءُ به گذاري ويو.“

اهو ٻڌي ڇوڪريءَ جو مکڙو ڪنهن ممتا ۽ ديا وچان ڇمڪي آئيو. ٿورو اڳيان جهڪي پڇيائينس، ”هاڻي تون ڪيڏانهن ٿو وڃين؟“

”بمبئي.“

”ڇو؟“

”مون وٽ ڀڳا ڪونهن.“

”بمبئيءَ مان ڇا تون ڀڳا خريد ڪندين؟“ ڇوڪريءَ کي جهنگليءَ جي بيوقوفي ۽ سادگيءَ تي غصو اچڻ لڳو.

”نه، آئي کو ڪمڪار ڳوليندس. ٻڌو اٿم ته آئي ڏاڍو ڪم ملي ٿو.“

هو ٻئي چپ ٿي ويا، جو ڊرائيور مهاديو ۽ ڪلينر بختيار جي پاڻ ۾ زوردار گفتگو شروع ٿي ويئي هئي جا سڀهي ٻڌڻ ٿي چاهي...

بختيار کلي کلي چئي رهيو هو، ”مهاديو، تون شادي ڪري ڇڏ.“

”شادي؟ ٽيھ ٽي ڏينھن ھن رستن تي پٽڪو ٿو پوي، پوءِ شادي ڪري، ڙَل ڪي دوستن لاءِ ڇڏي وٽان لاري ڪھليندو؟“

”ھش... ڪھڙي قسم جون ڳالھيون ٿو ڪرين، يار“ بختيار چيو.

”نيڪ ٿو چوان. پنھنجن دوستن جي اھڙن ڪيترن ئي قصن جي خبر اٿم،“ مھاديو چيو.

”ته رستي تي ئي ڪنھن سان نينھن لڳائي ڇڏ نه. توکان اڳ جيڪو ڊرائيور بچن سنگھه ھو نه، تنھن ته ھرڪنھن اَڏي تي ھڪ اڌ قاسائي رکي ھئي.“

”ڇي...ڇي. مونکي ڊرائيورن جي انھن اَڏن جي خبر آھي، جتي ٻه چار ڇٽيون اھڙو ڌنڌو ڪنديون آھن. اھي زالون ناھن، پر بيماريءَ جون ڳوٿريون آھن.“

”ليڪن شريف ڇوڪريون ته نه ملي سگھن ٿيون.“

”توکي ڪڏھن ڪا ملي آھي؟“

”اڙي، سوين. اسين انھن ڳالھين ۾ اصل ھڻ ڪڻ آھيون. مونکي ڪا ڇوڪري ڏيکار سھين، ته ڇوٽيءَ ۾ ھرڪائي نه ڇڏيانس ته منھنجو نالو مٽائي ڇڏج. مان ڪو تـو وانگر رلي ٽوڙي ٿوروئي آھيان، ھيڏي وڏي ڪري ڇاتيءَ ھڙو جانٺو بدن... پوءِ به قسم آھي. مون تو جھڙو نامرد اڄ تائين نه ڏٺو.“

”مونکي غصو نه ڏيار، بختيار.“ مھاديو جنسي گرجي اٿيو. بختيار شرارت سان کلڻ لڳو. ھنکي سڌ ھئي ته

ڇوڪري، مهاڏيو جي ڪمزوري هئي ۽ اِها هيلتائين هن رستي اري ۾ ڪنهن ڇوڪريءَ سان هڪ لفظ به نه ڳالهايو هو. انڪري هن کي ڇيڙائڻ ۾ بختيار کي مزو پئي آيو. ڪن وٽ ويجهو وڃي چيائينس، "مهاڏيو، هن وقت جيڪڏهن سامهون سڙڪ تي ڪا اڪيلي ڇوڪري ملي وڃيئي ته جيڪر ڇا ڪرين؟" حقيقت ۾ سامهون سڄي سڙڪ تي ڪٿي به ڪو نه هو.

مهاڏيو ورائيو، "ته مان هيءَ لاري ٻهاري، پنهنجن مضبوط ٻانهن ۾ اهڙو ته جڪڙيانس جو بس..."

ڇوڪري پورو جملو ٻڌي ڇرڪي منهن ڪڍي ڦيرايو. هن جي منهن جو پوئي لهي ويو هو. ٽپ وڃان سندس سينو لڪڙو هيٺ مٿي پئي ٿيو. جهنگليءَ اوچتو پنهنجو هٿ ڪڍي ڇوڪريءَ جي هٿ مٿان رکيو. ٻ-ر هن يڪدم اهو پري ڪري چيس، "مونکي نه هٿ نه لڳاءِ."

جهنگلي ڇرڪي ٿورو پري ٿي ويو. ليڪن لاريءَ جي جهٽڪي اچڻ سان هو وري ڇوڪريءَ تي ڪريو. هنجو سينو ۽ ڳل وري ڇوڪريءَ جي سيني ۽ ڳلن سان لڳا ۽ هٿ وري هن جي ڪلهن تي پيا. هن يڪدم پاڻ سنڀالي ورتو ته ڇوڪريءَ به ڏڪو ڏيئي پري ڪري ڇڏيس. هاڻي ٻئي ڄڻا ڊگها ڊگها ساهه ڪڍي رهيا هئا. جهنگليءَ ته ائين محسوس ڪيو ڄڻ ڪنهن سندس ڇهڙيءَ اندر ڪوئلا رکيا هئا. هو ڏاڍي عجب سان

ڇوڪريءَ کي ڏسڻ لڳو. ايتري ۾ لاريءَ جو جهٽڪو آيو ته هو وڃي ڇوڪريءَ تي ڪريو. ڇوڪريءَ پاڻ سنڀالي چيو، ”تون مون تي ڇو ڪرين؟“

”مان پاڻيهي ڪٿي ڪريس. لاريءَ جو لوڏو آيو نه!“

”تون ڪوڙ ٿو ڳالهائين.“

”نه.“

”ڪن پڪڙي انجام ڪر ته وري نه ڪندين.“

جهنگليءَ پنهنجا ڪن ته پڪڙيا، پر ڪيس دل ۾ غصو به ٿي آيو جو هو بيقصور هو. هن کي اها سڌ نه ڪانه هئي ته ڪيڏي مهل سڙڪ تي ڪو کڏو ٿو اچي ۽ ڪيڏي مهل هو جهٽڪو کائي وڃي ڇوڪريءَ تي ٿو ڪري. جهنگلي اُن جي هڪ ڳوڻ کڻي پنهنجي ۽ ڇوڪريءَ جي وچ ۾ رکي ۽ ٻئي ڄڻا پنهنجي پنهنجي ٺڪاڻي ۾ ويٺا رهيا. ٿوري دير بعد ڇوڪريءَ ڳوڻ کي وچ مان هٽائي چيو، ”ڪجهه ڳالهاءِ نه.“

”ڇا ڳالهايان؟“

”تو مونکان پنهنجو نالو ڏس پتو به نه پڇيو؟“

”نه هاڻ کڻي ٻڌاءِ.“ جهنگليءَ اهڙي ته روسامي سان چيو جو ڇوڪري کلڻ لڳي. جهنگليءَ کي هن جا اڇا کير جهڙا ڏند ڏاڍا وڻيا. کيس ائين لڳو ڄڻ هوا ۾ لڏندڙ صوف جي ٽاريءَ تي گلن جون مکڙيون ٽڙي ويئون آهن.

ڇوڪريءَ چيو، ”مان ترانا آهيان.“

”اڇا، تون ٻمٻئيءَ ڇو وڃين؟“
”نه ماں اڪال ڪوٽ چاچيءَ وٽ ٿي وڃان.“
”اهو وري ڪٿي آهي؟“
”رستي ۾ ايندو، ٺٽا ڪوٽ کان ڏهه ڪوهه اڳيرو آهي.“
”چاچيءَ وٽ ڇو ٿي وڃين؟“
”ڇو ته منهنجي پيءُ مونکي ٧٥٠ رپين ۾ نمبردار وٽ وڪيو آهي.“

جهنگليءَ جي ڳوٺ ۾ به اهڙيون ڇوڪريون شاديءَ کان اڳ وڪامنديون هيون، ۽ ڇوڪري کي، ڇوڪريءَ لاءِ پئسا ڏيڻا پوندا هئا، انڪري کيس ذرو به عجب نه لڳو. چيائين، ”ڇا توں نمبردار سان شادي نه ڪندينءَ؟“
”اصل نه.“
”ڇو؟“
”هو پوڙهو آهي. سٺ ته پار اٿس. ماں هاڻي چاچيءَ وٽ وڃي رهندس.“

جهنگلي چپ ٿي ويو. ڇوڪري به پنهنجو منهن ٻنهي هٿن ۾ لڪائي اڳي کهڙن ويچارن ۾ گم ٿي وئي. گهڙيءَ دير کانپوءِ چيائين، ”عورت ذات جي زندگي به ڪهڙي نه عجيب آهي!“

جهنگليءَ انجو ڪو به جواب نه ڏنو. هن سوچيو، ”مرد جي به ڇا ٿي زندگي آهي؟ ڪنهنجي به ڪهڙي حياتي آهي؟ رڳو ٻه ڏينهن ته هجن ته ٻيو ڇڏڻي پوي. ڪٿان ڇو ڪٿي وڃڻو ٿو پوي...“ جهنگلي به

پنهنجن خيالن ۾ ڪوهجي ويو.

ٽپهريءَ ڪانهوءَ لاري اَڪال ڪوٽ جي ماڙيءَ ۾ داخل ٿي. چوگرد ميويدار وڻ پئي نظر آيا. انگور، زردالو، آلو بخارا، انگور ته اڃا ڪچا هئا پر زردالو ۽ آلو بخارا ته پچي ويا هئا ۽ اُنهن جي هيٺان مٺي رس جا ڦڙا ائين لڙڪي رهيا هئا، جهڙا بسنت رت ۾ ڪنهن جوانڙيءَ جا چپ.

مٿان نڪرڻ ٿان ڪيترا ئي جهرڻا پئي وهيا، جي نچندا، بيقرار قدمن سان هيٺ ماڙيءَ ۾ پئي ويا. اُنهن جي هر ڇلڪار ۾ پايل جي جهنڪار هئي ۽ پاڻيءَ جي هرڪا بوند گهنگهروءَ وانگر ٿي وڄي ۽ اُنجي هرڪا لهر پهاڙي گيت وانگر روانيءَ ۾ هئي. اهي ئي جهرڻا، هيٺ ماڙين ۾ ننڍين ندين ۾ بدلجي ٿي ويا. ٻنهي جي وچمان لنگهندڙ سڙڪ تي دور دور هڪ پيٽرول پمپ گاڏهي پوسٽ باڪس وانگر، نظر پئي آيو. اُنجي ڀرسان لارين جو اَڏو هو، پوليس جي چونڪي هئي، ننڍي بزار هئي ۽ بزار جي پٺيان اَڪال ڪوٽ جو ننڍڙو ڳوٺ هو.

جهنگلي ۽ ترانا، لاريءَ مان هي سڄو نظارو چڱيءَ طرح ڏسي رهيا هئا. جهنگليءَ ترانا ڏانهن اپرڪسا سان نهاري چيو، "اَڪال ڪوٽ ته ڏاڍي خوبصورت جڳهه آهي!"

"ها"، ترانا آڪڙ ۽ ايمان سان وراڻيو، "مان هتي ئي پنهنجي چاچيءَ وٽ ڏاڍي آرام سان رهندينس. هو

مون کي پوڙهي نمبردار وٽ نه موڪليندي."

"پنهنجي چاچيءَ جو گهر ڏٺل اٿيئي؟"

"پنهنجي ماءُ سان گڏ ٻه دفعا آئي هيس. ليڪن گهر مان اڪيلو نڪرڻ جو هي پهريون موقعو آهي."

"پوءِ توکي ڊپ نٿو لڳي؟"

"ڇو نه. پر شاديءَ جي ڊپ اڳيان ته اهو ڊپ ڪجهه به ڪونهي. انڪري ئي ڀڄي نڪتي آهيان."

"ٿي سگهي ٿو ته تنهنجي چاچي گهر ۾ نه هجي."

"سو ڇا، پنهنجو ته گهر آهي. جيسين اچي تيسين ترسي نٿي سگهان ڇا؟"

جهنگلي ماٺ ٿي ويو ۽ ڪجهه اداس به ٿيو. هن کي ڇوڪري وڻي وئي هئي. زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو هن ايترو وقت ڪنهن ڇوڪريءَ سان ڳالهايو هو ۽ هيڏو لمبو سفر ڪيو هو. هن چاهيو ٿي ته هوءَ ساڻس گڏ هلندي هلي سفر لمبو ٿيندو وڃي.

ليڪن تارا جي دل ۾ جهنگليءَ لاءِ اهڙي ڪا به ڀاونا نه هئي. هوءَ ته ڏاڍي وياڪلتا ۽ اُڌيرتا سان ٻاهر ڏسي رهي هئي. جيڪڏهن ڊرائيور جو ڀئُو نه هجيس ها ته يڪدم خوشيءَ مان ٽاڙيون وڄائي ها، جو منزل ويجهي پهچي وئي هئي. هن جي لاءِ ته هي ٻئي اهڙا مسافر هئا، جن کي حالتن ڪان مجبور ٿي پاڻ ۾ ڪجهه وقت، روح رهاڻ ڪرڻي پيئي هئي.

ٻنهي کي سامهون ماڙيءَ وارا دڪان صاف پئي

نظر آيا. اُنھن جي پرسان ٻه لاريون بيٺل هيون. اُنھن جي
پٺيان پوليس چونڪي هئي. هڪ پوليس وارو لاريءَ اندر
گهُسي چڪاس ڪري رهيو هو. چانھه جي دڪان تي
لارين جا مسافر چانھه پي رهيا هئا. حلوائيءَ جي دڪان
تي پوريون ٺهي رهيون. اِهو ڏسي جهنگليءَ جو وات
پاڻي پاڻي ٿي ويو ۽ يڪدم چوڪريءَ جي وڃڻ جي
اُداسيءَ تي بُک ڇانئجي ويئي. هو بي اختيار چئي
ويٺو، ”مونکي بُک لڳي آهي.“

”بُک نه مونکي به لڳي آهي، مگر...“ جڏن ٿي
لاريءَ موڙ وٽ وڪڙ ڏنو ۽ دڪان اکين کان غائب ٿيا
ته ترانا هٿڙي ڪلهي تي هٿ رکي چيو، ”مان ڪاڪيءَ
وٽ ڏسانئي. جي صبح جي بچيل روٽي رکي هوندي
ته توکي جلدي ڏيئي ويندس.“

جهنگليءَ مرڪندي مرڪندي سندس ٿورا مڃي ورتا.

جڏن ٿي لاري بزار ۾ داخل ٿي لڏن ٿي، ترانا
پنھنجي گوڏري ۽ جتي ڪڍي. جتيءَ تي سونهري گل
نڪتل هئا ۽ جهنگليءَ کي اها ڏاڍي سهڻي لڳي.
جتي پائي ترانا چيو، ”هاڻي مان ويندس. جڏن لاري
بيهندي ۽ ڊرائيور ۽ ڪلينر چانھه پيئڻ ويندا، تڏن ٿي
مان پٺيان لهي ويندس. تون لهڻ ۾ مدد ڪجانءِ.“

”چڱو.“ جهنگليءَ پريل دل سان چيو.

لاري بيٺي ۽ ڊرائيور ۽ ڪلينر لهي ويا. ترانا گوڏري
ڪڇي مشڪندي چيو، ”چڱو، رام رام. مان هلان ٿي.“

جهنگلي به "رام رام" چئي هن لاءِ اُن جون ڳوٺيرن ٻري ڪري لهڻ لاءِ رستو صاف ڪيو.

ٽرانا جڏهن ٽي لهڻ لاءِ ٻاهر نهاريائين ته ٽي چڙهڻ ساهه سگهي ويس ۽ هڪ سنهري ڪيڪ نڪري ويس.

جهنگلي، جيڪو ڳوٺين ٻري ڪرڻ ۾ مدو هو، تنهن ڪيڪ ٻڌي پڇيو، "ڇا ٿيو؟"

ٽرانا هٿ سان ٻاهر اشارو ڪيو، جتي پوليس سب انسپيڪٽر، مهاديو ۽ بختيار سان سوال جواب ڪري رهيا هئا. انسپيڪٽر سان گڏ ٻه ٻيا بندرا هاري ۽ هڪ ڪرڙوڙ عورت هئي. عورت جا ڄڻ حواس ئي خطا ٿي ويا هئا. ٽرانا چيو، "هوءَ عورت منهنجي چاچي آهي ۽ ساڻس گڏ هو ڪاري ٽوپيءَ وارو منهنجو پيءُ آهي ۽ ٻيو پڳڙيءَ وارو ٻڍو، ڳوٺ جو نمبردار آهي."

"ليڪن، هي لوڪ اڄ ڪيئن پهتا؟"

"پوليس لاريءَ ۾ آيا هوندا. نمبردار جي ڏاڍي هلندي آهي."

"هاڻي تون ٻاهر ڪيئن ويندينءَ؟"

"هاڻي ٻاهر نڪرڻ مان فائدو ڪهڙو؟" ٽرانا افسوس سان چيو.

جهنگليءَ خوش ٿي چيو، "ٻاهر ويندينءَ ته پڪڙبينءَ."

ٽرانا روئڻ واري هئي، پر هنکي خوش ڏسي غصي ۾ چيائين، "هن لاريءَ جي تلاشي ورتي ته توکي به مون سان گڏ پڪڙيندا."

”مونکي به!“ جهنگلي ڪنبي ويو.

”ها. توکي جيل ۾ وڃڻدا ۽ پوءِ پادر به هٽندءِ.“

”ڇو؟“

”اسانجي ڳوٺ ۾ هڪ ڇوڪري، ڇوڪري سان پڪي هئي ته پوليس هنسان اهڙي ورتاءُ ڪيو.“

”ليڪن مون ته ڇوڪري ڇاپو ڪونهي!“

”سو ڇا؟ تون مونسان گڏ لاريءَ ۾ جو آهين. اهو ڪافي ناهي؟ هاڻي منهنجي سامهون موڇڙا ڪاٺيندين.“

ٽرانا سوچيءَ واري نظر سان هنکي ڏسندي چيو.

”توکي به ته پوڙهي سان پرڻجڻو پوندو.“

اوچتو ٽرانا گهبرائجي، منهن لڪائي آهستي آهستي روئڻ لڳي ۽ هڪ ڪنڊ ۾ وڃي لڪي. ٻاهر مهاڏيو ڇٽي رهيو هو، ”انسپيڪٽر صاحب، ڪهڙي ڇوڪري، ڪنهنجي ڇوڪري؟ اسان رستي تي ڇوڪري لاءِ ڇا هڪ جهرڪي به نه ڏٺي.“

نمبردار جهرڪيءَ جي شڪل شبيهه ٻڌائي، جا ٽرانا سان ٺهڪي لڳي، دمانديو چيو، ”اڙي اهڙي حسين ڇوڪري رستي ۾ ملي ها ته مان نه ڇڏائي وڃانس ها. تو جهڙي پوڙهي وٽ زندگي برباد ڪرڻ لاءِ ڇو ڇڏي وڃانس؟“

”برابر ڊرائيور.“ چاچيءَ ڪنڌ ڌوڻي چيو.

ٽرانا جي پيءُ غصي ۾ چيو، ”ڇا برابر؟ هاڻي مونکي ٻي واپس ڪرڻي پوندي.“

انسپيڪٽر وچ ۾ ٽوڪيندي ڊرائيور کي چيو، ”لاريءَ

۽ ٻنيان ڪهڙو سامان آهي؟"

"آهن ته اُن جون ڳوٺيون، ٻر مون هرهڪ ڳوڻ ۾ هڪ سهڻي ڇوڪري لڪائي رکي آهي هاي ڪولي ڏسو. بختيار، تالپڙي کولي تون اِنسپيڪٽر صاحب کي مال ڏيکارينس ته مان چانهه ٻي ٿو اچان." مهاڏير لـــ هٿ لوڏيندو هليو ويو. لاريءَ ۾ اندر جهنگلي ۽ ٽرانا پنهنجي چوگرد اُن جون ڳوٺيون رکي ڇڏيون ۽ هو اُنهن ۾ اندر لڪي وينا. هو پاٽڪي اهڙو گهڻي وينا هئا جو ساهه ٻ مشڪل سان ٿي کنيائون. بختيار، تالپڙي مٿي ڪٽي اِنسپيڪٽر کي چيو، "ٻلي ڏسو حضور."

پوليس اِنسپيڪٽر ۽ هڪ سپاهي مٿي لاريءَ لـــي چڙهيا. ڪنارن وٽ رکيل ٻ چار اُن جون ڳوٺيون الڳ ڪري ڏنائون. ٻچاڙيءَ وارين ڳوٺين کي اـــ هيڏانهن هوڏانهن ڪري ڏٺائون. ڪجهه نظر نه آين. ايتري ۾ هڪ حوالدار، لمبي سنهي لوهي سيخ کڻي آيو. عام طور اهڙين سيخن سان ئي ڏنو ويندو آهي ته ڪٿي اُن ڪجهه بدران ٻي ڪا شيءِ ته نه آهي. بختيار سيخ ڏسي خوشيءَ سان چيو، "ها، جي اندر ڇوڪري هوندي ته ڪباب جي ٽڪري وانگر هن سيخ ۾ اَٽڪي نڪري ايندي."

ٽرانا ۽ جهنگلي هڪٻئي کي لڳي سوڙها ٿيا وينا هئا. سيخ، اُن جي ڳوٺين ۾ ٽُونگه ڪندي، هنن جي پرسان اچي پهتي. ٽرانا اُها ڏسي ٻڇي، جهنگليءَ سان

تنهنجي حفاظت ڪندس.“ ليڪن ساڳئي وقت کيس اِهو بہ خيال آيو تہ جو شخص پنهنجن ٻن ڏڳن جي حفاظت ڪري نٿو سگهي سو هن ڇوڪريءَ جي ڇا حفاظت ڪندو؟ انڪري پنهنجي لما کي دٻائي مات ڪري ويٺو رهيو.

ڪجهہ وقت ڪانپوءِ هن ترانا کي چيو، ”تو گهر مان ڀڄي سٺو ڪم نہ ڪيو. آخر ماءُ پيءُ ٿي تہ جتي چاهيندا آهن، اُتي شادي ڪيندي آهي. اسانجي ڳوٺ ۾ بہ اِهوئي رواج آهي.“

”منهنجي شاديءَ لاءِ ڇا اُهو ٻوڙهو وڃي ٽڪيو هو؟“ ترانا ڪاوڙ مان پڇيو، ”مونکي ماءُ پيءُ، پنج درجا ڇا انڪري پڙهايا هئا؟“

”تون پورا پنج درجا پڙهي آهين؟“

”ها،“ چئي ترانا هٿ جون آڱريون هنجي سامهون لهرايون.

”اسانجي ڳوٺ ۾ تہ سڪول بہ ڪونهي. اسان وٽ پنڊتن ڪانسواءِ ٻيو ڪو پڙهيل ڳڙهيل ڪونهي.“

”عجيب جهنگلي ڳوٺ آهي تنهنجو! اسان وٽ تہ مڊل سڪول بہ شروع ٿيڻ لي هو. جيڪڏهن منهنجو پيءُ مونکي نمبردار وٽ نہ وڪڻي ها تہ مان ضرور وڏيڪ پڙهان ها.“

جهنگليءَ ٿورو وقت رکي چيو تہ، ”تون مونسان بمبئيءَ هل. توکي ڪنهن سڪول ۾ پڙهائيءَ جو ڪم

ضرور ملي ويندو."

"اڙي ٻڌُ، هي پنج درجا ڇا آهن؟ بمبئيءَ ۾ ته ١٥، ١٥ درجا پاس ڪيل وينا آهن. مـــون ته سوچيو آهي ته ڇمن ڪوٽ ۾ پنهنجي ٻڪر وٽ هلي ويندس. هو خود مڊل سڪول جو هيڊ ماستر آهي. هـــو ضرور مونکي اُجهر ڏيندو ۽ وڌيڪ پڙهائيندو."

"تون ايترو وڌيڪ پڙهي ڇا ڪندينءَ؟"

ترانا چڙي چيس، "تون مونسان نه ڳالهاءِ." ۽ منهن ڦيري ڇڏيائين. جهنگلي حيرت ۾ پيو ۽ سوچڻ لڳو ته عورت نه شاديءَ لاءِ ٿيندي آهي، پوءِ چاهي پنج درجا پڙهي يا وڌيڪ. هن هليتائين ڪابه پڙهيل ڳڙهيل ڇوڪري نه ڏٺي هئي. ليڪن ترانا نـه ڪيس سندس ڳوٺ جي ٻين ڇوڪرين کان ڪنهن به طرح نرالي نٿي لڳي. هنن وانگر روئڻ ۽ مشڪڻ، ٻگڙجڻ ۽ کلڻ. ترانا کي شادي ته ڪنهن نه ڪنهن مرد سان ڪرڻي ئي پوندي. پنهنجي ڳوٺ ۾ نه ته ڇمن ڪوٽ ۾ ئي سهين. ههڙيءَ سهڻيءَ ڇوڪريءَ سان ڪير نه وهانءَ ڪندو! عورت جي به ڪهڙي نه مزي واري زندگي آهي! نه ڪيتي ٻاري ڪرڻ، نه هر هلائڻ، نه ڍڳا سنڀالڻ ۽ نه گهر نيلام ٿئي......

جهنگليءَ سوچيو ته ڀڳوان ڪيس ڇو نه عورت ٺاهيو جو هو نمبردار سان شادي ڪري مـــوج ڪري ها. اِئين سوچيندي، هـــو مشڪي ويٺو ته ترانا پڇيس، "ڇو مشڪيئه؟"

پنھنجو سامان لھراءِ.“

”بابو؟“ اڇا تہ ھي ٽي بابو آھي. جھنگليءَ ڪيترا پيرا پنھنجي ڳوٺ ۾ بابوءَ جو نالو ٻڌو ھو. خود رستي ۾ بہ ٽرانا کيس چيو ھو تہ ھوءَ ڪنھن بابوءَ سان ٽي شادي ڪندي.

جھنگليءَ سوچيو، اھڙي ھي آھي سو بابو، گندو ميرو، ڪمزور ۽ سر جھڪيل. ھھڙي بابوءَ سان ٽرانا شادي ڪندي؟ ٽرانا اڇا نند ۾ غلطان ھئي. جھنگليءَ ھنکي اٿاريو تہ ھن ٻرڙائي پڇيو، ”ڇا آھي؟“

”بابو.“

”ڪھڙو بابو؟“

”جنھسان تون شادي ڪندينءَ تہ... ھا...ھا...“

جھنگليءَ ٻاھرئين بابوءَ ڏانھن اشارو ڪري ڪليو.

ٽرانا ٻاھر نھاريو تہ گھٻرائجي چيائين، ”اھڙي ھي تہ پناٽڪوٽ جو اڏو ھو. تو مونکي ڀھرين ڇو نہ جاڳايو؟“

”اڇا تہ ان ۾ بہ منھنجو ڏوھ ٿيو؟“ جھنگليءَ ناراضگيءَ سان پڇيو. ٽرانا انھن کو بہ جواب نہ ڏيئي ٻاھر ڏسڻ لڳي. جتي بابو مھاديو ڪي ڇٽي رھيو ھو، ”لوکي اِن جون ڳوٺيون امرتسر ڪٽي وڃيون پونديون. اسان وٽ خالي لاري ڪانھي ۽ ٽڪو فالتو ڊرائيور آھي.“

مھاديو چيو، ”مان بہ راليون جاڳيو آھيان.“

”مجبوري آھي.“ بابوءَ بيحد خوش ٿي چيو، ڇو جو

کيس ٻين کي ڏک ڏيڻ ۾ مزو ايندو هو. فلڪ سان چيائين، ”اڄ رات جو ٽي وڄڻو پوندو. شاهه جو حڪم آهي.“

”شاهه جي اُٿي جي ٽئي...“ مهادير شاهه کي هڪ گار ڏيندي چيو. مگر هن بابوءَ جي هٿ مان پيٽرول ۽ رستي خرچ لاءِ پئسا نه ورتا. وري چيائين، ”لون شاهه کي چئي ڇڏ ته اسين هتان پرڀات جو ۴ بجي کان اڳ ۾ اصل نه نڪرنداسون. هل بختيار ته ڪٿي روٽي هلي کائون.“

بختيار ۽ مهادير جي وڃڻ کانپوءِ بابوءَ پنهنجا نمبر ٻڌا ۽ هليو ويو. هنجي وڃڻ بعد ڇوڪرو ساڻن چانهنجي ويو. لوري ڊير ٽرسي ٽرانا ۽ جهنگلي نه هيسڪ لٿا. ٻئي هڪٻئي ۾ هٿ ڏئي، ايڪڙ ٻيڪڙ راهگيرن جي نظر کان بچندا پئي اولڏاهين گهٽين ۽ سنسان بازارن جا چڪر لڳايا. نيٺ هڪ هنڌ اچي بيٺا، جتي ٽي چار ڇپر هئا جن ۾ گهڻا ڊرائيور ۽ ڪلينر هئا، جيڪي روٽي کائي رهيا هئا. هڪ ڇپر پرسان پپر جو وڻ هو جنهن هيٺان خانبدوش مرد هارمونيم وڄائي رهيو هو ۽ هنجي پرسان هڪ دکي زال پنهنجي ڪن ۾ واليون پائي، پيرن ۾ گهنگهرون ٻڌي رهي هئي. ٽرانا هنجون واليون ڏسي، يڪدم پنهنجون واليون لاهي جهنگليءَ کي ڏيندي، ”وڃ، سامهون هوٽل واري کي هي وڪڻي روٽي وٺي اچ.“ اهو آواز خانبدوش عورت نه ٻڌي ورتو. پنهنجي مرد ۽

عورت جهنگليءَ ۽ ٽرانا کي ڇڳيءَ طرح ڏٺو. عورت، ٽرانا کي چيو، "توهين ٻئي ڏاڍا ٻڪايل ٿا ڀانئجو؟"

ٽرانا چيو، "ها."

"نچڻ اچيئي ٿو؟" عورت پڇيو.

"نه" ٽرانا نفرت سان وراڻيو.

جهنگليءَ مشڪي چيو، "مان ٻسري ڏاڍي سٺي وڄائيندو آهيان."

"وڄائي ڏيکار."

جهنگليءَ جي ٻسريءَ جي ٻهرنين ٿي ڏن ٿي ڇهڻ ۾ ويٺل ماڻهن جا ڪن سرلائي ويا. هارمونيم به زور سان وڄڻ لڳو. خانبدوش عورت پنهنجا گهنگهرون وڄايا ۽ ناچ شروع ڪيو. ٿوري ئي وقت ۾ ڪافي ڀيڙ ڪٺي ٿي ويئي.

ناچ ختم ٿيڻ کان اڳ، خانبدوش مرد پنهنجي ڪاري ٽوپي لاهي ٽرانا کي ڏيندي چيو، "هيءَ ماڻهن ۾ ڦهلاءِ. هو پئسا ڏيندءِ. ليڪن منهن سڃائي نه، پر مشڪندي وٺن وڃج."

ٽرانا ائين ڪيو ۽ سندس ٽوپي سڄي پئسن سان ڀرجي ويئي. ور ور ڪري هنجون نگاهون، روئيـــن واريءَ ڪٺن ڏانهن ٿي ويون. اُف! ٽرانا کي ڪيتري نه چتي ٻک لڳي هئي.

"اڙي گرٻي، هي نئون مال ڪٿان آندو اٿيئي؟"

گرٻيءَ چيو، "حضور، منهنجي سالي آهي. اچـــا

نٿين آهي. ڪيس نـــاچ سيکاريندس. ايندڙ مهني اهو
ڏيکاريندوسانءِ."

"اڙي ايـندڙ مهني اسين الاجي ڪٿي هونداسين.
اڙي ذرا هنجي بدن جو ترڪڻ ته ڏيکار. بس ڇمڇم
ڪندي، اسانجي دوڪان وٽان لنگهي وڃي."

اوچتو پريان پوليس جي سيٽيءَ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو
۽ مجموعي ۾ اچي ٽاڪرو پيو. گوپيءَ پنهنجو هارمونيم
کڻي، زال کي هٿ جهلي، ڊرانا ۽ جهنگليءَ کي چيو ته
"ڀڄو." اڳيان اڳيان ٻه خانبدوش هئا ۽ هنن جي پٺيان
جهنگلي ۽ ڊرانا ڊوڙي رهيا هئا. جڏهن پوليس جي
سيٽي ۽ قدمن جا آواز ٻڌڻ ۾ نه آيا تڏهن بيهي رهيا.
اڳي ميدان هو ۽ ٻي چار ڇپر لڳل هئا. چوطرف گهرو
سناٽو هو.

"اسين ڇو ڀڳاسين؟" جهنگليءَ پڇيو.

"پوليس جي اجازت بنا عام جڳهين تي نچڻ ۽ ڳائڻ
جي منع آهي."

"ڇو؟ اسانجي ڳوٺ ۾ ته جڏهن چاهيان، تڏهن
ٻسري وڄائي سگهانٿو."

"اهو ڳوٺ آهي، هي شهر آهي،" خانبدوش
عورت چيو.

"هلو سامهون منهنجي جهوپڙيءَ ۾ هلو. مان لوهانڪي
روٽي ٻه کارائيندس." گوپيءَ چيو.

جهوپڙيءَ ۾ هنن مڪائيءَ جي روٽي ۽ ڪدوءَ جي

ٻاجي خوب ڪاڍي. اُن بعد گوبيءَ ڪاري ٽوپيءَ وارا پئسا ڳڻيا، جيڪي پنج رپيا نوَ آنا هئا. هن ٻه رپيا ٽرانا کي ڏيندي چيو، ”هي توهان ٻن لاءِ آهن.“

گوبيءَ جي زال لڳاتار جهنگليءَ کي تڪي رهي هئي. چيائينس، ”تون ٻسري نه ڏاڍي سٺي لڳو وڃائين. جيڪڏهن اسان سان رهندين ته خوب ڪمائيندا سون.“

گوبيءَ ٽرانا کي چيو، ”مهني اندر توکي ناچ سيکاريندس جتي ٻه وينداسين، اُلي خوب ڪمائينداسين. توهين ٻئي هتي اسان وٽ رهي پئو.“

جهنگليءَ کي اهو ڪم ڏاڍو وڻيو ۽ هو هڪدم ڪرڻ وارو ٿي هو ته ٽرانا وچ ۾ رڙ ڪري چيو، ”ڇا پنج درجا پڙهي، هاڻي گهٽيءَ ۾ نچندس؟ اصل نه. اهو ته ڪنجرن جو ڪم آهي.“

”پيٽ ڪتو سڀڪجهه ٿو ڪرائي.“

”مٺو پيٽ ٿيو، ڪين بي عزتيءَ جو پورت ٿيو،“ ٽرانا غصي ۾ چيو.

”ان ۾ بي عزتيءَ جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟“ گوبيءَ جي زال لوڏ سان چيو، ”مان وڏن گهرن ۾ نه ويندي آهيان ڇا؟ اُنهن جي سڄي حال جي سڌ اٿم. پڙهيل ڳڙهيل ڇوڪرون پيٽ لاءِ ٿي شادي ڪن ٿيون. مرد جي غلامي سهن ٿيون. آخر ته هنن کي گهر سنڀالڻو آهي، ٻار ڄڻڻا آهن. جيڪڏهن اهو ڪم خراب ڪونهي

نه انهڻ ڇو خراب ٿيو؟"

"هي ولر پنهنجا ٻه رپيا." ٽرانا رپيا پٽ تي ڪٽي ڦٽا ڪيا ۽ اٿي ڇوندي ٻاهر هلي وئي. "مونکي هي ڪم پسند ڪونهي." پوءِ جهنگليءَ ٿي جنسي ٻاهر وسائيندي چيائين، "ٽوڪي رهڻو هجي ته ٻلي رهه، مان اڪيلي به هلي وينديس."

جهنگليءَ جي ڳهٽي ٿي مرضي اٿي رهڻ جي هئي، ته به هو ٽرانا پنيان هلڻ لڳو. جڏهن ٽرانا لاريءَ جي ويجهو پهتي، تڏهن پنيان نهاري جهنگليءَ کي چيائين، "منهنجي پنيان ڇو آئين؟ هليو وڃ نه هن پنهنجيءَ خانبدوشڻ وٽ. ڏاڍي وڻيئي ٿي نه؟"

"ڪير؟ هوءَ ٻڍي؟" جهنگليءَ جي وات مان اهي ٻه لفظ مس نڪري سگهيا. ۽ اهي ٻڌنديئي ٽرانا جو غصو ويندو رهيو. يڪدم نرم ٿي چيائين، "مان تنهنجي ٿي ڀلائيءَ جي ڳالهه ڪري رهي هيس. خانبدوش سان گڏ وهي، تون ڪڏهن به ڪم جو نه ٿي سگهين ها. نه گهر نه گهاٽ. نه ٽاٽو نڪاٽو. بمبئيءَ وڃڻ سان انسان ٺهي ويندين. هل مونکي لاريءَ تي چڙهاءِ."

جهنگليءَ هيڏانهن هوڏانهن خبرداريءَ سان نهاري ٽالهٽريءَ جي هڪ ڪنڊ کولي، پوءِ ٽرانا کي پنهنجين ٻنهي ٻانهن سان ڪٽي لاريءَ تي پهچايائين. اُن بعد پاڻ به چڙهيو. پر چڙهنديئي يڪدم ڪاڪ جي اهڙين سان وڃي ٽڪرايو.

”سيپال، ڪاٺ جون پيٽيون آهن. اسانجي لهـــي
وڃڻ بعد پريون آڻن،“ ٽرانا چيو.

”هنن پيٽين ۾ ڇاهي؟“

”مونکي ڪهڙي خبر؟“ چئي ٽرانا ڪمري جي ڳنڍڙين
۾ گهسي ويئي. جهنگلي به سندس پٺيان ويو. ٻئي
اچي ساڳيءَ جڳهه تي ويٺا. کين ائين لڳو ڄڻ پنهنجي
گهر واپس آيا آهن. هڪڙا هئا ٿڪل ٻيو هون پيٽ
ڀريل، سو هڪدم اک لڳي وين.

صبح جو لاري پٺانڪوٽ مـــان ڪڏهن هلي ۽
ڪڏهن امرتسر واريءَ سڙڪ تي آئي، تنهنجي کين
سمڪ ئي نه رهي. هو جڏهن جاڳيا تڏهن رستي تي
اسن جا پٽ ڇانيا پيا هئا ۽ سندن پيٽ ۾ ڪوئا ڊوڙي
رهيا هئا، ائين جئن لاري سڙڪ تي تيز ڊوڙي رهي هئي.

جهنگليءَ پنهنجو ڪپ ڪڍيو ۽ پيٽي ٽوڙي تلاشي
ورتائين. ان ۾ اکروٽ پيا هئا. ٻيءَ ۾ بادام هئا. ڪنهن
۾ وري ڪشمش هئي. ائين سڀ پيٽيون سڪي فروٽ
سان ڀريل هيون. جهنگليءَ ڪيترائي اکروٽ، بـــادام ۽
ڪشمش ڪڍي. هن پهريون اکروٽ هٿن ۾ دٻائي ٽوڙيو
ته به ٿورو آواز ٿيو. جهنگلي ۽ ٽرانا ڏکي ويا ۽ ڪجهه
وقت چپ رهيا. جئن ته ٻختيار ڳائي رهيو هو، انڪري
پهرئين اکروٽ جو آواز هنن کي ٻڌڻ ۾ نه آيو. جهنگلي
پهرئين اکروٽ ٽـــوڙڻ کانپوءِ ٻي ڊپ ٿي ويو اکروٽ ۽
بادام ٽوڙيندو ۽ ٽرانا ويٺي اڌ ٻاڻ کائيندي ۽ اڌ کيس

ڏيندي. مٿي سان ڪانئيندي ڪانئيندي هو موٽ ۾ اچي
ويا. ترانا نخريلي آواز ۾ پڇيس، "تو لاءِ نه ڏاڍو مزو ٿيو
جو بمبئيءَ سڄي وات خوب ڪانئيندو ويندين."

"تون به مونسان هل نه؟ ڏس نه ڪيئن نه موج
مزي ۾ سفر ٿو ڪٽجي وڃي."

"اُون هُون! مان نه ڇمن ڪوٺ ويندس، پنهنجي
ڦقر وٽ. پندرهن درجا پڙهي پوءِ بمبئيءَ ويندس."

"پوءِ نه تون وڏو ماڻهو ٿي ويندين، ۽ پوءِ مونکي
ڪٿي ڳڻجندينءَ!" جهنگليءَ دردناڪ آواز ۾ چيو.

"راجو، تون ڏاڍو سٺو ڇوڪرو آهين. بيحد شريف."

جڏهن نموني ترانا هنکي "راجو" ڪري سڏيو،
سو جهنگليءَ کي ڏاڍو وڻيو. ائين محسوس ٿيس ڄڻ
بهار جون سڀ ٽاريون سندس دل جي جهرڪي تي جهڪي
پيئون آهن ۽ بسريءَ جا گيت، گل ٻُٽي ٽپ ٽپ ڪري
هنجي من جي لهرن تي لڏڻ لڳا. هن جو مکڙو خوشيءَ
سان ٻرجي ڳاڙهو ٿي ويو. ليڪن اوچتو ئي اوچتو ترانا
کلي، گستاخيءَ ڀريل لهجي ۾ چيو، "پر تون نه ڀڳو
آهين."

ترانا آهستي کليو ۽ پنهنجي کل کي دٻائڻ لاءِ پنهنجي
وات تي هٿ ڪٽي رکيو. جهنگليءَ چاهيو ٿي ته جيڪر
هنجو هٿ هٽائي، هنجي گستاخ چپن تي پنهنجا چپ
ڪٽي رکي. جهنگلي جرش وچان اڳتي وڌيو. اوچتو
لاريءَ کي ڌڪو آيو ۽ جهنگلي ترانا ڏانهن وڌڻ بدران

اُن جي ڪِرڻين لئي وڃي ڪريو. ڏاڍي مشڪلات سان ٽرانا پنهنجي ڪل روڪي. ليڪن هنجون اکڙيون جڳ ٽالڪار جي جهرڻن ۽ ڪنول جي ٽڙيل گلن وانگر ٽهڪي رهيون هيون.

مهاديو هڪ جهرڻي پرسان پنهنجي لاري روڪي ڇڏي ڇو ته هنکي ڏاڍي اُڃ لڳي هئي. مهاديو ۽ بختيار پاڻي پي اُڃ لاٿي ته اُلي وڃي روٽي کائي بک لاٿي.

ننڍي نرمل جل جو جهرڻو جهر جهر ڪري وڏي خوشيءَ پريو آواز پيدا ڪري رهيو هو.

اُڃ ته ٽرانا ۽ جهنگليءَ کي به لڳي هئي پر بختيار ۽ مهاديو جي وٽي اُها ڪيئن بجهائين! پاڻي جيترو ڪي واجهو هون، پهچ اولري ڪي پري هئن.

جهنگليءَ چيو، "جي پاڻي پيئنداسين ته هو ڇا چوندا؟"

"ڪجهه نه. رڳو ٽوڪي ڇڏي، موڪي وٺي ويندا."

اوچتو مهاديو لاريءَ ۽ ٽالهتريءَ هينان ڪا چيز لڏندي ڏٺي. يڪدم بختيار کي چيائين، "هو ڏس."

"ڇا؟" بختيار پڇيس.

مهاديو کيس چپ رهڻ لاءِ اشارو ڪيو. پوءِ هري هري چيائينس، "لاريءَ پٺيان، ٽالهتريءَ هينان ضرور ڪا شيءِ آهي." ڪجهه وقت پوءِ ٽڪٽڪي لڳائي ٽالهتريءَ کي ڏٺو جا جهڙن جي ٽٽن رکيل هئي. بختيار پڪ پڪ ڪري چيو، "اهو ٽنهنجو پرم آهي."

”هو ڏس... او هو ڏس،“ يڪدم مهاديو چيو.

هاڻي بختيار کي به ڪجهه ڏسڻ ۾ آيو. مهاديو چيس، ”اهائي ڇوڪري آهي يا ڪو ڇوڪر آهي.“ بختيار ٻيهر ڪپ ڪڍي آليو. ٻئي آهستي آهستي پير پير ۾ دٻائي وڌڻ لڳا. يڪدم بختيار خبرداريءَ سان ٽالهٽري ڪٽي الٽي ڪئي. يڪدم هڪ ٻلي زوردار آواز ۾ مياءُ مياءُ ڪري وٺي ڀڳي. ٻنهي کان ٽهڪ نڪري ويو. ٻنهي ٽالهٽري ٻڌڻ شروع ڪئي. هڪ، ٻئي کي چيو، ”يار، هن وقت هوءَ ڇوڪري هتي هجي ها ته ڇا نه موج اچي ها.“

”ڪمبخت الائي ڪهڙي خوشنصيب لاريءَ ۾ چڙهي ويٺي.“

”جهنگلن ۾ پيٺي ٿڪندي هوندي.“

انڪانپوءِ جو لاري هلي ته سڌو اچي چمن ڪورٽ ۾ بيني. جڏهن بختيار ۽ مهاديو هيٺ لهي چانهه پيئڻ ويا تڏهن لرانا پنيان لهڻ لڳي. جهنگليءَ لهڻ ۾ مدد ڪئس ۽ سونهري گلن واري جتي ڏنائينس. جڏهن لرانا جتي پاتي جهنگليءَ کان موڪلايو تڏهن جهنگليءَ جي من ۾ انهن سونهري گلن جي ياد هئي، جيڪي لرانا جي پيرن ۾ ڪڙيل هئا ۽ ڪيڏانهن پري پري، جهنگل ۾ گهڻو پري وڃي رهيا هئا، جتن ڪنهن تلاءَ جي پاٽيءَ تي ڪنول جا ٻه گل هوا جي جهونڪي سان ڇڄي، دور تمام دور هليا وڃن... ۽... هنجي دل ڏاڍي اداس ٿي

ويٺي. هن جي اکين ۾ لڙڪ ڀرجي آيا. ٽرانا آخرين دفعو پرن پنيان مڙي جهنگليءَ ڏانهن نهاريو. ۽ پوءِ هوءَ جهنگل ۾ غائب ٿي ويٺي.

جهنگليءَ سوچيو، جيڪڏهن هوءَ مونکي پاڻسان هلڻ لاءِ چوي ها ته هو ضرور ساڻس گڏ وڃي ها. ليڪن هن ته ائين هڪ ڀيرو به نه چيو. جهنگليءَ جي اکين مان ڳوڙها ڳڙي پيا. هو واپس اچي پنهنجي جڳهه تي ويٺو، جنهنجي چوطرف اُن ئي اُن هئس. هاڻي هن چاهيو پئي ته جلد لاري هلي. هو ڏاڍيءَ مايوسيءَ سان هڪ ڳوڻ تي ڪنڌ رکي سمهي پيو.

مهاديو ۽ بختيار چانهه پي موٽيا. مهاديو لاري چالو ڪئي پر اُها هلي ئي نه. ٻهرين انجڻ جي هلڻ جو آواز به ٿيو پر پوءِ ورى بند ٿي ويو. ٻنهي هيٺ لهي انجڻ کي کولي ڏٺو جنهن ۾ ڪو پرزو ڍلو هو. مهاديو، بختيار کي چيو، ”اهو پرزو ته ڪو مڪينڪ ئي ٺيڪ ڪري سگهندو. ڏسون ٿا ڪنهن ٻيءَ لاريءَ ۾ اهڙو ڪو مڪينڪ هجي.“

”ته هل ته هوٽل ۾ هلي ڪنهن مرغيءَ جو آرڊر ڏيون. پاٽکان راس بکايل کائي نه ٿيندي.“

ٻنهي جي وڃڻ کانپوءِ جهنگلي، جنهنجو ٽرانا کان سواءِ جڻ دم گهٽجي رهيو هو، سو هيٺ لهي جهنگل ۾ هليو ويو. اهو هنجو پيارو جهنگل هو. جتي ڪيترو نه سانئو هو، ڪيتري نه گهري خاموشي هئي ۽ ڪهڙي نه

ڪومل شانتي هئي! هن جهرڻي لي پاڻي پي، اُن پرسان ٿي گهاٽ لي ٽنگون ڪري پٽاريون. اُن وقت هن چاهيو ڪاش! ترانا همسان گڏ هجي ها ۽ هن جهرڻي وٽ هو جهوپڙي ٺاهي همسان گڏ رهي ها ... ۽ ائين جهنگلي ترانا باعت ڪلپنائن ۾ ڪرهجي ويو. اوچتو هن پنهنجن ڪنن ۾ ترانا جا ٽهڪ ٻڌا، جنهنتي هو گهبرائجي اکيون کولي ويٺو.

ليڪن اُتي هن ڪانسواءِ ٻيو ڪو به ڪونه هو. نه ترانا ۽ نه ڪاٺي جهوپڙي. فقط هڪ سنسان جهنگل هو. جهنگلي گهبرائجي اُتي اُٿان پيو.

ترانا جو پڦر فتحچند، سڪول ماستر هو. هن کي هڪ گونگو ۽ بدصورت جوان پٽ هو. هنکي ٻنين ۾ هر هلائڻ کانسواءِ ٻيو ڪو به ڪم نه ايندو هو. ڪيس ايتري زمين به ڪانه هئي جنهنتي گذران ڪري سگهجي. نه ته پاڻ ماستري ڇو ڪري ها؟ اُن وقت ترانا جو ونس آئي ته سمجهيائين ته چڱو ڀڳوان هنجي اڳين ڪرمن جو ڏنڊ ڏيڻ لاءِ ڪيس هنوت موڪليو آهي. ترانا جي پيءُ جي تار ته ونس ٻهڄي چڪي هئي. هن سوچيو، جنهن ڇوڪريءَ پنيان پوليس ڦرندي هجي، اُنکي هو پاڻوت ڪيترا ڏينهن وهاري سگهندو؟

هنجي زال صلاح ڏنس ته، ”ترانا کي رهايو. ڪجهه ڏينهن بعد هنجو وهانءُ پنهنجي پٽ سان ڪرائبو.“

”پوءِ هن جي پيءُ جا ٧٥٠ رپيا ڪٿان آڻي ڏنا؟ تو ٻڌو ڪونهي ته ترانا ڇا چيو آهي؟ سڄي برادري اسان جي دشمن ٿي ويندي.“

”جيڪڏهن توهان ترانا کي هتان وڃايو ته سڄي عمر پڇتائيندا. تنهن جي گونگي پٽ لاءِ ڇوڪري ڪٿان ايندي؟“

”اهو مهاپاپ آهي.“

”ته پوءِ ڇا؟“

”نه، مان ان ڇوڪريءَ کي گهر ۾ نٿو رکي سگهان.“

”پوءِ ڇا ڪندا؟“

”مان وڃي پوليس ۾ خبر ڏيندس.“

دروازي تي ٿورو کڙڪو ٿيو ته هي ٻئي ٽتي ٽتي ڇرڪجي ويا. ماسٽر يڪدم ٻاهر وڃي ڏٺو ته در تي ڪير به ڪونه هو. فقط آڳند ۾ ترانا چلهه تي روٽي سيڪي رهي هئي.

ماسٽر ڪنڌ جهڪائي گهر کان ٻاهر نڪري ويو. سانجهيءَ جي وقت جڏهن سج چمن ڪوٽ تان لهندو پناٽڪوٽ ڏانهن ٿي ويو، تڏهن پناٽڪوٽ ڏانهن ويندڙ هڪ لاريءَ واري مهاديو جي لاريءَ کي ٽيڪ ڪري ورتو. هن چيس، ”هن لاريءَ کي گهٽ ۾ گهٽ ايترو ته ناهيو اٿم، جو امرتسر تائين ته آرام سان وڃي سگهين ٿو.“

”امرتسر پهتاسين ته پوءِ ڇا جي چنتا آهي بادشاهه.“

اختيار اُن سک ڊرائيور کي ڪلندي چيو.

مهاديو لاري هلائڻ لاءِ انجڻ چالو ڪئي جا هلندي رهي. تنهن تي اختيار بي صبريءَ سان چيس، ”هاڻ جلد هلاءِ. ڇو ته پيٽرول مفت وڃائين، مهاديو.“

”ٿورو ترس،“ مهاديو رازدار لهجي ۾ چيو، ”ذرا ڏسان ته سڀهن سيڪجهه ٺيڪ آهي.“

لاري پهرين ته ڍري ڍري هلي، پر پوءِ رفتار تيز ٿيس. جڏهن اها تيز هلي تڏهن اختيار مهاديو جي چمڪندڙ ڇوري کي ڏسي چيو، ”ڇا وري ڪو مال ياد آيئه ڇا؟“ مهاديو رازدار مشڪ مرڪي چيو، ”نه، نه.“

جڏهن لاري آهستي هلي ته يڪدم جهنگليءَ کي ڏکر آيو. هن گهٻرائجي ڏٺو ته سامهون ترانا ويٺي هئي. چيائينس، ”تون!“ ترانا ڪجهه نه ڪڇيو. ماٺ ميٺ ۾ اچي پرسان ويٺيس. ”تون واپس ڪيئن آئينءَ ترانا؟“

ترانا وري به ڪجهه نه ڪڇيو. هوءَ ٽٽل تاريءَ وانگر، هنجي سامهون ڪري پيئي ۽ اُن جي ڳوڙن تي مٿو رکي روئڻ لڳي، جڻ ڪنهن سندس دل جو شيشو پرزا پرزا ڪري ڇڏيو هو.“

جهنگليءَ کي هن تي ڏاڍو قياس آيو. هن پنهنجو هٿ ڪٽي ترانا جي هٿ تي رکيو ۽ پوءِ هوري هوري سندس بانهن تي گهمائڻ لڳو. يڪدم ترانا هنجي هٿ کي جهٽڪو ڏنو ۽ اکين مان آگ جا اُلا وسائيندي چيو،

"مونکي همٿ نہ لاءِ. توهين مرد سڀ ظالم آهيو. پوءِ
پيءُ هجي کڻي چاچو، پُٽ هجي کڻي ٽون، سڀيئي،
عورت جي جان وٺڻ وارا آهيو!"

جهنگلي گهٻرائجي پنيان هٽي ويئي، گويا ڪڏهن
ڪيس پنيءَ لي قتڪا هڻيا هئا. هو نہ اهڙو مرد ڪونہ
هو، پوءِ ٽرانا ڇو ڪيس اهڙو سمجهي رهي هئي! هو
حيرانيءَ سان ٽرانا کي تڪڻ لڳو.

مهاديو مشڪيو ٿي مشڪيو پئي. بختيار هنجي
رازدار نموني مشڪڻ لي مهڙجي چيو، "آهي ڇا؟"

مهاديو وراڻيو، "هڪ ڇوڪري آهي."

"ڪٿي؟ مونکي نہ سنسان سڙڪ لي ڪير نٿو
نظر اچي."

"هوءَ لاريءَ پنيان پڄندي پئي آئي."

"ڪڏهن؟"

"جڏهن مون انجڻ چالو ڪئي."

"پوءِ؟".

"مون لاري پيري هلائي. هن ڇوڪريءَ لاريءَ
کي پڪڙڻ پئي چاهيو. مون ڪيس آرسيءَ مان
پئي ڏٺو."

"پوءِ؟" بختيار ائين چيو جڻ ڳنيون پنهجي
ويٺون هجس.

"هوءَ ڊڪندي ڊڪندي ويجهو آئي ۽ گم
ٿي ويئي."

"گم ٿي وئي؟" بختيار جو وات ڦاٽي ويو.

"ها! هاٿي هوءَ آرسيءَ ۾ نظر نٿي اچي."

"ته ڇا هوءَ رڇ هئي؟"

"رڇ ته ڪانه هئي، ليڪن سهڻي گجر هئي."

"ڇا سڙڪ کيس ڳهي وئي؟"

"نه، سمجهان ٿو ته لاريءَ ۾ چڙهي آهي." مهاديو خوشيءَ سان ٻڙڪ لڳائيندي چيو.

سج غروب ٿي چڪو هو ۽ چوطرف اوندهه ڦهلجي رهي هئي. مهاديو لاريءَ جون ٽيون ٻاري ڇڏيون هيون ۽ هاٿي جهنگلي ۽ ٽرانا ڊنل ۽ ڪنبيل گڏوگڏ ويٺا هئا. هنن جي سامهون مهاديو ۽ بختيار ويٺا مشڪي رهيا هئا.

"هاٿي ڇا ڪجي؟" بختيار مهاديو کان پڇيو.

"منهنجي خيال ۾، ٻهراڻ هن جي منهن تي جاڙين ڏارو ڏک هڻڻ کپي،" چوندي مهاديو جهنگليءَ کي ٽونشو هنيو. جهنگلي ڪري وري اٿيو ته بختيار کيس پيٺ ڏاري لس هنئين. جهنگلي چڪر کائي ڪريو. جڏهن اٿيو ته پنهنجي ڪمربند مان ڪپ ڪڍيائين.

ٽرانا ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي پر مهاديو کيس هٿ سان جهليو. هن جي فولادي پڪڙ کان هوءَ درد کان ڪراهڻ لڳي.

بختيار ٻه پنهنجو ڪپ ڪڍيو. جهنگليءَ چيو، "توهين ٻه آهيو ۽ مان هڪ آهيان."

مهاڻو مشڪي چيو، ”گهٻراءِ نہ، توسان هڪ ٺي لڙنــدو.“

جهنگليءَ پڇيو، ”اڙڪن يا دڙڪن؟“

اُن ڀاڙي علائقي ۾ ٻن قسمن جي ويڙهہ ٿيندي آهي. هڪ اڙڪن، جنهن موجب چاقوباز سامهون وار ڪندو آهي ۽ جيڪو پهرين پنهنجي دشمن جو رت وهائي، سو ڪٽيل سمجهيو. ٻي دڙڪن، جنهن ۾ ايستاءِ ويڙهہ جو فيصلو نہ ٿيندو آهي، جيستاءِ هڪ چاقوباز ٻئي جي پٺيءَ مان پنهنجي چاقوءَ سان خون نہ ڪڍي، چاهي سامهون پنهنجي دشمن کي ڪيترو بہ زخمي ڇونہ ڪيو هجيس.

”دڙڪن،“ بختيار ڏند ڪرٽي چيو، ”۽ جيڪو کٽندو، سو هيءَ ڇوڪري کڻندو.“

”چڱو شروع ڪر،“ جهنگليءَ بختيار اڳيان ڪپ ڏيکاريو.

بختيار يڪدم هن تي حملو ڪيو، پر هن پٺتي هٽي پاڻ بچايو. بختيار اڳتي وڌندو مشڪيو ۽ مهاڻو کي چيو، ”ڏسج، هنجي سسي ڪيئن نہ ڪيروليءَ وانگر ڪٽي ٿو ڦٽي ڪريان.“

اِن پوءِ بہ ٻئي هڪٻئي تي قهري وار ڪندا رهيا. جهنگليءَ کي هڪ دفعو ٻانهن ۾ بہ ٻيو دفعو ڪنڌ وٽ ڪپ لڳو بہ رت وهڻ لڳس. جهنگليءَ سخت غصي ۾ بختيار جو ساڄو هٿ پنهنجي ڏائي هٿ ۾ پڪڙيو،

۽ بختيار وري سندس ساڄو هٿ پنهنجي ڏاٻي هٿ
۾ پڪڙيائينس. ٻئي پنهنجو هٿ ڇڏائڻ لاءِ ڪوشش
ڪندي زمين تي ليٽڙيون پائڻ لڳا. اوچتو بختيار
جهنگليءَ جي پٺيءَ تي واهي رهيو. هن سوپ جو هڪ
وحشي ٿهڪ ڏنو ۽ پنهنجو ڪمپ ڪڍيائين. پر جيئن ئي
هن جهنگليءَ تي وار ٿي ڪيو تيئن جهنگليءَ هيٺان ئي
هيٺان، اهڙو ڦلٽو کاڌو جو بختيار مٿانئس لهي اچي
هيٺ پيو ۽ سندس ڳچي جهنگليءَ جي ڳرڏن
جي وچ ۾ اچي وئي. جهنگليءَ يڪدم پنهنجو ڪمپ
ڪڍي ۽ ليزيءَ سان هن جي پٺيءَ تي وهائي ڪڍيائين.
هڪدم رت جو ڦوهارو وهي نڪتو. هو ڇلانگ ماري
اٿي کڙو ٿيو ۽ ٿورو پريان پيل بختاور جو ڪمپ به
کڻي ورتائين.

بختيار اٿيو ۽ پنهنجي پٺيءَ تي هٿ ڦيرايائين ته
اهو رت ۾ رڱجي ويو. البت زخم اونهو نه هوس.
نراشا وچان جهنگليءَ کي چيائين، ”تو بازي جيتي،
ڇوڪري تنهنجي آهي.“

مهاديو چيو، ”مان ڇوڪري نه ڏيندس.“

بختيار چيو، ”مون هاريو آهي. جيت، جيت آهي،
هار، هار آهي. جيڪڏهن تون ڇوڪري نه ڏيندين
ته اسين ٻئي توکي قيمو بڻائي ڇڏينداسين. ڇا سمجهئين؟“
جهنگلي ۽ هي ٻئي گڏجي ڪمپ ڏيکارڻ لڳا.

مهاديو پهرين ته ڪاوڙ مان ٻنهي کي ڏسندو رهيو،

ٻر ٻوءِ سندس غصو ٻيڻو ٿي ويو. ڇوڪريءَ کي ڇڏي ڏنائين. ”ڇپائين، وچ ٻهاڙي، تو ڪٿيو آهي. هاڻي وڃي لاريءَ ۾ پنيان وهو.“

لاريءَ ڪيتري دير تائين هلندي رهي. مهاديو ۽ بختيار خاموش ويٺا رهيا. لاريءَ اندر ترانا سڏڪا پئي ڀريا ۽ ڪپڙا ڦاڙي جهنگليءَ جي ٻانهن تي پٽيون ٻه پئي ٻڌيون. هنجا لڙڪ جهنگليءَ جي ٻانهن تي پئي ڪريا. جهنگلي اٿين لڳو ڄڻ آهي لڙڪ گل ٻڻجي سندس ٻانهن تي ڪري مرهم جو ڪم پيا ڏين. ترانا روئندي روئندي پنهنجو منهن جهنگليءَ جي زخمي ٻانهن تي رکي ڇڏيو.

بختيار کي گيت ڳائي رهيو هو، جو پهاڙي جهنگلن کي چيري آسمان کان ڄڻ انساني نماڻن جو جواب طلب ڪري رهيو هو.

ترانا سڏڪا ڀريندي چيو، ”راجو... راجو...!“

راجوءَ هري هري ترانا جو منهن مٿي ڪيو. ڪيس ڇڪي پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳايو. هنجي لڙڪن سان لڙانيل ڇهري کي بار بار چمڻ لڳو. هنجي ڇپن کي، هنجي ڳچيءَ کي، اُن هر هڪ هنڌ، جتي ترانا جي دل چاهيو ٿي، اُلي بي اختيار راجوءَ جا چپ پهچي ٿي ويا ۽ ترانا جو سڄو سرير سمنڊ جي سڏڪن سان لُڙڪي رهيو هو.

لاري دور دور هلي ويئي. امرتسر پهچي هنن ڪڍي اُن چاندشاهه جي مل ۾ لاٿي ۽ لاري وري دهليءَ

لاريءَ ۾ وڃي ويٺو. لاري اک ڇنڀ ۾ اکين کان اَلوپ ٿي وئي.

ٽرانا نوٽ راجوءَ کي ڏيندي چيو، ”هي ٽون رک.“

”نه، ٽون ٿي رک.“ راجوءَ غصي ۾ چيو.

راجوءَ جي غصي کي ڏسي، ٽرانا کي ڏاڍي خوشي محسوس ٿي. هن مشڪندي نوٽ پاڪوٽ رکيو ۽ راجوءَ کي چيو، ”هل ته هلون.“

”ڇا ريل اچي وئي؟“ راجوءَ اَچرج ۾ پڇيو.

”نه ريل ته رات جو ايندي. هن وقت هل ته ٽوکي ڏاڍي سٺي شيءِ ڏيکاريان.“

”اون... هون. ڏيکارڻ جي ڳالهه ڇڏ، ڪا کائڻ جي ڳالهه ڪر. ڏاڍي بک اٿم.“

”جڏهن ڏس، تڏهن بک. جيڪڏهن مهاديو پئسا نه ڏئي ته ڇا ڪريان ها؟“

”بکيو رهان ها. پر هاڻي ڪيئن رهي سگهندس!“

ٽرانا کلي ڏنو. ”ڏاڍو چالاڪ ٿيندو ٿو وڃين. چڱو هل ته پهريان کائون.“

کاڌو کائي، ڪافي دير تائين گهٽيون گهمندا، رستا پڇندا، ٻئي ڄڻا شهر کان ٻاهر نڪري ويا. تڏهن راجوءَ آرام جو ساهه کڻي چيو، ”شهر ۾ ته منهنجو دم ٿي گهٽيو.“

”ٽوکي شهر ڪيئن لڳو؟“ ٽرانا پڇيو.

”شهر اندران گندو ۽ بدبوءِدار ٿيندو آهي.“

”ٻيو ڇا؟“
”ماڻهن جا منهن مرجهايل هوندا آهن.“
”ٻيو ڇا؟“
”ماڻهو ڏاڍا ٿين هلندا آهن، ڄڻ ڪنهن مصيبت کان
ڀڄندا آجا ڪراڻا هوندا اٿن. پر هو ائين ڇو ٿا هلـن؟
ڪين ڪيڏانهن وڃڻو آهي؟“
” مونکي ڪهڙي خبر،“ ترانا گنڀير ٿـي چيو،
”مونکي فقط ايترو سڌ آهي ته هاڻ ڪٿي هلڻو آهي.“
”ڪٿي؟“
”تاج محل.“
”تاج محل! اهو وري ڇا آهي؟“
”اُهي هڪ مقبرا آهن، جنکي ڏسڻ لاءِ سڄي دنيا
مان ياتري ايندا آهن.“
”هن مقبرن ڏسڻ لاءِ سڄي دنيا مان...“ راجوءَ ٺهڪ
ڏيندي چيو، ”ترانا تون مونکي بيوقوف ٿي بڻائين ڇا؟“
”نه راجوُ، سچ. تون هلي ڏسي تسلي ڪر.“
راجوُ ڪجهه وقت سانت ۾ سوچيندو هلندو رهيـو.
ٿوري دير کانپوءِ پڇيائين، ”توکي ڪيئن پتو پيو ته سڄي
دنيا اُهي مقبرا ڏسڻ ايندي آهي؟“
”مون پنجين درجي جي تاريخ ۾ پڙهيو هو، جنهن ۾
اُنجو فوٽو به ڏنل هو.“
”ترانا، تاريخ ڇا ٿيندي آهي؟“
”تاريخ... تاريخ،“ ترانا ڪجهه سوچي چيو، ”جڏهن

ماڻهن ڪر ڪارنامو ڪندو آهي، تڏهن اها تاريخ بڻجي پوندي آهي."

راجوءَ ڪجهه وقت ماٺ ۾ رهيو. پوءِ چيائين، "يعني ته مان بمبئي مان ٻن ڏينهن لاءِ پئسا ميڙي اچان ته اها تاريخ ٿي پوندي؟"

ترانا اچي ٽهڪن ۾ ڇٽڪي. راجوءَ جو هٿ هٿ ۾ وٺي زور سان لوڏائي چيائين، "راجو! راجو! تون ته هاڻي تاريخ ٺاهڻ وارو به ٿيندو ٿو وڃين."

هاڻي هوءَ ٻئي تاج محل جي سامهون هئا. تاج محل جو در بند هو. ٻاهرين وڏي در وٽ بيٺو چوڪيدار نماز پڙهي رهيو هو. جڏهن هن جي نماز پوري ٿي، تڏهن هو هنڪي هن وٽ ويا. ترانا چيو، "هي در بند ڇو آهي؟"

"در وري رات جو کلندو، جڏهن چنڊ نڪرندو."

"چنڊ ڪڏهن نڪرندو؟" راجوءَ پڇيو.

"انڪل ٽن ڪلاڪن بعد." چوڪيدار جواب ڏنو.

"ليستائين ته اسانجي ريل هلي ويندي،" راجوءَ چيو، "ترانا، هل ته واپس هلون."

"نه. تاج محل ڏسي ئي هلنداسين." ترانا محڪمتا سان چيو. پوءِ ٿورو وڌي چوڪيدار کي چيائين، "بابا، اسين ڏاڍو پري کان آيا آهيون. اصل پٺانڪوٽ کان به ڏاڍو دور پهاڙيءَ کان، تاجمحل ڏسڻ آيا آهيون. رات

جو اسان کي ريل ۾ بمبئيءَ وڃڻو آهي. جيڪڏهن تاجمحل اڄ نہ ڏٺوسين تہ اهو ڪڏهن نہ ڏسي سگهنداسين."

چوڪيدار ناڪاري ڪنڌ ڌوڻي چيو، "حڪم ڪونهي."

"بابا، ايشور اَرٿ، تاجمحل ڏيکارڻ ڏيو،" ٽرانا منٿ ڪئي.

"اڙي هاڻي ڇڏ ڪِٽي،" راجوءَ ٿورو ڪڙڪ ٿي چيو. ڪيس ٽرانا جي چاپلوسي نہ وڻي. "ٻہ قبرون تہ آهن. نہ ڏٺيوسين تہ ڇا ٿيندو؟ هل." راجوءَ ٽرانا جو هٿ پڪڙي ڇڪيو.

اڇي ڏاڙهيءَ واري چوڪيدار کي اهو ٻڌي يڪدم جوش اچي ويو. چيائين، "ٻہ قبرون... فقط ٻہ قبرون؟ چڱو هاڻي توهان کي ڏيکارڻو ٿي پوندم. هل ڪڪي."

ٻڌي چوڪيدار آهستي آهستي در کوليو. راجو اوچتو محسوس ڪيو تہ ڄڻ هن جي دماغ ۾ ڪي دريون کلي رهيون آهن ۽ هڪ حيرت اَنگيز دنيا پنهنجي جادوءَ ڀرئي منظرن ۽ برجن، محرابن ۽ منارن سان سندس اکين آڏو کلندي پيئي وڃي. هن دنيا جي عجيب اَجنبيت سان گڏ، کيس هڪ گهري پنهنجائپ جو پڻ احساس ٿيو. ڄڻ هن اهو نظارو ڪٿي ڀيرا ڏٺو هو. شايد پنهنجن خيالن ئي خيالن ۾ جهنگل جي ٻهاڙيءَ وارن ڏينهن جي سپنن ۾، اُڏامندڙ اَڇن بادلن جي ٽڪرن ۾، ڪٿي، کيس هن سونهن، هن اَمر روپ جي

هڪ جهلڪ ٿي سهڻن، محسوس ٿي هئي. لڏهن نہ هو اُنکي ڏسڻ ۾ لين ٿي ويو ۽ ٽرانا جو هٿ وٺي هري هري اڳتي وڌيو. مگر اُن وقت کيس ٽرانا جي هٿ جو اَحساس نہ هو. سنسار جي ڪنهن بہ شيءِ جو اَحساس نہ هو. هنجي چئني طرف، جادوءِ ڀريا سفيد رنگ ۽ ورن نہ ڪري سگهڻ جهڙي ۽ سمجهہ ۾ نہ ايندڙ، سندرتا ڦهليل هئي. جڻ تہ هنجي چوگرد روشنيءَ جي هڪ چادر آهي ۽ هو پگهاريل چانڊوڪيءَ جي ڦوهاري ۾ پيو هلي. جڻ تہ هنجي چوطرف موتين جي لڙي پوئل آهي ۽ هو اُنجي جهلمل ڪندڙ هلڪي رنگ جي روشنيءَ ۾ پيو تري. اوچتو هو گلن جهڙي ڪومل ڇاريءَ وٽ وڃي، دنگ رهجي ويو ۽ اُن سان پٺي لڳائي بيٺو رهيو. جڻ هو اُن بي پناهہ خوبصورتيءَ جو مقابلو ڪرڻ لاءِ مجبور هو. هن ڏکيو ساهہ کنيو ۽ ٽرانا کان پڇيو، ”ڇا هنکي ڪنهن ماڻهوءَ جوڙيو آهي؟“

”هڪ نہ، پر هزارن. تون ڇا ٿو سمجهين؟“

”مان ائين ٿو محسوس ڪريان تہ تاجمحل ڪنهن نہ ٺاهيو آهي پر هو پنهنجو پاڻ ڌرتيءَ تي هڪ گل وانگر پيدا ٿيو آهي.“

ٽرانا هڪ نئين نظر سان راجوءَ کي ڏٺو. پوءِ چيائينس، ”اَچ تہ هن مناري تي چڙهون.“

مناري جي ڏاڪڻين تي چڙهندي راجوءَ پڇيو، ”هن بادشاهہ کي پنهنجي راڻيءَ سان بيحد پيار هوندو؟“

ٽرانا اُنهيءَ ڪاٻه ورندي نه ڏنس. اجايو سوال هو، ۽ اُنجو جواب اجايو ئي ٿيندو. مناري جون باقي ڏاڪڻيون به مات ميٽ ۾ ختم ڪيائون. مٿي پهچي راجو گستاخيءَ ڀرئي آواز ۾ چيو، ”مان توهانجي لاءِ هڪ ڀيرو تاجمحل ٺهرايان؟“

ٽرانا چنچل نگاهن سان ڏانهس نهاري چيو، ”ڇو ڀڄڻ وڃڻ جو ويچار لاهي ڇڏڻ چا؟“

راجوءَ هٿ جي اشاري سان، لاپرواهيءَ ۾، ڄڻ ٻئي ڀڄڻ کي پنهنجي دماغ مان هٽائي ڇڏيو. هن چوطرف نهاري چيو، ”اُف...اُف، هي نه منهنجي جهنگل کان به وڌيڪ دلڪش آهي!“

اوچتو ئي اوچتو هو سڀڪجهه ڀلجي ويو. هن پنهنجي دماغ ۾ تاجمحل کي جهنگل جي وچ ۾ ڏٺو- پنهنجي ڄاتل سڃاتل ڪنهن جهنگل ۾.

جهنگل چوطرف ڪاهيءَ وانگر ڦاٽي پيو هو ۽ اُنهيءَ زمردي خوبصورتيءَ ۾ تاجمحل سفيد ڇهري وانگر چمڪي رهيو. هو هڪ مور ٿي ڄڻ ڪوهيڙي جي ٽڪرن ۾ ڪوهيل هيءَ درشيه ڏسي رهيو هو. ڌيري ڌيري هن پنهنجي ڪمبل مان ٻانسري ڪڍي مات ميٽ ۾ چپن تي رکي، اکيون پوري ڇڏيائين.

هو دور ڪان آيل گيت جهنگلن، جهرڻن ۽ آبشارن ۾ ٻليل گيت، نيري آڪاس، اُڏامندڙن پکين ۽ لڏندڙ ٽارين ۾ ٻُڌل گيت، جهومندڙ ماٿرين، نچندڙ

وڃندي."

"ڇڏڻ ڏينس ريل کي." راڄوءَ پنهنجا چپ ترانا جي چپن تي رکي ٿي ڇڏيا. هنن جي چوگرد چٽ محراب، منارا ۽ گنبذ بلند ٿيندا ويا. چارئن وغيره مان چٽ روشنيءَ جا جهرڻا ڦٽي ٿي وهڻ لڳا. ڏکها ڏکها ساهه کڻندي، تاجمحل جي حسن ۾ ٻڏل مدهوش چانڊوڪي، پيار جو ميناج، هنن جي چپن ۾ ملائيندي وئي.

هو ٻئي مال گاڏيءَ جي گاڏي ۾ ويٺا هئا. ڏاڍيءَ دلچسپيءَ سان، اڌ کليل در مان ٻاهر جو بدليل نظارو ويني ڏٺائون. ريل ۾ هنن جو هي پهريون سفر هو. هو ڪيترا نه خوشنصيب هئا، جو سڄي گاڏي ۾ هنن سان گڏ، هڪ مينهن کانسواءِ ٻيو ڪو به نه هو. اڌ کليل در مان ٿڌي هوا جا جهوٽا پئي آيا. انهن جهونڪن، جڏهن ترانا جا وار اڏائي سندس ڳلن تي ٿي آندا، تڏهن راڄو هلڪي پنهنجن هٿن سان هٽائيندو ٿي ويو. جڏهن راڄوءَ جون آڱريون هڪ پل لاءِ ترانا جي ڳلن کي ڇهنديون هيون ته انهن رت جي حرڪت تيز ٿيڻ لڳندي هئي. پيار ڪندڙ هٿن ۾ به ڪهڙو نه جادو ڀريل آهي! ان وقت راڄو ٻسري وڃڻ چاهيندو هو، پر "هش..." ٿي ترانا روڪيندي هئس، "پاسي ۾ ويٺل ٻڌي وٺندا."

هن مال گاڏيءَ ۾ ڪيترين ئي مينهن بمبئيءَ

ويٺون، جن سان گڏ سندن سنڀاليندڙ به هئا، جيڪي
ٻن، ٻن ۽ ٽن، ٽن جي ٽولين ۾ هئا.

هو ٻئي بيحد خوش هئا جو کين هن مال گاڏيءَ ۾
جڳهه ملي هئي. جيتوڻيڪ کين ڏاڍيءَ مشڪلات سان
ماڻهن جي نظرن کان پاڻ بچائي ريلوي يارڊ ۾ گاڏيءَ
۾ گهڙڻ جو موقعو مليو هو. ريلوي يارڊ ۾ جتي هيءَ
مال گاڏي بيٺي هئي، اُتي ريلوي وارن، کين ڏسندي
به قابل ٽتل ڪڍڻ ۾ گوال سمجهي، ڌيان نه ڏنو هو.
اسٽيشن جي دروازي مان ريل گاڏيءَ ۾ چڙهڻ لاءِ نه
ٽڪيٽ بابوءَ پليٽفارم تي اچڻ ئي نه ڏنو هون.

رات جو جڏهن گاڏي هڪ لالٽين واري ننڍڙيءَ
اسٽيشن تي بيٺي ته هي ٻئي اُن گاڏي مان لهي،
پاسي واري گاڏي ۾ وڃي چڙهيا، جتي هڪ موٽرڪار
رکيل هئي، جو جو مٿهن جو سنڀاليندڙ هڪ ٻه دفعا
ڪن منٽن لاءِ، اُن گاڏي ۾ ڏسڻ جي لحاظ کان آيو
هو. اُن وقت ٻئي ٽورن منٽن لاءِ گاهه پوَسي ۾ وڃي
لڪا هئا. هن گاڏي کي وري ڇت ڪانه هئي.

جڏهن مال گاڏي اسٽيشن کان گهڻو اڳتي هلي،
تڏهن هي ٻئي وڃي موٽرڪار کي ڏسڻ لڳا ۽ ان
چمڪدار سطح تي هٿ ڦيري اُنجي ملائم، ڦسلندڙ
سونهن جو اندازو لڳائڻ لڳا. راجوءَ ڪلي چيو، "ڪراڙا
هيءَ ڪار ته... اصل ٿلهڄي وارن وانگر چمڪڻي ۽
گسڪڻي آهي!"

”ڇي!“ ڇوندي ترانا لڄ کان لال ٿي ويئي.

راجوءَ ترانا جو هٿ پڪڙي چيو، ”هل ته هن موٽر کار اندر وهون.“

”نه، ڪير ڏسي وٺندو.“

”اڙي ڪير ڏسندو؟“ ڇٽي هن هٿنبدل گهمايا جي سڀ اندران بند هئا. ٻنهي کي ڏاڍي مايوسي ٿي.

رات جي اڌڪار وڌي رهي هئي. هوا به تيز ٿي لڳي. ترانا سيءَ محسوس ڪري رهي هئي. هوءَ يڪدم سوڙهي سڪوڙجي ٿي راجوءَ جي ڀرسان ويهي رهي. هن آهستي آهستي پنهنجو ڳاٽڪي راجوءَ جي ڇاتيءَ تي ڪري ڪيرايو هو؛ ڏکهو ساهه کڻي، ڏاڍو راضي ٿيل آواز ۾ چيو، ”هيءَ کلئي آسمان واري چمڪندڙ تارن واري رات ڏاڍي سٺي آهي.“

”هون ...“ راجوءَ ڏڍري جواب ڏنو.

”راجو، ڇا پيو سوچين؟“

”ترانا، مون سوچي ورتو آهي.“

”پر ڇا سوچيو اٿيئي؟“

”مان بمبئيءَ ۾ وڃي، تو لاءِ هيڏي وڏي موٽر وٺندس......“

”لون ته اُتي به ڏيکا وٺڻ لاءِ سوچي رهيو هئين.“

”نه.“

”ٻ مون لاءِ، تاجمحل به اَڏائي رهيو هئين نه!“

”نه... هاڻي تو لاءِ هڪ موٽر وٺندس. هن کان به

پنهنجا ٻه ٻڍا ملي وڃن ته پوءِ مان توکي ترت ڳولي
وٺي هلندس... هلندين نه؟ ترانا ٻڌاءِ."

ليڪن ترانا، راجوءَ جي سيني سان لڳي سمهي
پيئي هئي. هوءَ هري هري ٻـارن وانگر ساهه کڻي
رهي هئي ۽ سندس سيني سان لڳل اهڙي ته معصوم،
پياري ۽ پاڪيزه ٿي نظر آئي، جو ڄڻ هن ٻار کي
راجوءَ جي سيني جي حوالي ڪري ڇڏيو هو. سڄي
رات هوءَ ائين سندس سيني سان لڳي سمهي رهي
۽ راجو به هنکي پنهنجي ڇاتيءَ ۾ ڇپائي، ڪڏهن ليٽيو
ٿي، ڪڏهن جاڳيو ٿي، پر هڪ دفعو به پنهنجي جڳهه
تان نه اٿيو. آڌي رات ڪانپوءِ هنجي اک لڳي وئي.
جڏهن جاڳيو تڏهن ڏٺائين ته صبح ٿي چڪو هو. سج
جا ڪرڻا ترانا جي وارن مان ڇڻي هنجي مکڙي تي
پئجي رهيا هئا ۽ ترانا پنهنجون وڏيون اکيون کولي
هنجي ڇاتيءَ تي جهڪي هن ڏانهن عجب ۽ آنند ۽
گهري پيار سان ڏسي رهي هئي. راجوءَ اکيون کولي
ڌيري ڌيري پنهنجون آڱريون تـرانا جي چپن تي
ڦيريون ۽ چيو، "بلڪل موٽر ڪار وانگر!"

ترانا اڳيان جهڪي پنهنجا سيـ وار هنجي چهري
تي پکيڙي ڇڏيا ۽ پنهنجا چپ هنجي چپن اڳيان آڻي
چيو، "ڇا ڪار به هن وانگر منڙي ٿيندي آهي؟"

۽ ڪيتري وقت تائين هو ٻئي هڪٻئي جي آغوش
۾ لين وينا رهيا ۽ هنجي مٿان تمام دور نيرو آڪاس

هو، جنهن ۾ هڪ اُبابيل پکي پر ڦهلائي هري هري اڏامي رهيو هو.

مال گاڏيءَ جي سفر، راجوءَ کي ڪافي چالاڪ بڻائي ڇڏيو هو. ريل مان ڪڏهن ڪهڙيءَ اسٽيشن تي لهڻ کپي، سستو ڪاڌو اسٽيشن کان ٻاهر ڪٿي ملندو آهي، پاڻيءَ جو نل ڪٿي هوندو آهي، پوليس ڪٿي چڪر لڳائيندي آهي، اسٽيشن جي ڪهڙي پاسي لهڻ کپي، بنا ٽڪيٽ سفر ڪندڙن لاءِ هي سڀ ڏکيا ۽ سنڌن فن جا سوال آهن، جيڪي فقط پنهنجي آزمودي سان ئي حل ٿي سگهندا آهن. ٻهراڻ راجوءَ پلون ٻـ ڪيون، پر اتفاق سان بچي ويو.

بمبئي شهر ويجهو اچي رهيو هو. ٽرانا ڪـي ڏاڍي اُج اُچي لڳي. رستي ۾ هڏن هڪ منڪي ورلي هٿي. پر هر دفعي راجوءَ کي پاڻي پيڻ لاءِ پليٽفارم تي وڃڻو پوندو هو، جيڪر ڏاڍو ڏکيو ڪم هو. انڪري هو اڪثري راند جو ئي پاڻي پيئندو هو. ڏينهن جو ٽـام مشڪل سان ٻاهر نڪرندو هو. راند جو هونءَ ئي ڪين پنهنجو ميڻهن وارو ڪاڏو ڇڏي ڪار واري ڳاڏي ۾ اچڻو پوندو هو ڇو جو اُنوقت هنجو سڀيالينڊ پنهنجن دوستن کان الڳ ٿي اچي هتي سمجهندو هو.

”هاڻي بمبئيءَ هلي پاڻي پيئبو، جيڪا چرنتا، ٻن ڪلاڪن جي دوريءَ تي آهي.“ راجوءَ چيو.

”مان نه اُج ۾ مري ويندس. ڇا نه گرمي آهي!“

ٽپ ماري لهڻ جي ڪوشش ۾ ٿي ڪئي، پر راڄوءَ مٿس ڪيس ۽ رڙ ڪري چيائينس، ”گهٻراءِ نه، ترانا، اسين بمبئيءَ ۾ ملنداسين. مان توکي ڪيئن ٻه ڳولي لهندس.“ ترانا بيوس ۽ مجبور ٿي اڌ کليل دروازي کي پڪڙي بيٺي هئي ۽ مايوس نگاهن سان هنکي تڪيندي رهي.

راڄوءَ کي پريان گاڏي هڪ ٽٻڪي وانگر پئي لڳي، جو ٽٻڪو ٻه ڏيري ڏيري غائب ٿي ويو. هو ريل جي پٽي تي اڪيلو ڪُڙو هو. سوچڻ لڳو، ”بمبئيءَ ۾ مان ڪٿي ويندس؟ ترانا ڪٿي منهنجو انتظار ڪندي؟ ڪيئن ڳڏجندي؟ بمبئي ته شاهي شهر آهي، ڪٿي پيو ڳوليندو ساڻس؟“

# ٻئي ٻستي ٻڪيو مسافر

بمبئيءَ ۾ مال گاڏي، گورهگانؤ اسٽيشن تي پهچي رڪي ۽ پوءِ ريلوي يارڊ جي اُصل پڇاڙيءَ لائين هلي ويئي، جتي گاهه جا وڏا وڏا ڳنڍا رکيا هئا ۽ ڪيترا گوال پنهنجين مينهن جي انتظار ۾ بيٺا هئا. جڏهن گاڏي بيٺي ته ڪيترا پئيا مينهن کي لاهڻ لاءِ ڳڏ ٿي ويا. ترانا ٻاهر ليئو پائي، هيڏانهن هوڏانهن نهاري. گاڏي مان ٽپ ماري ٻاهر آئي. اوچتو اُن گاڏي جي مينهن واري، جنهنجو نالو راڌو هو، تنهن لهندو ڏسي ورتس. هو سندس پٺيان آيو ته هوءَ وٺي ڀڳي. پر راڌي ڪڙو

ٻوڙي پڪڙي ٿي ورتس. ڏرانا پاڻ ڇڏائڻ جي ڪيتري
ڪوشش ڪئي، پر ڪامياب نہ ٿي.

راڌو، ڏرانا کي ڪيترا ئي رستا گھمائيندو، هڪ ٻماڙ
چال اڳيان اچي بيهاريو. هو ڪيس ٻئين ماڙي ڏي وٺي
ويو. ستين نمبر ڪوٺيءَ اڳيان بيهي در کڙڪايائين.
اندران هڪ ڪرڙوڙ ٿلهي عورت نڪري آئي. سندس
وارن ۾ ڪيس لڳل هو ۽ چپن تي لپسٽڪ. اکين مان
ڏاڍي آزمودگار ۽ چالاڪ پئي لڳي.

"ڇا آهي، راڌا؟" ٿلهيءَ زال، ڏرانا کي گھوريندي
پڇيو. راڌي کيس اک ڀڃي چيو، "هيءَ ڇوڪري گھران
ڀڄي آئي آهي. هنکي حوالات ۾ وٺي ويٺو آهي، پر
ويچاري ڏاڍي ٿڪل ۽ ماندي ٿي لڳي. ٿورو سمان
ساهي ڪرائيس تہ پوءِ پوليس چونڪيءَ ڏي وٺي
ويندوسانس. وڪٽر ڪٿي آهي؟"

"هو ١١ نمبر ۾ پتي راند ويٺو ڪري،" هن عورت
ڏرانا جي ٻانهن پڪڙيندي چيو، "گھٻراءِ نہ، سڀ ڪجهہ
نيڪ ناڪ ٿي ويندو. مهنجي هوندي توکي ڪير بہ
هٿ نہ لائي سگھندو. مان تہ تنهنجي ماءُ وانگر آهيان.
اندر هل."

ماءُ جو نالو ٻڌي ڏرانا اچي سڏڪن ۾ ڇرڪي.
ٿلهي عورت کيس سانت ڪرائي اندر وٺي ويئي. راڌو
اندر نہ آيو، وڪٽر وٽ هليو ويو. هڪ ڪلاڪ بعد
وڪٽر ۽ راڌو اُتي آيا. ڏرانا سمان ڪري ڪائي ٻي هڪ

ڪوچ تي ويٺي هئي. ڪمري ۾ يسوع مسيح ۽ مريم جون رنگين مورتون ٽنگيل هيون. در ۽ درين تي نيري رنگ جا پردا ٽنگيل هئا. ٿلهي زال ناول وٺي پڙهيو، ناول تي هڪ اڌ-ننگي عورت جي تصوير هئي، جنهنجو سينو لڳ ڀڳ ننگو هو. ترانا گهبرائجي پنهنجي سيني تي هٿ رکيو. وڪٽر ڪيس گهوري ڏٺو. پوءِ راڌي کي وٺي ٻاهر ويو.

"ڪيئن آهي؟" راڌي فخر سان پڇيو.

وڪٽر وراڻيو، "٥٠٠ رپين جو مال آهي."

"وچ وچ، پڪر هڪ هزار وٺندس. سڄي بمبئي گهمي اچ ته به اهڙي ڇوڪري نه ملندءِ."

"اصل گجراڻ ٿي لڳي. سهڻي صورت تي ... تي پيو، لڇڻ به ته ڪين نه. مونکي ڇهه مهنا ... ڪي ماري ڪٽي سيکارڻو پوندو. پنج سؤ به گهڻا اٿيئي."

"چڱو، ٧٠٠ ڏج."

وڪٽر چيو، "٥٠٠ هينئر وٺ، باقي هڪ سو ٻه پوءِ ڏيندو سانءِ."

"چڱو، ٥٠٠ هينئر ڏي."

"ممي، ممي" وڪٽر ٿلهي عورت کي سڏ ڪيو. هوءِ ٻاهر آئي ته وڪٽر کيس گوئاني ٻوليءَ ۾ ڪجهه چيو. ٿلهي زال اندر ويئي. جڏهن ڪجهه وقت بعد آئي ته هن ٥٠٠ رپيا وڪٽر جي هٿ ۾ ڏنا. اُنهي ... ورتي راڌي کي ڏنا، جيڪا وٺي رفوچڪر ٿي ويو.

ڪرسيءَ جي چوگرد هڪ سيمنٽ جو لوڙهو ڏنل هو.
اُن اندر هڪ ۱۴-۱۵ سالن جو ڇوڪرو رنگين بشرٽ ۽
خاڪي نڪر پاتو ويٺو هو. هو سيٽي وڄائي رهيو هو ۽
هي سڀ تماشو ڏسي رهيو هو. وڪٽر ڪيس سڏ ڪري
هڪ رپيو ڏيندي چيو، ”جان، هڪ ٽئڪسي ته وٺي
اچ.“ جان رپيو وٺي، ٽپندو ڏاڪڻيون لهندو هيٺ
لهي آيو.

ٽئڪسي ڪولابا ڏانهن ڊڪندي پئي وئي. پهچڻ
تي وڪٽر ترانا کي پڻ اهوئي چيو ته، هو ڪيس پوليس
حوالي ڪرڻ وڃي رهيو آهي. ترانا هلندڙ ٽئڪسيءَ مان
ٽپي نه ٿي سگهي، پر وڪٽر جي گهر کان نڪرڻ کان
اڳ ۾ ٻه دفعا ڀڄڻ جي ڪوشش ڪري چڪي هئي،
ليڪن ناڪامياب ٿي هئي. هن دل ئي دل ۾ پوليس
کي به پاڻ بابت سڀ احوال نه ڏيڻ جو فيصلو ڪيو.
هوءَ پاڻ پوليس کي شڪايت ڪري، هنن ماڻهن جي
ڌمڪين کان سدائين لاءِ آجي ٿي ويندي. هن سوچيو،
ڪيس هلائي ڪو به بمبئيءَ مان نه ڪڍي سگهندو. هوءَ
پناهڪوٽ کان به ڪافي دور هئي. هتي پڻ نمبردار
جي حرص هوس جي ڪارروائي کان به بچيل رهندي.
انڪري جڏهن وڪٽر ڪيس پوليس ۾ وٺي وڃڻ لاءِ چيو
تڏهن هن اهو دل ۾ قبول ڪري ڇڏيو. جڏهن ٽئڪسي
هڪ نئين پنج ماڙ جڳهه اڳيان اچي بيٺي تڏهن ترانا

پڇيو، ”ڇا پوليس اسٽيشن اچي ويئي؟“

”ها، لهه.“

ٽرانا ٽئڪسيءَ مان ٻاهر آئي. وڪٽر ٽئڪسي ڀيهاري ڇڏي ۽ ٽرانا کي لفٽ ۾ پنجين ماڙي تي وٺي ويو. اُتي هن ڪنڊ واري فليٽ جي گهنڊڻي وڄائي ته هڪ ڏگهو مٺو پنجابي نوجوان، سلوار ۽ خميس پهريل، نڪري آيو. هنجا وار ڊگها هئا ۽ اڳيان ٻه ڏند سون جا هئس. هو مشڪي رهيو هو.

”مئڊم اندر آهي؟“

”ڪون ڪير آهين؟“ پنجابيءَ پڇيو.

”مئڊم کي چئو، وڪٽر آيو آهي.“

دروازو بند ٿي ويو. ٿوري دير بعد مئڊم پاڻ دروازي ڪان ليٽو پاني ڏنو. وڪٽر کي سڃاڻي مشڪيائين، ٽرانا کي ڏسي وڌيڪ مشڪيائين ۽ سهڻو در کولي چيائين، ”اُچو... اندر اُچو.“

ٽرانا ۽ وڪٽر اندر ويا. هڪ نيم اونداهي شيڊ هئي، جنهنجي ٿلهي غاليچي ۾ پير اندر دٻجندا پئي ويا. شيڊ جي هڪ طرف يپت هئي، ٻئي طرف پلاءِووڊ جي ڪئبن هئي. ڪئبن جي اندر زالن ٽهڪن ۽ شرابي زالن جا آواز پئي آيا. روشني جهڪي هئي. هڪ ڪئبن مان هڪ اڌ-ننگي عورت پنهنجو بلائوز هٿ ۾ ڪٽي ٻاهر ڀڳي ۽ چلايائين، پر هڪ ڪاري مضبوط هٿ کيس ٻڪلم اندر ڇڪي ورتو. ٽرانا فقط هنجو ننگو

سيدو ڏنو ۽ دنگ رهجي ويئي. پڇيائين، ”هيءَ ... هيءَ پوليس چونڪي آهي؟“

وڪٽر وراڻيو، ”ها، زالن جي پوليس چونڪي...“

”اوهه ... زالن جي الڳ پوليس چونڪي ٿيـــندي آهي. اسانجي ڳوٺ ۾ نه مردن زالن لاءِ هڪ ئي پوليس چونڪي آهي.“

”هيءَ عجيب آهي...“ وڪٽر ڳرانيءَ سان چيو.

مئڊم، ترانا کي ٻن ڪرڙوڻ زالن جي حوالي ڪيو. هنجي ڪن ۾ ڪجهه چيائين ۽ پاڻ وڪٽر کي وٺـــي پنهنجي آفيس ۾ هلي ويئي.

مئڊم پيلو مدهن ڪري وڪٽر کي چيو، ”تون هنکي مال ٿو چوين؟“

وڪٽر وراڻيو، ”هھڙو مال نه تنهنجي ونشاليه ۾ ا-، نه هوندو. هڪ ته ڇوڪري هنجي پيرن لائق ته ڏي-ڪار نه هڪ پئسو نه ونندوسانءَ.“ مئـڊم چيو، ”توکي خبر آهي ته شهر جا وڏا وڏا ماڻهو، پڙهيل ڳڙهيل، اميـــر، آفيسر وغيره مونوت ايندا آهن... ڇا هيءَ ڳنوارڻ هننکي وڻندي؟“

”مئڊم، تون نه هڪي جلدي سيکاري وٺندينءَ. تو ڏٺو اها ڪهڙي سورهياڻي آهي؟ ليڪن ڏس تـــه سهڻي، ڪيتري نه خوبصورت آهي، جهڙو چنڊ جو ٽڪرو؛ ڇا ڀالي ڀولي، شريف، معصوم ۽...... گلدستو جي پاڻ...

وانگر اُڇليل. يسوع مسيح جو قسم- وٺي رکيس."

"بي ايمان..." مقدم ڪليو، "٧٥٠ رپيا ڏيندس."

"١٢٠٠ ۾ گهٽ آئي، ٥٧٠ ۾ ڪيئن ڏيندس؟"

"ساڍا ست سؤ به گهٽا اٿيئي."

"مقدم، تو هيڏا وار پرم ڪرايا، ڇين لي لپسٽڪ لڳائي ۽ نئين فيشن جو چرغو ٺهرايس، انگريزي گٽ مٽ سيکاريس ته هيءَ ساڍا ست سؤ رپيا ان ڏينهن ۾ ڪمائي ڏيندءِ. ٻڌاءِ اهڙو سؤدو لائو آهي؟"

"چڱو، ٩٠٠ رپيا وٺ."

"نه، يسوع مسيح جو قسم، مريم جو سئهن، مون هنکي پوري هڪ هزار رپين ۾ خريد ڪيو آهي، ٻارهن سؤ وڌيڪ ناهن. تو سان به مهنجو جهونو ڏنڊو هلندڙ آهي. ٻڌاءِ ڪڏهن مهنجي مال لاءِ شڪايت ملي اٿيئي؟"

مقدم ١١٠٠ رپيا ڪڍي وڪٽر جي هٿ ۾ رکيا. هو سيٺي وڄائيندو هليو ويو. ٽرانا سان به ملڻ جي ضرورت نه سمجهيائين. جڏهن وڪٽر ويو، تڏهن مقدم مٽل سيٺ کي فون ڪيو.

"هيلو... ڪير؟ اوهه سي-سي." مقدم جو سچو سچو نالو نه الاجي ڇا هو، پر سڀ کيس سي-سي ڪري سڏيندا هئا. "هان! سچ پچ هنکي وٺي جاءِ اچ." مٽل فون لي ڇڏيس. پوءِ هن آهستي وسڪيءَ جو ٻه ڪ پيتو ۽ چيو، "نه... نه اهڙن ڪمن لاءِ مرنکي

سدائين فرصت هوندي آهي.“

”نه، نه، هتي اچ. روزي هتي ڪالهي. مونسان وڙهي وئي آهي. مان ۽ ٻ پڙهيل ڇوڪرين مان لنگهه لئي پيو آهيان. ٻئي گهٽي هٽن، پر بدن پولهر الن، ڪتاب گهٽا پڙهن، ڪم جون ڳالهيون گهٽ ڪن... ها... ها... سي-سي مان ترسيو ويٺو آهيان.“

مٺل سيٺ ڪو ٻيو ڪونه هو، پر جوان هو ۽ ۽ هاءِ ڪلاس سرڪلس ۾ اوباش عورتن ۾، پنهنجي طاقت کان مشهور هو. ايشور ڄاڻي اهو سچ هو يا ڪوڙ. گهٽ ۾ گهٽ ڏس ۾ ته اهڙو نه لڳندو هو. ليڪن هو ڏاڍو شاهوڪار. ۽ ته ڪپڙي جون ملون هئس. پگل ٽنل لوهه وغيره سان سندس گدام ڀريل هئا. هر مهني لوهه جي ٻيڙيل ٽڪرن جو جهاز ڀري جپان موڪليندو هو. چرچگيٽ وٽ بمبئيءَ جو سڀ کان وڏو ڊپارٽمينٽ اسٽور به سندس ئي هو. ٽي سئنيما گهر هئس. ڪولابا ۾ چار فئشنبل ڪافي هائوس هئس، جيڪي مئڊم سي-سي-جي سنڀال هيٺ هلندا هئا. انکانسواءِ مرين ڊرائيو تي ١٥ فلئٽن واري جڳهه جو مالڪ هو. ڪيس ٻيمت ئي ڪانه هئي ته هو هيترو ناڻو ڪيڏانهن ڪري. خرچائو بـ خوب هو. سندس پارٽين ۾ وسڪي، پاڻيءَ وانگر وهندي هئي ۽ ننگيون عورتون انهن مڇين وانگر ترنديون هيون. هن لاءِ دنيا هڪ وڏو مذاق هئي. ٣٥ سالن ۾ ئي هن دنيا

جا سڀ مزا ماڻي چڏيا هئا ۽ هاڻ هو هر رات جو ٽئين مزي لاءِ بيقرار رهندو هو. ليڪن دنيا جا مزا به محدود آهن. کائڻ پيئڻ، رلڻ پنڻ ۽ سمهڻ. انکان پوءِ باقي بچي ٿو، غم جو مزو. مگر شاهوڪار ماڻهوءَ کي غم ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟ زندگيءَ جي کيل جو هر ڪر مهرو سندس هٿ ۾ آهي ۽ هو هر ڪا راند جيتي ٿو. هارائڻ جو مزو ڀلا، شاهوڪار ماڻهو ڇا ڄاڻي؟

مئڊم سي - سي جڏهن ٽرانسا کي وٺي مٽل وٽ پهتي، تڏهن کيس اُن ڳالهه ۾ ڪو به شڪ نه هو ته مٽل ٽرانسا کي ضرور پسند ڪندو. اهڙي حسين ڇوڪري هن مئڊم ڪڏهن خيال ۾ به نه ڏٺي هئي. ليڪن مئڊم لاءِ مسئلو هي هو ته ٽرانسا کي، پنهنجي ڪافي هائوس لاءِ ڪيئن رزرو رکي.

اهوئي مسئلو ٻنهي جي سامهون ڪڙو ٿي ويو. سي - سيءَ چيو، ”ڇوڪري ڏاڍي سهڻي آهي، معصوم، ڀالي ڀولي، گلئڪسو ملڪ پائوڊر وانگر، اڇيهيل.“ هن وڪٽر جو جملو دهرايو.

”مونکي گلئڪسو ڏاڍو وڻندو آهي،“ مٽل چيو.

”مان نمبر ون ڪافي هائوس لاءِ رکڻ چاهيانس ٿي.“

”مونکي ڇوڪري پسند آهي،“ مٽل چيو.

”مٽل، بزنيس کي نه وسارجو.“ سي - سي پنهنجي سيڪنڊ پارٽنر کي سمجهائڻ لڳي، ”هيءَ جيڪڏهن

ڪافي هائوس ۾ رهي ته ٻهرئين سال ۾ هر رات جو ٥٠٠ ڪان گهٽ نه آڻيندي، ٻئي سال ٽي سؤ ۽ جيڪڏهن پوري سنپال سان هلائي ويئي ته ڏهن سالن لاءِ هر روز هڪ سؤ رپيا آڻيندي. ذرا سوچ تنهنجي مرڻ ڊرائيو جي بلڊنگ مان ته ماهوار مسواڙ اينري نٿي ملي. لوهه جي اسٽيل نڪرن جي بزنيس مان به ايترو فائدو ڪونهي. ڊپارٽمينٽ اسٽور ته ڇهن سالن ۾ ايترو فائدو نٿو ڏئي، جيترو هيءَ ڇوڪري ٻهرئين سال ۾ ڪڍي ڏيندي. بزنيس جي ڳالهه ڪر."

"بزنيس جي ڳالهه ته روز پيئي ٿئي. گهٽي ورلڪه؟"

"ٻن هزارن ۾!" سي-سي جلد جواب ڏنو.

مٿل ڪيسي مان چيڪ بوڪ ڪڍي پنجن هزارن جو چيڪ ڦاڙي ڏنو ۽ چيو، "ڪون سال بعد ڪيس وٺي وڃج، ٿي سگهيتو، ڇهين مهني يا ٽي مهني ڪانپوءِ ئي هوءَ موڪلي ڏيندس. ليڪن سي-سي، ائين محسوس ٿو ڪريان جڻ ڪيس سڄي عمر پاڻ وٽ وهاري ڇڏيان."

"ها، هنجي حسن ۾ هڪ شعلو پيو جهلڪا ڏئي. هنجي معصوميت ۾ هڪ چئلينج آهي. هنجي خوبصورتيءَ ۾ برفيلي پهاڙن جي پاڪيزگي آهي." هوءَ خود هڪ فريبي عورت هئي. اوچانڪ پاڻکي سين نديءَ جي ماٿرين ۽ پهاڙين ۾ گهمندو محسوس ڪيائين. ڪڏهن

هوءَ به هڪ ڪنواري ڇوڪري هئي. هن به ڪنهن کي محبت ڪئي هئي. اُنجو نالو هو گارسان. گارسان...گارسان. منهنجا پيارا سپاهي اڄ تون ڪٿي آهين؟ ڇا توکي ڪڏهن جولي به ياد ايندي آهي؟ جولي، جيڪا اڄ سي - سي آهي.

سي - سي پنهنجي ڪچليل لمحن جي ڪافي هائوس ۾ گم ٿي ويئي. هن جي اکين ۾ آنسو لڙي آيا. ها، ڪڏهن هن جي حسن ۾ به برفيلي پهاڙن جي پاڪيزگي هئي. هوءَ سپنن ۾ سمائجي ويئي. هوءَ ڪيتري نه خوبصورت هئي، سندس وار، پرهه ڦٽيءَ جي ڪرڻن کان به سفيد ۽ ريشم جهڙا ملائم هئا، جيڪي هوا جي جهونڪن سان بار بار اڏامي سندس مکڙي تي پوندا هئا ۽ هن جو پريتم گارسان، هلندي هلندي رڪجي ويندو هو ۽ وارن کي سندن ڳلن تان هٽائي، کيس پنهنجي سيني سان لڳائيندو هو ۽ هن جا چپ چمي وٺندو هو. هن جي شادي، چند مهينن بعد ٿيڻ واري هئي ۽ هو ڳوٺ کان ٻاهر ماٿريءَ جي جهنگلن ۾ وڻن جي ڇانو ۾ هلي رهيا هئا. ”هاءِ! هيءَ لوينڊر جي خوشبوءِ اڄ به کيس گارسان جي ياد ٿي ڏياري، گارسان، منهنجا پيارا سپاهي، او بيوفا، او بيدرد، تون ڪٿي آهين؟......“

اوچتو مٽل هنکي، خوابي دنيا مان جاڳايو.
”هنکي اوچا ڪپڙا پهراءِ، قيمتي سينٽ لڳاءِ، شيمپين

پيار، ٻه ٽي ڏينهن ياڙهينس.“

منٽو چيو، ”سين جي ماڙين ۾ اڇا ٿائين برف جميل آهي. اُنکي پگهرجڻ ڏي.“

”دل جي ماڙين جي برف، سج سان نه، پر شيمپين سان پگهرجندي آهي، سي - سي.“ منٽو زور سان لهڪ ڏنو.

صبح ٿيندي ئي، بيڊروم ۾، آدم قد آئيني اڳيان، هلڪي گلابي ريشمي پردن ۾، گلدانن ۾ جهڪيل نرگسي گلن ۾، ريڊيوگرام جي جهيڻي جهيڻي سنگيت جي سرهاڻ ڦهلائيندڙ دونهي ۾، لبرانا جي سونهن نکري آئي هئي. هوءَ منٽو جي سامهون ويٺي هئي. ٻنهي جي وچ ۾ ميز پيل هئي. اُن تي ڪاڏي پيتي جون شيون ۽ شيمپين جا ٻه گلاس رکيا هئا. منٽو پنهن جو گلاس کڻي چيو، ”ڪڻ، شربت پيءُ.“

لبرانا شربت پي چيو، ”عجيب شربت آهي. اسانجي ڳوٺ ۾ نه شربت مٺو ٿيندو آهي.“

”هي شهر جو شربت آهي.“

”شهر جي هرڪا ڳالهه نرالي آهي. مونکي کهڙي ڪل نه هئي ايندي تو جهڙو مهربان ماڻهو ملي ويندو جو مونکي هر طرح مدد ڪرڻ لاءِ تيار ٿيندو. راجو ڪي جڏهن اِنجو پتو پوندو ته هو ڪيترو نه خوش ٿيندو.“

”راجو! هي وري ڪير آهي؟“ منٽو چرڪي پڇيو.

ٽرانا جي ڇهري تي لالاڻي ڦهلجي ويئي. لڄ کان مکڙو ڪٽي جهڪائي ڇڏيائين.

"پر هو راڄو ڪير آهي؟" متل ڪڙڪ ٿي پڇيو.

ٽرانا هنکي سڄو قصو ٻڌايو. قصو ٻڌي متل ڏاڍي لاڏ سان ٽرانا جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ ورتو ۽ انکي ٻئي هٿ ۾ دٻائي چيو، "چنتا نه ڪر، سياڻي ٿي منهنجا ماڻهو هنکي ڳولهي وٺندا. هنکي سڄي شهر جي اِلي پتي جي خبر آهي."

ٽرانا اَحسانمند نگاهن سان نهاري چيو، "تون ڪيترو نه سٺو آهين! منهنجو پيءُ به اهڙو سٺو نه هو. هن مونکي ٧٥٠ رپين ۾ پوڙهي نمبردار وٽ وڪڻي ڇڏيو."

متل کي ان ڳيت تي غصو به لڳو پر اهو پي ويو ۽ مشڪي هنجو هٿ دٻائيندو رهيو، جيستائين ٽرانا اهو پري نه ڪيو هو. متل چيو، "شربت پيءُ."

"نه، منهنجو مٿو ٿو ڦري،" ٽرانا آهستي چيو، "هي ڪهڙو شربت آهي؟"

متل چيو، "هنکي هڪ ئي ڳيت سان پي وڃ ته مٿو جاءِ ايندءِ. ڏاڍو سٺو آهي."

ٽرانا هڪ ئي ڳيت سان شيمپين جو گلاس خالي ڪري چيو، "تون مونکي سڪول ۾ ماستري وٺي ڏيندين نه؟"

"مون توسان اَنجام ڪيو آهي." متل وشواس ڏيارين.

"ماں... اگتي ... لڙهڻ... منهنجو مطلب آهي اڳتي پڙهڻ ٿي چاهيان."

ٽرانا جون اکيون ڦاٽي ويئون. هاڻ هنکي هڪ ٻدران ٻه مٿل نظر ٿي آيا. عجب ۾ پنهنجون اکيون مهٽڻ لڳي. مٿل پنهنجي ڪرسي ڇڏي، هنسان گڏ وڃي بستري تي ويٺو ۽ هنجي ڪمر ۾ هٿ وجهي چيائين، "پياري ٽرانا!"

ٽرانا هڪ رڙ ڪري اٿي. يڪدم ميز تان هڪ ڪانٽو کڻي چيو، "خبردار، جي منهنجي ويجهو آيو آهين."

"جهنگلي ڇوڪري!" ڇوندي مٿل هنجي مٿان ٽپو. ٽرانا ٻه بجليءَ جي تيزيءَ وانگر ڪانٽو سندس ڳچيءَ وٽ کپايو ۽ گلدان کڻي مٿي تي هنيائينس. پوءِ تہ جيڪو هٿ آيس سو مٿل کي هڻندي ويئي. هو رڙيون ڪرڻ لڳو. نوڪر اندر ڀڄندا آيا. ٽرانا ٻي ڪا واهہ نہ ڏسي سامهون دريءَ مان هيٺ ٽپو ماري، جيتوڻيڪ مٿل "نہ، نہ" ڪندو رهيو. هوءَ هيٺ هڪ دڪان جي ڇت تي وڃي ڪري جا لوهي هئڻ جي باوجود سٽ نہ سهي وڃي فٽ پاٿ تي ڪري. ٽرانا کي خير ڪا چوٽ لڳي. ڇت جي ڪرڻ جي آواز تي ماڻهو هن ڏانهن اچڻ لڳا. پر هوءَ جلدي اٿي هڪ گهٽيءَ ۾ گهسي ويئي، جا پيٽرول پمپ جي پٺيان ٿي وڃي. هوءَ اڳ پٺ نہ سوچي، ڊوڙندي گهٽيون بازارون پار

ڪندي ويئي. سندس پٺيان آواز پئي آيا، جي آهستي آهستي ٿي، ختم ٿي ويا.

اوچتو ترانا هڪ ڏکهي ڪرڙوڙ شخص سان وڃي ٽڪري. هنکي ٻڪڙي چوڻ لڳي، "مونکي ڇڏايو، مونکي ڇڏايو، بدمعاش، منهنجي عزت لٽڻ لاءِ پٺيان اچي پيا آهن. هو ماڻهو يڪدم هنکي گهيلي پاسي واري جڳهه ۾ گهڙي ويو. ڪيترائي ماڻهو آيا ۽ شور مچائي هليا ويا ۽ ترانا هن ماڻهوءَ سان لڳي ڏڪندي رهي. آخر گهٽيءَ ۾ سمائو ڇانئجي ويو.

گنگاڌر ونيتا آشرم جو مئنيجر هو، جتي گهر مان هڪاليل يا ڀڳل، بيوس ۽ مجبور ۽ شريف گهراڻي جي زالن کي اجهو مليل هو. هن آشرم ۾ خراب ٿيل عورتن کي گهرو ڪم ۾ لڳائڻ، پڙهڻ لکڻ، سبق پڙهڻ سيکارڻ لاءِ انتظام هو. هونئن ڪيترا آشرم ۽ انهنجا مئنيجر بدنام هوندا آهن. ليڪن گنگاڌر اهڙو نه هو. هو ايمانداري، سچائي ۽ محنت سان ڪم ڪندو هو ۽ اهو سماجڪ شيوا سمجهي ڪندو هو.

پر گنگاڌر ترانا کي آشرم بدران گهر ۾ اجهو ڏنو ته سندس ننڍيءَ ماءُ جي من ۾ شڪ پيدا ٿيو. ڪيس ڪوبه اولاد ڪونه هو. انڪري هوءَ گنگاڌر کي رڳو سندس پنهنجيءَ وانگر نه، پر هڪ ماءُ ۽ پيءُ وانگر به چاهيندي هئي. هنجي اندر پيا جيڪي به روپ هئا، سي سڀ هن گنگاڌر تي ٿي نڇاور ڪيا هئا. ترانا جيڪڏهن

ترانا ٿي ٿي چنبڙيندي هئي. سڄـــو وقت ڪيس ڪم ۾ رڌل رکندي هئي، ۽ پنهنجي اکين اڳيان وهاريندي هئس. هوءَ هنکي ڪاڏو گهٽ ڏيندي هئي، ڪم مان ويڪون ڪيندي هئي، ڏهڪائيندي هئس ته حرف به پٽيندي هئس.

هي سڀ خواب ڳالهيون هيون. پر هوءَ ڇا ڪري! پاڻ به ته مجبور هئي. زندگي ۾ ڏڪا کائڻ بعد ڪيس هي پتي مليو هو. ڇا هوءَ پنهنجي ٻڍاپي جي پوڙهـجي پنهنجن هٿن مان وڃائي وهي؟ مايا سڄو وقت لـــرانا خلاف، پنهنجي پتيءَ جا ڪن ڀيٽي ڀريندي هئي. هڪ ڏينهن شام جو جڏهن گنگاڌر گهر موٽيو ته مايا رڙ ڪري ورتس، "تنهنجي لاڏليءَ کي ٽي ڪلاڪ ٿيا آهن ا-زار وئي، اڃا نه موٽي آهي."

"رستو ڀلجي ويئي هوندي." گنگاڌر چيو.

"ڳوٺ مان بمبئيءَ ڪيئن آئي. سچ ٻڌاءِ، لڪي ڇپي توسان گڏجڻ ته نه ايندي آهي؟"

"ڇا پيئي ڳالهائين؟" گنگاڌر غصي ٿي ويو.

"مردن جي ذات ئي بيوفا ٿيندي آهي، مـــان سڀڪجهه ڄاڻانٿي." مايا به ڪروڌ ۾ اچي ويئي.

"بڪواس بند ڪر." گنگاڌر ڏڪ ڏڪاءَ ڪيس.

هنڪان اڳ هن ڏڪ ته ڇا هڪ گار به مايا کي نه ڏني هـــئي.

مايا زار زار روئڻ لڳي. گنگاڌر غصي ۾ هيٺ لهي

ويو. ڊاڪٽر لي ترانا گڏجي ويس. هن چپ چاپ ترانا کان پڇيو، "هيتري دير ڪٿي لڳايئهِ؟"

ترانا ٻهراڻ ماٺ ۾ رهي. پر پوءِ گنگادر گرجي پڇيو، "ٻـڌاءِ؟"

"مان راجوءَ کي ڳولڻ ويئي هئس."

"راجوُ ڪير آهي؟"

"راجوُ مونسان گڏ بمبئيءَ پئي آيو ۽ رستي ۾ اسين هڪٻئي کان جدا ٿي وياسين. مان روز کيس ڳـولڻ ويندي آهيان، پر اڃا تاءِ نہ گڏيو اٿم." ترانا جي اکين ۾ آنسو ڀرجي آيا.

"سٺ لکن ماڻهن ۾ هو تـوکي ڪٿان ملندو؟" اچانڪ گنگادر جو لهجو نرم ٿي ويو.

"نـہ مان هنکي ڪيئن ڳـوليان؟ مونکي راجو ڪٿان ملندو؟"

گنگادر ڀلا کهڙو جواب ڏئي هـو ماٺ ميٺ ۾ هيٺ هليو ويو. ترانا ٻہ ٽي آئي تہ در وٽ مايا بيٺي هئي. اکين مان آگ جـا اُلا وسائيندي ڏسڻ لڳيس. هن گنگادر کي ترانا سان ڊاڪٽر لي ڳالهائيندو ڏٺـو هو، سو پڇيائينس، "تون ڊاڪٽر لي هدسان کهڙيون ڳالهيون ڪري رهي هئينءَ؟" ۽ پوءِ جواب لاءِ ترسڻ بـنا ئي در بند ڪري ترانا کي چوٽيءَ کان پڪڙي ماري ماري اڌ مئو ڪيائين. ترانا پاڻ کي بچائڻ جي بيحد ڪوشش ڪئي، مگر مايا جي هٿن ۾ اڄ ڏهن

ڙالن جي طاقت اچي ويئي هئي. هوءَ هڪ شيرڻيءَ وانگر وقلي رهي هئي. هن ٽرانا کي ماري ڪٽي، چرنيءَ کان پٽي گهر کان ڪڍي ڇڏيو.

ٽرانا اڄ اداس ٿي هلي. هوءَ آنسون اگهندي هلندي ٿي ويئي. ڪيس خود به پتو نه هو ته ڪٿي پيئي وڃي. جيڪڏهن ڪڏهن چيڙ چاڙ تي ڪيس، به ڌيان نه ڏيئي هلندي ٿي هلي. ماڻهن جي هجوم ۽ شور غل ۾ هوءَ هڪ ڀٽڪيل روح وانگر هيڏانهن هوڏانهن نهاريندي، راڄوءَ کي غمگين نگاهن سان ڳوليندي پيئي ويئي.

شام مان رات ٿي ويئي. بزارن ۾ بجليءَ جا ڪڙڪبتا چمڪي اٿيا. سئنيمائن اڳيان گڏ ٿيل ڀيڙ کي چيريندي ٽرانا وڃي رهي هئي. جڻ پاڳلن وانگر ڊڪندي ٿي ويئي. پوءِ اوچتو پٿيون پٺتي رهجي ويئون. ڊبل ڊيڪر بسيون پٺتي رهجي ويئون. موٽرن جو گوڙ پٺتي رهجي ويو. آخر سڙڪ به پوري ٿي ويئي. هاڻي سندس سامهون ناريلن جا جهڳٽا ڪڙا هئا. اوچتو هن بنسريءَ جو آواز ٻڌو ۽ هوءَ ڊوڙندي ڊيهجي ويئي.

”راڄو...“ ٽرانا زور سان چلايو.

پريان پريان بنسريءَ جو آواز گونجي رهيو هو، ناريلن جي جهڳٽن کان به پري ٽرانا ان آواز جي پٺيان پڇڙ لڳي. سندس اڳيان پٺيان ناريلن جا جهڳٽا هئا.

ـ رستا ۽ ننڍيون جهوپڙيون هيون. هيٺ پاڻي هو

سوڳن جا گلڙ ۽ بدڪن جون قطارون هيون ۽ انهيءَ
وچ مان لنگهندي، ڊوڙندي، چلانگ ماريندي،
"راجو راجو" چلائيندي وڃي رهي هئي ترانا. جڻ
ٻسنريءَ جي ڌن ريشم جي هڪ ڏوري هئي، جنهن
سان ٻڌجي هوءَ بيقرار روح وانگر هلندي پئي ويئي.

اَچانڪ هنجي سامهون سمنڊ اچي ويو. سمنڊ جي
ڪناري پرسان پٿر تي راجو ويٺو هو. راجوءَ جي پٺي
ترانا طرف هئي ۽ هو ساگر کي ٻنسري ٻڌائي رهيو هو
۽ هنجي درد ڀري، ارمان ڀري تان، ساگر جي لهرن
تي ڦهلجي وڃي رهي هئي.

"راجو!" ترانا پنهنجي سڄي طاقت سان پڪاريو.

راجوءَ مڙي ڪيس ڏٺو. ترانا ٻئي هٿ ڦهلائي هن
ڏانهن ڊوڙي. راجو به چلانگ ماري ترانا ڏانهن ڀڳو.
ڀڄندي ڀڄندي ٻئي هڪٻئي جي ٻانهن ۾ جڪڙجي
ويا. ترانا اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳي. سمنڊ خوشيءَ
سان ڪلڻ لڳو. اوچتو سمنڊ جي هڪ زوردار لهر اچي
سندن پير پسائي ڇڏيا، جڻ سمنڊ جي گجيءَ جون
ڦيڻگون ڪين چئي رهيون هيون- "ساگر، پيار ڪندڙن
کي پرڻام تو ڪري."

هو ٻئي ڪيترا ڪلاڪ سمنڊ جي ڪناري تي ويٺا
ڳالهيون ڪندا رهيا ۽ سمنڊ جو پاڻي، سندن پٿر سان
ٽڪرجي، مدهوشيءَ جي عالم ۾ جهومي جهومي واپس
پئي ويو ۽ هنجي پٺ پٺيان ناريلن جي جهڳٽن ۾ ڪڙي

ڪيل هوٽل، نـاچ ڪندڙن لاءِ انگريزي سنگيت وڄائيندو رهي ۽ خوشبودار هوائون ڳرانا جي زلفن کي راڄوءَ جي ڳلن تي پکڙيندڙيون رهيون. هو ٻئي ڪلاڪن جا ڪلاڪ پٿر تي ويٺا روح رهاڻ ڪندا رهيا. ليڪن رات لاءِ نه نه وقت ٿي رهيو هو، نه سمنڊ، نه پٿر، نه هوٽل، نه سرهاڻ نه سنگيت.

اڄ ساري سنسار ۾ هو ٻئي اڪيلا هئا. اڄ وقت هنن لاءِ ٿي هو، سمنڊ جي ور لهڻ ۽ چڙهڻ هنن لاءِ هئي ۽ هوٽل ۾ وڄندڙ انگريزي سنگيت جو هر ڪو گيت هنن لاءِ هو. هن ٿي ڪن ۾ سڄي دنيا هنن جي هئي ۽ هيءَ دنيا اصل ۾ هيليناءِ مري چڪي هجي ها؛ جيڪڏهن محبت جي هر ڪا پل انکي تازو توانو نه ڪري ها.

رات جو ١٢ بجي کن چڪر هڻندڙ سپاهيءَ اچي هنن کي سپنن جي سنسار مان جاڳايو- "وڃو پنهنجي گهر."

"ڇو؟" راڄوءَ پڇيو.

"هڪ سهڻي ڇوڪريءَ کي ڪڇ ۾ وٺيو ويٺو آهين ۽ پڇين ٿو مونکان، ڇو؟ اڙي ٿوري وقت ۾ هتي چاقو هڻندڙ گونڊا ايندا ۽ توکان ڇوڪري کسي ويندا. پڇو هتان. هتي مونکي اڪيلي سر ڏيڍ ميل چڪر لڳائڻو آهي. توهان کي ڪٿان بچائي سگهندس. وڃو گهر. باقي پيار پنهنجي گهر ڪجو... هان ها ڪجهه

سپاٽي لاءِ به نه رکو. هلو وڃو پنهنجي گهر...“
هو ٻئي پٽ تان اٿي کڙا ٿيا. راجوءَ ڏاڍي اداسيءَ سان پڇيو، ”ليڪن اسانجو گهر آهي ڪٿي؟“

”بمبئي سينٽرل جي پرسان، پيٽرول پمپ جي سامهون، فٽ پاٿ تي... پر اها ڪولاءِ سٺي جڳهه ڪانهي.“

”ڇو؟“

”اتي ونشيائن جا دلال سڄي رات بيهندا آهن.“

”اسانجي ڳوٺ ۾ ته هڪ به ونشيا ڪانهي.“ ترانا ڪجهه وقت چپ رهي چيو.

”اسانجي ڳوٺ ۾ به ڪانهي،“ راجوءَ چيو، ”اهي فقط شهرن ۾ ٿيندا آهن.“

ترانا آهه ڀري چيو، ”پر اڄ ڳوٺن مان ٿيون.“

هو ٻئي ڪجهه وقت ماٺ ڪري هلندا هليا. پوءِ راجوءَ چيو، ”هل ڪٿي به سمهي پونداسين. بمبئيءَ ۾ اڌ خلق ته فٽ پاٿ تي سمهندي آهي ۽ اڌ جاڳندي آهي، جا اٿي وڏو وڏو ڌندو ڪندي آهي.“

”رات جو فٽ پاٿ تي ڪهڙو ڌندو؟“

”چرس، شراب، سٽي، جوئا، عورتن، خون ۽ قتل جو ڪهڙو ڌندو نه ٿيندو آهي؟“ چوندي راجوءَ ٽهڪ ڏنو.

ترانا پهريون دفعو راجوءَ کي هڪ نئين نظر سان

ڏنو ۽ ڏيري ڏيري چيو، ”هڏن ٻن مهڏن ۾ لـــون ڏاڍو بدلجي ويو آهين، راجو.“

راجوءَ کلي ڏنو. ”نه ڙانا مان نـــه بدليو آهيان، صرف منهنجا ڪپڙا بدليا آهن. پهاڙي پوشاڪ پايان ها ته ڪير نوڪري ڏئي ها؟ هتي هرڪو، او گهر جو نوڪر به خميس سوٽ پائيندو آهي.“

”ٻلا لون ڪهڙو ڪم ڪندو آهين؟“

راجوءَ هٻڪندي چيو، ”مان ... مان ٻمبئي سينٽرل لي ڪوليءَ جو ڪم ڪندو آهيان.“

”تي سوٽ پائي؟“

”نه ٻکلي، هي نه مان رات جو پائيندو آهيان. ڏينهن جو ڏولي ڪڙلو پائي ڪم ڪندو آهيان. رات جــو جڏهن سمنڊ جي ڪناري تي ايندو آهيان، تـــڏهن سوٽ پائيندو آهيان.“

اوچتو هلندي هلندي ڙانا کي ڪجهه يـــاد اچي ويو، خوشيءَ ۾ تاڙي وڃائي چيائين، ”مان ٻڌايانءِ، ڪٿي هلون.“

”ها، ڪٿي؟“

”منهنجي هڪ ساهيڙي ڪسر آهي. هوءَ ٻروازي فلئمٽ ۾ ڪم ڪندي هئي. هوءَ ٻنهنجي ماءُ پيءُ سان محلي جي فٽ پاٿ تي سمهندي آهي. مـــونکي ان جڳهه جي سڌ آهي. هن مونکي چيو هو ته جيڪڏهن توکي گهر مان هڪاليو وڃي ۽ ضرور هڪالبينءَ، جڏن

مان هڪالي وٺس، ته سڌو مونوت اچج. هاڻي هن وٽ ٿي هلنداسين.“

”رستي جي خبر اٿيئي؟“ راجوءَ پڇيس.

”نون مونکي ڪولابا وٺي هل ته باقي رستو مان پاڻيهي ڏيکاريندو پسانءِ.“

ايتري ۾ هو سڙڪ تي اچي پهتا. سامهون بس اسٽاپ هو. ٻرهان بس ايندي ڏسڻ ۾ آئي ته راجوءَ چيو، ”اچ ڊوڙ ته هن بس کي پڪڙيون. اها آخرين بس آهي.“

هو ڊوڙي بس اسٽاپ تي اس ۾ چڙهيا. راجوءَ ٽڪڙو ٽڪڙو ٽرانا کي ٻانهن کان وٺي بس ۾ چاڙهيو. اهو ڏسي ٽرانا چيو، ”ياد اٿيئي اَن ڏينهن نون هلندڙ ريل ۾ چڙهي نه سگهيو هئين. هين ان مهين ۾ نون ڪيترو نه سکي ويو آهين، راجو......“

ڪسم مضبوط ڪلهن مرهٽي ڇوڪري هئي. جا ٽن گهرن ۾ ٻاسڻ پهاريءَ جو ڪم ڪندي هئي. ٻن گهرن ۾ سندس ماءُ ٻــ ڪم ڪندي هئي. ڪسم جو پيءُ لڇمڻ، پــاڙي جي گهرن ۾ پوليس جي نظر کان ٻاڻ بچائي شراب پهچائڻ جو ڪم ڪندو هو. سندس پٽ ٻاپو راو، جو ١٢، ١٣ سالن جو به مشڪل هو، ڳيلي ڇوڙيءَ جو ڪم ڪندو هــو. اِنڪانسواءِ اسٽرنٽ سئنيما وٽ ماڻهن کي ٽڪيٽون آڻي ڏيندو هو. ڪسم جو فٽ پاٿ ١٢ نمبر گهٽيءَ ۾ هو. اَن ڳهٽيءَ ۾ ٻنهي طرف شاندار

فلئٽ هئا ۽ ڪيترائي دڪان هئا. ڪسم ڪرانا کي چوندي هئي، "منهنجو گهر سڀ کان سٺي هنڌ آهي. اُتي پوسٽ آفيس آهي، ٽيليفون آهي، ٻيي جو دڪان آهي، ڀاڄيءَ واري جو دڪان آهي."

فٽ پاٿ تي ڪرانا کي، ڪسم پنهنجي ڀرسان جڳهه ڏني ۽ راڄوءَ کي ڪسم جي پيءُ جي ڀرسان جڳهه ملي. فٽ پاٿ پڪيءَ سيمينٽ جو هو جيڪو راڄوءَ کي بمبئي سينٽرل جي فٽ پاٿ کان بهتر لڳو، جتي سڄو وقت مٽي ۽ گوڙ گهوڙ لڳو پيو هو. پر هتي ڏاڍي شانتي هئي.

رڌيا هن فٽ پاٿ جو راڄا آهي. هو جڏهن پنهنجي ڳوٺ ۾ هو تڏهن پٽواريءَ جو خون ڪري ڇڏيو هئائين. ڳوٺان ڀڄي هو ڪانپور آيو ۽ مل مالڪن جو ايجنٽ بڻجي ويو. سندس ڪم ٿي هو هڙتالون ناڪامياب بڻائڻ. جڏهن ماڻهن جي اک ۾ ٽيو ته هو بمبئيءَ هليو آيو. اڄ هو راڄا هو. ڏهين، يارهين، ٻارهين ۽ تيرهين گهٽيءَ جي فٽ پاٿ تي هنجو راڄ هو. هنجي راڄائيءَ کان اڳي ٻين جي راڄائي هئي، ٻيو راڄا هو. جنهنسان ڪڏهن صلح ته ڪڏهن جنگ ٿيندي هئي. ڪڏهن صلحناما لکيا ويندا ته ڪڏهن چاقو هلندا هئا. جڏهن هنجي رعيت بغاوت ڪندي هئي ته راڄائون پاڻ ۾ نهي وڙهندا هئا. اسانجي سرڪاري ريپبلڪ راڄ ڪين اهڙو ضرور سيکاريو هو.

جونا جون سٽ ٽڪريون هيون. هرهڪ ٽڪريءَ مٿان رڍيا جو ماڻهو هو، جو نال اُگاڙيندو هو. رڍيا جا ڳنڍيچوڙ سالي پڻ هئا. هنکي اِها به خبر هئي ته ڇهن ٽي گهٽين ۾ کهڙيون بد پيشي واريون عورتون آهن. اُنهن سان پڻ حصو پتي رکيل هوس. جڏهن نشي بندي ٿي هئي، تڏهن کان شراب جي اچڻ تي رڍيا جو ڪنٽرول هو. رڍيا سچ پچ راجا هو. ۽ راجائن جي هڪ ٻي وڏ هنر هئي، "عورت."

هنجي راڄ ۾ هڪ پاڳل هو، "ٽرمسراج." هو صفا چريو به ڪونه هو. چوته ڪڏهن ته سياڻن وانگر ڳالهائيندو هو، ڪڏهن پوسٽ آفيس ٻاهران ويهي اڻپڙهيلن لاءِ خط لکندو هو. ليڪن جڏهن چرپائيءَ جو دؤرو پوندو هوس تڏهن پاڻسان ڳالهائڻ لڳندو هو. ڪڏهن ڪلندو پيو هو ته ڪڏهن روئندو پيو هو. هو ڪڏهن هندو ته ڪڏهن مسلمان، ڪڏهن عيسائي ته ڪڏهن چيناڻي، ڪڏهن سيٺ ته ڪڏهن گماشتو بڻجندو هو. هن ڪڏهن به ڪنهنکي نقصان نه رسايو هو. هو سمجهو پاڳل هو. پر رڍيا جو حڪم نه مڃيندو هو ۽ اُڪر ڪيس هڪ پتسر فٽپاٿ جي في ڏيندو هو، جيتوڻيڪ رڍيا انکري ڪيس به ٽي دفعا خوب مار به ڏني. هنکي جتي ايندو هو اُتي سمهي پوندو هو.

اِتهاس ساکي آهي ته جتي جتي راجا هوندو آهي، اُتي هڪ پاڳل به هوندو آهي، جيڪر ڪڏهن به هنجو

حڪم نہ مڃيندو آهي. اِنهن ڪاڻي نٿين ڳالهه ڪانهي.
اِهو اِنسان جو جهونو اِتهاس آهي.

اڃا پوري ٻرپاٽ بہ نہ ٿي هئي، جو ڪسم ٽرانا کي جاڳايو، "هلي سنان ڪر، نہ تہ وري صبح جو سوجهرو ٿي ويندو." ٽرانا اکيون مهٽي چيو، "اوهه...... اڃا تہ ڏاڍي اوندهه آهي."

ڪسم ڪن وٽ اچي چيس، "اسانکي هن وقت ٿي وهنجڻ کپي، هونءَ پوءِ تہ ڪنهن بہ وقت وهنجي سگهبو، اٿ، هل."

ٽرانا اکيون مهٽي مهٽي اٿي ۽ ڪسم سان گڏ ويئي. ڪسم هنکي ميونسپل نل تي وٺي ويئي. ڪيس آهو ڪرڻ، بند ڪرڻ ۽ سنان ڪرڻ سيکاريائين. پهرين ٽرانا، ڪسم جي هڪ ميري ڦاٽل ساڙهي ڪٽي پيني ۽ ڪسم اُنجي اوٽ ۾ وهنجندي رهي. اهڙيءَ طرح ٽرانا بہ سنان ڪيو.

ٻارهين ۽ ٻارهين گهٽيءَ جي موڙ تي هڪ پڙو چانهه وارو پنهنجي ڪيٽلي کنيو ويٺو هو. ساڻس گڏ سندس ڏهن ورهين جو پوٽو ___ هو. پڙي جو پٽ ڪي سال اڳ، ڪرلا ۾ گوندن هٿان ماريو ويو هو. هاڻ هي پوٽو ئي سندس آس هو. هن ڪسم ۽ ٽرانا کي ڏسي پليٽون وڇايون. ٻنهي بسڪيٽ کاڌو ۽ چانهه پيتي. جڏهن ڪسم پڙي کي پئسا ڏيئي رهي هئي، تڏهن اوچتو پٺيان ڪجهه ڏسي دهلجي بيهي رهي. هيلتائين ٻنهي هنکي نہ ڏٺو هو.

ڄڻتي ٻيهي ڇانهه پٽي پيتائون، اُن جڳهه جي پٺين سان ململ ڪنڊن جي اونداهيءَ ۾ رڍيا ڪٺو هو ۽ جڏهن ٻئي هلڻ لڳيون ته هو اونده مان نڪري اڳيان هليو ويو. ڪسم هڪڙي ڏسي گهٻرائجي ويئي. رڍيا، ترانا کي گهوُري رهيو هو. پر هن ڪيس نه، ڪسم کي ٿي ڪجهه چيو. ڪسم زور زور سان ساهه کڻڻ لڳي. هن ترانا کي چيو، ”اون وچ ته مان اڄها اُچانتي.“ ائين چوندي ڪسم رڍيا سان اونده ۾ غائب ٿي ويئي. ترانا ڪجهه سوچيندي اڳتي وڌي ۽ ٻجليءَ جي ٿنڀي وٽ وڃي وهي رهي. اُني پنهنجا وار سڪائڻ لڳي.

هڏجي آلن وارن جا قطرا سمهيل راجوءَ تي ڪريا ته هو هربڙ ۾ جاڳي چيو، ”برسات ٿي برسات!“ ترانا گستاخ نظرن سان ڪيس ڏٺو ۽ ڪليو، ”ها، برسات ڏاڍي لڳي آهي.“ چوندي پنهنجا وار زور زور سان راجوءَ جي منهن تي ڇنڊڻ لڳي.

”آهه... ڪهڙي نه مٺڙي خوشبودار برسات آهي! اِنجي ڦوهاري ۾ صبح جي وقت ته ڏاڍي مزي جي ننڊ ٿي اچي.“

”اون هون ...... اُٿ هاڻي نڪتوُ، ڪم تي نه ويندين؟“

”ڪٿي؟“ راجوءَ جي منهن مان بي اختيار نڪري ويو.

”مونکي ڪهڙي خبر؟ تو ٿي ته چيو ته ٻمبئي

سينٽرل لي ڪوليءَ جو ڪم اَئيٽي.“

”اڙي ها، سو نہ آهي ٺي. تو چڱو جو ياد ڏيارِيو. مان نہ ٺوڪي حاصل ڪري، اهو پلجي نہ ٿي ويس،“ چوندي راجو اُٿي کڙو ٿيو. هنجي پرسان سهيل ڪمرو جي پيءَ لڇمڻ بہ اُٿي وينو. راجوءَ کيس ڪن ۾ ڪجهہ چيو نہ هن وراٺيس، ”هل نہ مان جڳهہ ڏيکاريانءِ.“

ٽرانا پيهنجن وارن کي لساريندي ڪو ٻهاڙي گيت گنگاٺي رهي هٿي نہ ا... ڪنهن سندس ڪلهي تي هٿ رکيو. ڦري ڏٺائين ڪمر هٿي. هنجو منهن لٿو پيو هو، چپ ڏڪي رهيا هئا ۽ اکين ۾ آنسو هئا. چيائين، ”اٿ هل، هو رڏيا ٺوڪي ڪوٺي ٿو.“

”پلي پيو ڪوٺي، مون لاءِ وڃڻ ضروري آهي ڇا؟“

”ٺوڪي وڃڻو ٿي پوندو.“

”ڇو وڃڻو پوندم؟“

”هو راجا آهي.“

”راجا؟“

”ها. اسين فٽ پاٿ تي سمهندڙ سڀ کيس راجا چوندا آهيون. هن ٺوڪي پسند ڪيو آهي.“

”سو مان ڇا ڪريانس؟“

”ٺوڪي وڃڻو ٿي پوندو، جٿي مونکي بہ هڪ ڏينهن وڃڻو پيو هو... عورت کي نہ هڪ ڏينهن لٽڻو ٿي پوندو، پنيءَ جي هٿان سان لٽجي يا ڪنهن گونڊي هٿان، جتي ڪم ڪري اُتي لٽجي يا ڪرڙي محبت

ڪنڌڙن هٿان لٽجي!"

"تون ٻه... ڪسم تون ٻه..." ترانا ڪنبندي چيو.

"راجا سان وڙهي هن فٽ پاٿ تي رهي نه سگهبو."

"ته ٻئي فٽ پاٿ تي هلي وڃ."

"آئي ٻه ته ڪو راجا هوندو، رڏيا نه ته ٻيو ڪو... هوندو ضرور."

"ته شادي ڪري ڇڏ."

"شادي ڪرڻ سان به ڇا ٿيندو، رهڻو ته فٽ پاٿ تي ئي آهي. بمبئيءَ ۾ هڪ چال جي ڪوٺيءَ جي پڳڙي هڪ هزار رپيا ۽ مسواڙ ٢٤ رپيا آهي. مونکي ٻن گهرن ۾ ڪم ڪرڻ جا ٢٤ رپيا ملندا آهن. پنهنجي عزت جي حفاظت لاءِ هڪ هزار رپيا ڪٿان آڻيان؟ انڪري فٽ پاٿ ئي نيڪ آهي. رڏيا کي هڪ پئسو ڏنو، ٻيو چدو. ڪٽي ڪڍهن •••• ٻيو ٽئڪس به ڏيو آهي."
ڪسم چوندي پنهنجو مٿو ٻنهي گوڏن جي وچ ۾ لڪائي، سڏڪا ڀرڻ لڳي.

ترانا چيو، "مان نه ويندس."

راجوءَ چيو، "توکي وڃڻ جي ضرورت به ڪانهي. مان رڏيا سان پاڻ گڏجي تو اچان."

ترانا چرڪي پنيان ڏٺو ته راجو ۽ لڇمڻ بيٺا هئا. راجوءَ پنهنجي ڪمربند مان ڪپ ڪڍيو ته ڪسم ترانا کي چيو، "هنکي روڪ. رڏيا کيس اُفت ماري ڇڏيندو. هو فارمسيءَ جي پنٺين آڳنڊ ۾ تو لاءِ ترسيو بيٺو آهي."

ليڇمڻ راڄوءَ کي روڪيو، پر هو ڪيس پري هٽائي رڌيا سان ملڻ هليو ويو.

رڌيا جڏهن راڄوءَ کي ڪپ سان اڳتي وڌندو ڏٺــو تڏهن هن پنهنجو ڪپ ڪڍيو. ڳالهائڻ فضول هو. ٻئي فارمسي، جي آڳنڌ ۾ ڪپ سان لڙڻ لڳا. رڌيـــا ڏاڍو خوش هو جو اڄ ڪيس گهڻيءَ مدت بعد پنهنجي طاقت ڏيکارڻ جو وجهه مليو هو. راڄوءَ کي رڌيا جون اکيون شعلن وانگر ٻرنديون ٿي نظر آيون. رڌيا پڇيس، ”ڪٿان آيو آهين؟“

”پٺانڪوٽ کان.“

”زنده مرڻ جي مرضي ائين؟“ رڌيا وار ڪيس.

راڄوءَ وار کي بيڪار بڻائي ڇڏيو.

”چاقوءَ بازيءَ جو هنر ڄاڻين ٿو، پر نه جهڙو.“ رڌيا بجليءَ جي تيزيءَ سان وار ڪيو.

راڄوءَ اهو وار به بيڪار بڻائي ڇڏيو.

”اڇا! بمبئيءَ ڪيتري وقت کان رهندو آهين؟“

”ٻن مهنن کان.“

”ڀورڙن ڪٿي هئين؟“

”عمر پاڻيءَ جي ٽوليءَ ۾ ۽ پوءِ ممدو پاڻيءَ جـــي ٽوليءَ ۾.“

رڌيا وار ڪرڻ لاءِ چوگرد ڦري رهيو هو، پر راڄو به سجاڳ هو. رڌيا اوچتو اڇلجي وار ڪيس. بدن سان بدن ٽڪرايو ۽ ڪپ سان ڪپ. اونده ۾ الا ڦٽي نڪتا.

ٻئي ڪلهي سان ڪلهو، ڪرائيءَ سان ڪرائي ڀيڙي، زور آزمائي ڪرڻ لڳا. ليڪن راجوءَ ٻنهجي ڪپ جي ڏار خراب ڪرڻ نٿي چاهي، سو اوچتو آهستگيءَ سان اُتان سرڪي ويو.

”ڏاڍو هوشيار آهين! واقعي!“ رڏيا ساراهيندي چيس، ”ليڪن اڄ تنهنجو رت پي ٿي رهندس. ڪيترين وقت کان ڪو قتل نہ ڪيو اٿم.“

”ليڪن مان لڙڻ نٿو چاهيان.“ راجوءَ چيو.

”ڇو؟“

”جيڪڏهن مان ممدو ڀائيءَ وٽ رهي سگهانٿو تہ تو وٽ بہ رهي سگهانٿو.“

”گهڻو پگهار وٺندين؟“

”جو ممدو ڀائي ڏيندو هو. پنج رپيا روز.“

”اُهو وانشياڻن جو هنڌ آهي، جتي ڪمائي گهٽي ٿي، مان بہ رپيا ڏيندس.“ چوندي رڏيا راجوءَ لي زوردار حملو ڪيو، پر راجو ٽاري ويو ۽ چيو، ”نہ.“

”اَڇا ٽي رپيا وٺج.“

”قبول آهي. پر ترانا کي پتو پوڻ نہ گهرجي.“

”ترانا ڪير آهي؟“

”هوءَ ڇوڪري، جنهنکي تون ڪوٺي رهيو هئين. مان هنسان شادي ڪندس. انڪري ٽن رپين جي روز ۽ ترانا جي عزت جي حفاظت خاطر، جيڪڏهن توکي اِهو سودو منظور هجي، تہ اڄ کانوٺي مان غلام آهيانءِ.“

”منظور آهي. تون سنو چاقوُ باز آهين. تنهنجي مدد سان، ٻه ٻيون گهٽيون جيتيندس.“

اُچانڪ راجوءَ جو هٿ ٻلو تي وڌو. هو ٻي هٿيار رڌيي اڳيان ڪڍو هو. بمبئيءَ جي قانون مطابق هو اُڦت مارڻ گهربو هو، پر رڌيا کي هـــن پهاڙي ڇوڪري جي اَدا وڻي وئي. رڌيا مشڪي پنهنجو ڪپ کيسي ۾ وڌو. رڌيي راجوءَ کي ٽي رپيا ڏنا ۽ چيو، ”هي وٺ، تون مونکي روز، ريگل سئنيما پرسان جو چانهه خانـــو آهي، اُتي ١٠ بجي گڏجندو ڪج.“

راجو ٽي رپيا کيسي ۾ وجهي ٻاهر فٽ پاٿ تي هليو آيو. هاڻ صبح ٿي ويو هو.

راجوءَ کي زنده ۽ چڱو ڀلو موٽندو ڏسي لڇمڻ حيرت ۾ چيو، ”رڌيا توکي ڇڏي ڏنو؟“

”ها.“

”ڇو؟“

”ڪهل اچي ويس. هن چيو، ”وڃ تون پرديسي آهين. توکي ۽ ترانا کي ڪجهه نه ڪندس. پر راتجو ٽڪس، هڪ پئسو پرڀندو ڪج.“

ليڪن ڪسر چيو، ”عجب آهي. مونکي نه وشواس ٿي نٿو اچي.“ راجوءَ کلي چيو، ”نٿو اچي تــه وڃي رڌيا کان پڇ. چڱو مان هاڻي ڪم تي ٿو وڃان.“

ترانا خوشيءَ وچان چيو، ”وڃ وڃ.“

ڪسر ۽ اُنجي ماءُ ٻه ڪم تي وڃڻ لڳيون ته ڪسر

جي ماءُ چيو، ”پرياڪر سمهيو پيو آهي. هي ٻه آنا وٽ، جڏهن جاڳي تڏهن چانهه ۽ ٽوس وٺي ڏجس.“

ڪسم چيو، ”ترانا، مان تنهنجي لاءِ ڪٿي نه ڪٿي ڪم ڳوليندس. پر ڇهن ڏينهن ۾ ملي ويندو. باسڻ ملڻ وارن جي نه سدائين گهرج رهندي آهي.“

ترانا ڪجهه نه چيو. ٻه آنا وٺي رکيائين. ڇهن سالن جو پرياڪر، ڏاڍي آرام سان فٽ پاٿ تي سمهيو پيو هو.

اٽڪل هڪ بجي ماءُ ڌيءَ ڪم تان موٽيون. هٿن راس جي ناهيل ڀاڄي ۽ ٻاسي روٽيون ٻاهر ڪڍيون ۽ ترانا کي به کارايون. کائڻ بعد ديگڙي ۽ مٽيءَ جي چلهه ۽ سمهڻ لاءِ اڳڙيون ٽڪڙيون، ڀاڄيءَ واري جي دڪان جي ڪاٺ جي تختي هيٺان رکيا ۽ سيمينٽ جي اوڙهي جي چانئر ۾ ويهي، ٻئي سٻڻ پرڻ ۽ ڳالهيون ڪرڻ لڳيون. فٽ پاٿ سڄو اهڙو نه صاف ٿي لڳو، ڄڻ اتي ڪير نه رهندو هو. ڪسم پنهنجي ڦاٽل بلائوز کي ٽاڪا ڏيندي چيو، ”ٽئين نمبر گهٽيءَ ۾ مس روز رهندي آهي. هنکي باسڻ ملڻ واري کپي. اڪيلي آهي، ڪم گهڻو نه اٿس. شام جو ترانا ٽوڪي وٺي هلندس.“

شام جو جڏهن ڪسم ۽ ماڻس باسڻ ملڻ جي ڪم مان وانديون ٿيون ته ڀاڄيءَ واري جي دڪان پٺيان کاڌو ناهڻ لڳيون. هي ماڻهو رڳو هڪ دفعو کاڌو ناهيندا آهن، پر کائيندا ٻه دفعا آهن. هن مان ڪي نه کاڌو

ناهيندا ۽ ڪونهن. سستين هوٽلن ۾ ٽي گذر ڪندا آهن.

”هيءَ ۽ عجيب مصيبت آهي،“ ڪسم جي ماءُ ٽنگ ٽي چيو، ”ڏيهن جو ڪم هجي، رات جو پنهنجو ڪاڏو پاڻ ناهجي.“

”ڪانتا، قسمت واري آهي،“ ڪسم چيو، ”هنجو گهر وارو کاڌو پچائيندو آهي.“

”گهر وارو؟ هاءِ رام! سو ڪيئن؟“ ترانا چيو.

”ڪانتا مل ۾ ڪم ڪندي آهي.“ ڪسم چيو، ”پهرين اُن ۾ سندس گهر وارو نوڪري ڪندو هو. مل جي حادثي ۾ سندس ٻئي ٽنگون ڪٽجي ويئون. هاڻي پنهنجي پتنيءَ جو ڪاڌو ناهيندو آهي. هو ڏس، دڪان جي پرسان ٽيبي جو ۽ ڪاڌو ناهيندو آهي.“

ترانا اهو ڏسي دنگ رهجي ويئي. ترانا اچا اوڏانهن ڏسي ٽي رهي هئي ته ٽيڇمڻ ڏهه آنا ڪڍي اچي پنهنجي زال جي هٿ ۾ رکيا. ”بس“ ڪسم جي ماءُ ڪجهه روسامو ڪندي چيو.

”ڏسان رات جو ڇا ٿو ٿئي؟“ چوندو ٽيڇمڻ هليو ويو. ترانا ڪسم کان پڇيو، ”رات جو ڇا ٿيندو آهي؟“ ڪسم وراڻيو، ”رات جو شراب جي تقاضا وڌي ويندي آهي. منهنجو پيءُ شراب پهچائيندو آهي.“

ترانا ڪجهه سوچي چيو، ”هي ته تمام خراب ڌنڌو آهي.“ ڪسم آهه ڀري چيو، ”ڪهڙو ڌنڌو سٺو آهي؟“

آهي. ”ڇا ٿيو، پرڀاڪر؟“

پرڀاڪر سڏڪا ڀريندي چيو، ”اما کي چيم ته آکاڻي ٻڌاءِ ته وٺي ٿي ماري.“

لرانا پرڀاڪر جو، ڳوڙهن سان ڀريو مکڙو ڏسي، بي اختيار موهجي ويئي. کيس گود ۾ کڻي چيائين، ”روءُ نه. مان ٿي ٻڌايان.“

پرڀاڪر خوش ٿي پڇيو، ”رڇ ۽ گدڙ جي آکاڻي؟“

”ها، ۽ شينهن ۽ هاٿيءَ جي به آکاڻي.“

”ها، ها، جلدي ٻڌاءِ،“ پرڀاڪر مچلجي چيو.

”هڪ دفعي، بمبئيءَ کان گهڻو پري، اوچي پهاڙن جي گهاٽن جهنگلن ۾ هڪ وڏو رڇ رهندو هو......“ آکاڻي ٻڌائيندي ٻڌائيندي لرانا هڪدم وڃي پهنجي ڳوٺ پهتي، جتي ندي هئي، جهنگل هئا، جهرڻا هئا، ٻيلا هئا، ميون جا وڻ هئا. جتي وڪ وڪ تي ٻجندڙ پـر سهڻين اکڙين واري هرڻي، جهرڻي جي ڪناري تي جهڪي هڪ پل ۾ پاڻيءَ جو ڍڪ ٿي پيتو ته ٻئي پل ۾ ڪنڌ مٿي کڻي شرمانجي پنهنجي ٻارهن سڱن واري ڏانهن ٿي نهاريو، جيڪو هنجي ڀڄاءَ لاءِ پرسان ٿي بيٺو هو.

آکاڻي ٻڌائيندي ٻڌائيندي، لرانا خود حسين نظارن ۾ کوهجي ويئي. هن آکاڻي پوري ڪئي ته محسوس ڪيائين ته هوءَ ۽ پرڀاڪر ٻئي اڪيلا نه هئا. هنجي چوڌاري ڏهه، ٻارهن ٻار ٻيٺا آهن، جي به عجب مان

آڪاڻي ٻڌي رهيا آهن. هڪ ٻار حيرت مان پڇيو، "اهي جهرڻا ڪٿي ۽ ڪهڙا ٿيندا آهن؟" ٻئي پڇيو، "انگور جي وَل ڪٿي ٿيندي آهي؟" ٽئين چيو، "اهو پهاڙ، ڇا، سورج محل بلڊنگ کان به اوچو آهي؟" اِها ست ماڙ بلڊنگ ١٢ نمبر گهٽيءَ وٽ هئي، جنهن جي فٽ پاٿ تي سمهندڙن کي اُن تي ناز هو، هو اُن بلڊنگ ۾ نه ٿي رهيا ته ڇا ٿيو؟ اُنجي فٽ پاٿ تي ته سمهندا هئا.

ترانا سيني سوالن جو هڪ ئي جواب ڏنو، توهين جيڪڏهن سڪول ويندا ته هي سڀ معلوم ٿي ويندو."

"اسين سڪول نٿا وڃي سگهون."

"ڇو ڪونه؟"

"اسين فٽ پاٿ وارا آهيون."

"سو ڇا؟"

"منهنجي ماءُ چوندي آهي، سڪول ۾ رڳو بلڊنگ وارا ٻار ويندا آهن." هڪ ڄڻي چيو.

ترانا چپ ٿي ويئي. سانت ۽ سانت ۾ سر جهڪائي سوچيندي رهي. ايتري ۾ ڪسر ماءُ ڇلا ٿيندي آئي، "اڙي پرياڪر، ترانا، ڪاڏو نه ڪاٿيندا؟" پرياڪر، ترانا جي گود مان لهي وڃي پيو.

ترانا چيو، "راجو، اڄا نه آيو آهي؟"

"نون ڪاٿي، راجوءَ لاءِ ڪٿي رکو،" ڪسر ماءُ چيو.

”نہ، مونکي ڀڪ ڪانهي،“ ترانا محڪمتا سان چيو.
ڪسم ماءُ ڪلي چيو، ”اڙي ڇوري، هيءُ ٻمبئي آهي. هتي اهڙي ڳالهيون نہ هلنديون آهن. مان ٻہ ڄڏهن ڳوٺ مان آئي هئس تڏهن پهرين رات جو ١٢، ١٢ بجي تائين ٻاهر رهندي هئس. پر هتي هي سڀڪجهہ نہ هاڻي سگهندو آهي. گهر واري کي ڪم ۾ وڃڻ پوندو آهي. گهر واري وري ٻئي هنڌ ڪم ڪندي آهي. ٻنهي کي جڏهن وجهہ ملندو آهي، تڏهن کائيندا آهن. هتي ڪير ڪنهنجو انتظار نہ ڪندو آهي ۽ نہ ڪري ٿي سگهيتو. ٻڪ ۾ مري وڃي. هل ٻچلي! اچا تہ تنهنجو وهاڻُ ٻہ نہ ٿيو آهي ۽ گهر واري نہ ٿي آهين! راجوءَ کي ڇہ نہ تو لاءِ ٿي ساڙهيون، هڪ سولي منڊي ۽ لٽ ۽ هڪ منگل سوٽر هار وٺي اچي. پوءِ مان توکي پنهنجي ڌيءُ ڪري پرڻائيندس.“
ترانا کي ڪسم ماءُ جون ڳالهيون ڏاڍيون پياريون لڳيون. هوءَ اُٺي ساڙس گڏ ڪائڻ لاءِ هلي وئي.
راجو رات جو ١١ بجي موٽيو. ٿڪو ٽٽو پيو هو. هن ترانا کي ٻہ رپيا ڏنا ۽ بجليءَ جي ٿنڀي پر سان ليٽي پيو. ترانا هنجا پير دٻائڻ لڳي ۽ پڇيو، ”هيڏي دير ڇو ٿيئہ؟“
”ڏينهن جو ڪمائي نہ ٿي، آخرين گاڏي ڏسي آيو آهيان.“
ترانا ماٺ ٿي وئي. ليڪن هڪ پير دٻائي پيو

پير دٻائڻ لڳي تڏهن اُن تي ڦٽ جو نشان ڏسي ڌلجي ويئي. "هيءُ ڪيئن ٿيو؟"

"سامان ڪڍندي، لوهه جي پيٽي پير تي ڪري پيئي. ڊاڪٽر کي ملم پٽيءَ لاءِ رپيو ڏنم، نه ته ٽوڪي ٽي رپيا ڏيان ها" راجوءَ ڳالهه بدلائيندي چيس، "چڱو ڪاڏو نه ڪاڙاءِ."

ڪاڏو ڪاڻي، ٻٽي فٽ ٻاڻ کان ٽورو ٻـري، پيٽ جي موڙ وٽ اڪيلا وڃي ويٺا. ٽرانا چيو، "راجو، ٽوڪي بمبئي وڻي؟"

"ڏاڍي ۽ ٽوڪي پسند آئي؟"

"مونکي پسند ٻه آهي، ته نه ٻه آهي؟"

"سو ڪيئن؟"

"مونکي هي ٻجليءَ جا ٽٻيا پسند آهن. رات ٽيندي پنهنجو پاڻ چانڊوڪي ٻٽجي ٿي وڃي. نل ڦيراءِ ته پاڻي حاضر. گهر ڪيترا نه پڪا ۽ صاف سٿرا آهن! جيڪڏهن هي سڀ شيون مونکي پنهنجي ڳوٺ ۾ ملي وڃن ته پوءِ دنيا ۾ سڀ کان خوبصورت منهنجو ڳوٺ آهي."

"پر ڳوٺ ۾ ٻجلي ڪيئن اچي سگهندي؟"

"اچي سگهيتي، مون ڪتابن ۾ پڙهيو آهي."

"ڪتاب، ڪتاب، ڪتاب! هر وقت ڪتاب. مون کي ته ڪتابن کان سخت نفرت آهي." راجوءَ غصي ۾ پڙڪي چيو. ٽرانا ڪروڌ ۾ لوي چڙي ڏنس، "۽ مو

كي وري تنهنجي جهنگلي ڳالهين کان حقارت آهي."

"ها، مان جهنگلي آهيان ۽ سدائين رهندس، پوءِ؟"

ٽرانا اکين مان ألا وسائيندي مدهم ڦيري وئي.

"هيڏانهن مونسان ڳالهاءِ."

"نٿي ڳالهايان."

"نٿي ڳالهائين؟" چوندي جهنگليءَ هٿ هٿ سان ٽرانا جون ٻئي ٻانهون جهليون، پيو هٿ سندس چهري ۾ وجهي پنهنجي طرف ڇڪيو. ٽرانا جي "نه... نه..." ڪندي به راجوءَ کيس زور سان وٺي پنهنجي سيني سان لڳايو. ٽرانا پاڻ ڇڏائڻ لاءِ ڪوشش ڪندي رهي. ليڪن جهنگلي ڏاڍو غصي ۾ هو ۽ جانورن جيتري طاقت ڏيکاري رهيو هو. هو زور سان سهڪي رهيو هو. ٽرانا جو چهرو لال ٿي ويو هو. پر هوءَ منهن ڦيري سهڪي رهي هئي. جهنگليءَ هڪ هٿ سان سندس ڪاڏيءَ کي پنهنجي ويجهو آندو ۽ سندس چپن وٽ جهڪندي چيائين، "هاڻي به نه؟"

"نه....نه....آهه..... لون مري وڃين....."

ٽرانا انکان وڌيڪ ڪجهه نه چئي سگهي ڇو ته جهنگليءَ پنهنجا چپ هنجي چپن سان ملائي ڇڏيا هئا ۽ هوءَ جهنگليءَ جي ٻانهن ۾ مڪمل جڪڙيل هئي. هوءَ جڻ ڪنهن ڪک وانگر ڪن ۾ ڦرندي، بيرس ٿيندي ٿي وئي. سندس رڳ رڳ ۾ مدهوشيءَ جا بادل ڇانئجڻ لڳا. اکيون پنهنجو پاڻ ٻوٽجي ويون. ڪيتري دير بعد

جڏهن هن اکيون کوليون، تڏهن ترانا هن ڏانهن نهاري ڏکيو ساهه کڻي چيو، "آلا، مان مري وڃان." ان بعد هن پنهنجو سر جهنگليءَ جي سيني تي رکي ڇڏيـــو ۽ اکين مان خوشيءَ جا لڙڪ لڙي آيس.

وقت سرڪندو پئي ويو، مگر هو ٻئي ٻانهن ۾ جڪڙيل ائين ئي ويٺا هئا. ترانا هڪي چيو، "تون سمجهي چو نٿو. مان توکان رني ٿورولي آهيان. مان توکي فقط ايترو ٿي چوان ته بمبئيءَ ۾ ڪولهي ٻڌجي پنهنجو فرض پلجي نه وڃ. ڪوليءَ جي ڪمائيءَ سان تـون بمبئيءَ مان واپس نه وڃي سگهندين."

"ڪيڏانهن وڃڻو آهي؟" راجوءَ عجب مان پڇيو.

ترانا دنگ رهجي ڪيس ڏسندي رهي. "هاڻي ئي پنهنجو انجام پلجي وئين! مان بمبئيءَ مان، ٻن ڏينهن خريد ڪرڻ جيترا پئسا ڪـــنا ڪندس. واپس پنهنجي ڳوٺ اچي، پنهنجي زمين تي هـــر هلائيندس. وساري ڇڏيئه؟ تنهنجي ڳوٺ ۾ تنهنجي ڌرتي، تنهنجو اِنتظار ڪري رهي آهي."

راجوءَ مشڪي وراڻيو، "پر اُها ڌرتي رڳو منهنجو نه پر تنهنجو به اِنتظار ڪري رهي آهي، مونکي سڀڪجهه ياد آهي. مان اُنکي ڪڏهن نه وساريندس."

"سچ ٿو چوين؟"

"تنهنجو قسم."

ترانا مشڪي راجوءَ کي ڏٺو ۽ سندس سيني سان

لڳي ويٺي. راجوءَ هنجي ڏکڻ وارن سان کيلندي
چيو، "توکي بمبئيءَ جي ڪهڙي شيءِ پسند ڪانهي؟"

"هتي کليل جايون ڪونهن. انهنکي ڏسي منهنجو
ته دم ٿو گهٽجي. دل ٽٽي ٿي ته، هتان پڄي ڪنهن
کليل ساوڪ واري هنڌ تي هلون ۽ مونکي فٽ پاٿ
تي سمهڻ اصل نٿو وڻي."

"پيو ڇا؟"

"هتي ڪيترائي ٻار اسڪول نٿا وڃن."

"غريب ڇو ٿيا ته ڇا ڪن."

"مونکي لڳي ٿو هتان جا شاهوڪار اسانجي ڳوٺ
جي شاهوڪارن کان وڌيڪ شاهوڪار ۽ هتان جا غريب
اُتان جي غريبن کان وڌيڪ غريب آهن، پوءِ سوچانٿي
ته مان بمبئيءَ ڇو آيس؟"

"ڇو ته تو پيءُ نمبردار سان پرڻجڻ نٿي چاهيو."

"ٺيڪ، پر فٽ پاٿ تي سمهڻ لاءِ نه آئي هئس.
انجام ڪر ته تون جلدي ڳوٺ وٺي هلندين."

"ٻن ٽڪٽن خريد ڪرڻ جيترا پئسا نه ميڙيان."

"ٻه نوان پئسا." هڪ ڳوڙو آواز سندن ڪنن تي
پيو. ٽرانا يڪدم راجوءَ کان جدا ٿي ويٺي. رڌيا ڏبو
کڻي ايندو هو. ٽرانا اُن ۾ ٻه پئسا وڌا.

رڌيا ڏبو کڙڪائيندو اڳتي هليو. جتي به ويو ٿي اُتي
ڪن پل لاءِ هرڪو ڏڪي ٿي ويو. ڄڻ ڪو بادشاه
سلامت ٿو اچي. ٽرانا رڌيا کي ڏسي چيو، "ڏس ته،

ڪيئن ٿو هلي؟ جهڙو ڳوٺ جو نمبردار! ها ... ها......
جتي به وڃ اُتي ڪو نه ڪو نمبردار آهي ئي آهي.“
”انجام ڪر ته لون همسان جهڳڙو نه ڪندين.“
”مونکي نه ستائيندو ته ڇو جهڳڙو ڪنديسانس؟ ڇا
مونکي پاڳل ڪتي چڪ پاتو آهي؟“
راجو زور زور سان ڪلڻ لڳو.

مهني کن بعد اوچتو ترانا کي گنگادر گڏجي ويو.
گنگادر هنجي شڪل شبيهه ۽ ويس وڳو ڏسي، ڏندين
آڱريون ڏيڻ لڳو. هوءَ شهري ڇوڪري بڻجي وئي
هئي ۽ پڪي مزدور ٿي لڳي. پهرين ته گنگادر ڪانئس
پنهنجي زال جي خراب هلت لاءِ معافي ورتي. پوءِ
سندس ڏس پتو پڇيائين. اُهو ٻڌي گنگادر چيو، ”تڏهن
ته لون منهنجي ويجهي ئي رهين.“ هن ترانا کي
پنهنجي آشرم جو پتو ڏنو ۽ چيو، ”گهر اچڻ جي ضرورت
ڪانهي، باقي ڪڏهن به ڪا تڪليف ٿئيئي ته منهنجي
آفيس ۾ اچي يا فون تي ڳالهائي سگهين ٿي.“
ترانا، گنگادر کان آشرم جو وزٽنگ ڪارڊ ورتو ۽ من
۾ چيو، ”ڀڳوان نه ڪنهنجي اڳيان هٿ ٽنگائيندو.
هاڻي پاڻ ڪمايان ٿي، پاڻ کان ٿي. غريبيءَ جي زندگي
آهي، پر عزت پري نه آهي.“
ڪسر، ترانا کي نن گهرن جي ٻاسڻ ملڻ جو ڪم
وٺي ڏنو هو. ترانا جلدي جلدي گهر ڏانهن هلي. سٽ

لڳڻ وارا هئا ۽ ڪيس راڄوءَ لاءِ ڪاڏو ناهڻو هو.

راڄوُ رات جو ١١ ٻجي ٽڪر لٽو موٽيو. هن جي ڏولي ۽ خميس ڦاٽي پيئي هئي. گوڏا ڦٽيا پيا هئس ۽ ساڄي ٻانهن جي ڦوٽن وٽان رت ٽِمي وهيس. هنکي ڏسنديئي ڏاڍانا بدحواس ٿي وئي، "هي حال ڪيئن ٿيئه؟"

"منهنجو ٻن ڪوُلين سان جهڳڙو ٿي پيو."

"مون توکي جهڳڙي ڪرڻ کان منع ڪئي آهي نه."

"مان پاڻيهي ڪٿي وڙهيس. مون هڪ ٻاٻوءَ جو سامان کنيو ته ٻيا ڪوُلي اچي مونتي ٽٽا."

"هنن جي توسان ڇا لاءِ دشمني ٿي سگهيتي؟"

"انڪري جو مان ٻين کان وڌيڪ بار کڻي سگهندو آهيان. پوءِ مونکي پوليس ۾ وٺي ويا. آلي مکيه ڪوليءَ منهنجي ضمانت ڏني. جيڪڏهن ڪيس هليو ته جيل ويندس."

"هاڻي ڇا ٿيندو؟"

"مکيه ڪوُلي چويٿو ته ويهه رپيا ڏي ته واسطيدار ڪوُلي ڪيس ڪڍائي وٺندا."

"يعني مار به کائون ۽ پئسا به ڏيون."

"اِنجو نالو بمبئي آهي."

الاجي ڪيتري مشڪلات سان هنن ٽيهه رپيا ڪٺا ڪيا هئا، جن مان هاڻي ويهه رپيا ڪڍي ڏيڻا ٿي پيا. راڄوءَ ويهه رپيا کڻي چيو، "مان مکيه ڪوليءَ وٽ ٿو

وڃان.“

”ترس، ڀرڻ روئي ڪاڻ.“ ترانا زور ڪيو. راجو روئي ڪانئي اٿيو ۽ ترانا چيس ته بيهه ته ڀرڻ زخم تي پٽي ٻڌان. پٽي ٻڌندي ترانا چيس، ”راجو، هيءَ ڪهڙي زندگي آهي. هل ته اڄ ئي بمبئي ڇڏي هليا هلون.“

”ڀڄڻ لاءِ پئسا ميڙڻ ڪانسواءِ ئي؟“

”اسين هتي سان هر هلائيندا سين.“

”ٻاولي ڪا آهين. ٿورو رت ڏسي ڊڄي ويئين. هيءَ ته ڪولين جي روزاني حياتي آهي.“

اوچتو گهٽيءَ ۾ گوڙ ٿيڻ لڳو....ڪي ماڻهو ۽ پوليس وارا هڪ قتيل ماڻهوءَ کي کڻي پئي ويا، جنهن کي سڃاڻي، ڪن چيو، ”هي ته چمن آهي!“

چمن ، ١۴ ۽ ١۵ گهٽيءَ جو دادا هو. انهن گهٽين ۾ ڪولابا جون سڀ ڪان ڦشيبل ونشياٽون رهنديون هيون. انڪري چمن جي ايتري ڪمائي هئي، جيتري رڌيا جي ٽن گهٽين مان به نه هئي. رڌيا جي گهٽي وقت کان اڳهيءَ گهٽيءَ ۾ اک هئي، پر ڪو ٻاڙ نه لڳو هوس. چمن جي خون بابت جيترا هٽا منهن اوترا يون هيون ڳالهيون. ڪنهن پڇيو، ”رڌيا ڪٿي آهي؟“

پناڻ لفٽ مٿن چيو، ”هو پوني ويو آهي.“

”چمن کي ڪنهن ماريو؟“ ڪسر ماءَ پڇيو.

سندس پٽيءَ لڇمڻ چيو، ”سو ته پتو نه. آلسر، ٻر

پر اجرڪو ڏيهن سياڳو آهي- اج رتنا جي قبضي ۾ به گهڻيون وٿيون. پهڻي جي شراب جو ڏنڊو مونکي ملندو ۽ باپوراو جو ڪم به وڌندو."

ترانا پڇيو، "باپوراو جو ڪم ڪيئن وڌندو؟"

"هان... هان..." لڇمڻ جواب ڏيڻ کان نٽائي ويو. ڪيس ڳالهين ۾ خيال ئي نه رهيو ته پرسان ترانا به ڪا بيٺل آهي. ڪسر ماءُ مشڪي چيو، "ڏيءَ، تنڪسي آڻي ڏيڻ جو ڏنڊو، بيو چا؟"

ترانا راجوءَ کي چيو، "بڌءِ.."

پر راجو وڃي چڪو هو.

سامهون فٽ پاٿ تي ڏرمراج لڪڙيءَ ۾ ڪارو ڪپڙو اٽڪائي جهنڊي وانگر جهولائي رهيو هو. ماٺهن ڏٺو ته ان جهنڊي تي اڇي ڪتيل ڪاغذ سان، انساني کوپڙيءَ ۽ ٻن هڏن جي تصوير چمبڙايل هئي. ڏرمراج چئي رهيو هو، "جهنڊا اوچا رهي همارا."

هڪ لڪل بار ۾ رتنا، راجو ۽ ٽوليءَ جا ٻيا ماڻهو ويٺا هئا. رتنا پنهنجن ششن کي چئي رهيو هو، "شاباس، تو هان اج ڪمال ڪري ڇڏيو."

رتنا جا شش ان پنيءَ نپ تي قـوليا نـه سمايا. هڪ چٽي چيو، "دادا، اج سوپ جي خوشيءَ ۾ جشن ٿيڻ کپي."

"ضرور ضرور،" چوندي رتنا چلايو، "اڙي

هتي ڇهه ٻوتلون کڻي اچ، ۽ اڙي ٽون پتو هلاءِ. اچ ناٽ سان جوٽا ڪبي." پتو هلڻ شروع ٿيو ۽ سڀني پنهنجا پنهنجا پئسا ڪڍيا، راجوءَ ٻه ٻه ڏهين وارا نوٽ ڪڍي اڳيان رکيا.

ٻئي ڏينهن اسٽرئنڊ سئنيما وٽ رات جو ٻاٻوراو ڪيسو ڪميدي پڪڙجي پيو. لڇمڻ اهو ٻڌو ۽ رڌيا وٽ ڀڄندو ويو. رڌيا انوقت چار پيگ چاڙهي چڪو هو ۽ راند ۾ ڪٽيائين پئي. لڇمڻ جي ڳالهه ٻڌي چيائين، "هاڻي اجا جهيڙو ٿيو آهي، انڪري مان ڪجهه ڪري نه سگهندس ۽ مان نه ٻاڻي ويل آهيان."

"نه ڇا ٻاٻو جيل ويندو؟" لڇمڻ پريشان ٿي چيو.

"سو ڇا، ٻهر ۽ ٽيب اٿس. پاڻ مرد ٿي نڪرندو،" رڌيا چيو، ۽ لڇمڻ کي ٣٠ رپيا ڏيندي چيائين، "کڻ، وڃ، ٻاٻوراو کي دل تان وساري ڇڏ."

لڇمڻ هليو ويو ته رڌيا ٻئي ڪمري ڏانهن منهن ڪري چيو، "راجو، ٻاهر اچ، لڇمڻ هليو ويو." راجوءَ جي ٻاهر اچڻ تي رڌيا جا ساٿي هن تي کلڻ لڳا، "سالو، مرد ٿي هڪ عورت کان ٿو ڀڄي! جيڪڏهن ترانا کي پتو پئجي ويو ته ڇا ڪندي. ساليءَ کي ٻـه ٿي ٽڪڙ هڻي سڌو ڪري ڇڏجس."

راجوءَ جو چهرو غصي کان ڳاڙهو ٿي ويو. رڌيا جلدي ٽوڪيندي چيو، "اڙي ڪوليءَ جا ٻچا، راجوءَ سان مسخري نه ڪر." سڀ ماٺ ٿي ويا ۽ راجو ٻاهر

نڪري ويو.

جڏهن رات جو ١١ بجي راجو واپس آيو، تڏهن ترانا چيو، "ڪجهه ٻڌو اٿيئي؟"

"ڇا؟"

"بابو راو کيسو ڪترينديءَ پڪڙيو آهي. سندس پيءُ مونسان ڪوڙ ڳالهايو هو."

"ڇا ڪري، ڪنهن طرح زنده ته رهڻو آهي."

"اهڙي جيئڻ کان مرڻ ڀلو آهي." ترانا ڏند ڪرٽيندي چيو.

راجوءَ کيس ڪو به جواب نه ڏنو ۽ نه ٽي سوچاريون ڪائي چيائينس، "ترانا، هاڻي مونسان شادي ڪر."

"گهر ٺاهيندين؟"

"ها."

"ڪٿي؟"

"هتي، ٻيو ڪٿي؟"

"فٽ پاٿ تي؟"

"بمبئيءَ ۾ لکين ماڻهو فٽ پاٿ تي رهندا."

"هي تون ڇا ٿو چوين، راجو. اسانجي گوٺ جي ڪتن جي زندگي به اهڙن ماڻهن کان بهتر آهي."

راجو ماٺ ٿي ويو. نرڙ ۾ گهنج پئجي ويس.

ترانا سر جهڪائي چيو، "مان ته ان ڏينهن لاءِ زنده رهي آهيان، جڏهن تون پنهنجو اقرار پورو ڪري، بس ڀيڳا وٺي مونکي پنهنجي ڳوٺ وٺي هلندين."

راجو جلدي ڪاڻي اُٿي ڪڙو ٿيو.

"ڪيڏانهن ٿو وڃين؟"

"سمنڊ جي ڪناري،" چوندي راجوُ وڏيون پرانگهون پريندو هليو ويو ۽ ترانا بلڊنگ جي ڇت سان لڳي اچي روئڻ ۾ چٽڪي.

جڏهن ڏينهن بابوراو کي به مهنا سزا آئي، تڏهن ڏينهن سندن گهر ۾ ڪڏهن به نه ڪاڏيو، ترانا ۽ راجوءَ به نه. ٻئي ڏينهن لڇمڻ ڪيترو وقت ڪم تي نه ويو ۽ پريشانيءَ ۾ ڏند ڪرٽيندو رهيو ۽ ننڍي پٽ پرڀاڪر کي گهوُريندو رهيو.

منجهند جو ١٢ بجي جڏهن ڪسم، ماڻس ۽ ترانا ڪم تان موٽيون ٿيڏهن، رستي تي لڇمڻ گڏين، جو پرڀاڪر کي وٺيو پئي ويو. چيائين، "ڪم تي وٺي ٿو وڃانس."

ڪسم رستو روڪي چيو، "هي ته اڃا ٻار آهي."

"هن جي عمر جيڏا ٻيا ٻار ڪونه ٿا ڪم ڪن؟ هو پاسڪر جو پٽ ڪيترو نه ننڍو آهي ته به ڏيڍ ٻه رپيا ڪمائيندو آهي. هٽي وڃ."

ترانا چيو، "چاچا، ڇو ٿا هن جي زندگي برباد ڪريو، هن کي سڪول موڪليو، پاڙهي ڳاڙهي انسان بڻايو."

لڇمڻ جوش ۾ جواب ڏنو، "جڏهن هو پاڳل ١۴ درجا پڙهي ٿيو آهي، جڏهن تون ٥ درجا پڙهي پاسڻ پيٺي ملين، ائين نه؟ جيڪڏهن هينئر ٿي کيس سڪول ۾

وهاريندس ته هتلاءِ صاف ڪپڙا، ڪتاب، قلم وغيره ڪٿان آڻيندس؟ هن گهر ۾ ٻاهرواري جي ڪمائيءَ جي هاڻي ڪير پورت ڪندو؟"

"چاچا!" ترانا پريل گلي سان چيو.

"هٽي وڃ منهنجي وچ مان."

ٽيئي عورتون پري ٿي ويٺيون. پرڀاڪر روئڻ لڳو ته اڇمڻ ڳلن ڏاڙيون ڇماٽون هڻي گهليندو وٺي ويس. پرڀاڪر جي روئڻ جو آواز پئي آيو. هو چئي رهيو هو، "بابا، مان چور نه ٿيندس، نه ٿيندس!"

ڏک ۽ ڪروڌ وچان ترانا جي دل ڌڙڪڻ لڳي.

شام جي وقت ترانا ڏنو ته ڌرمراج ٻارن سان کيلي رهيو آهي. هنجي کيل ختم ٿيڻ بعد ترانا اڳتي وڌي وڃي ڌرمراج کان پڇيو، "مون ٻڌو آهي ته تون ١٤ درجا پڙهيل آهين."

پهرين ته ڌرمراج ڪوبه جواب نه ڏنو، پر پوءِ آهستي آهستي ڏاڙهي کنهندي چياءِ، "ها، سو ڇا؟"

ترانا تورو وڌيڪ ويجهو اچي چيس، "مان سمجهانتي ته تون بلڪل پاڳل ڪونه آهين، پوءِ ته جاڻي ٻجهي پاڳل بڻجندو آهين يا ڪا سڌڪ سوار ٿيندي ائيئي."

"تون مون لاءِ ڇو ٿي ڳالهائين؟ پنهنجو ڪم ڪر."

ترانا چيو، "مان توسان گڏ فٽ پاٿ جي ٻارن لاءِ هڪ سڪول کولڻ چاهيانتي، جتي اسين ٻئي پڙهائيندا سين." "ها... ها." ڌرمراج جون اکيون چمڪي

اليون، ”فت پاٿ جي ٻارن لاءِ سڪول؟ ويري فائين... ويري فائين!“ ٽرانا خوش ٿي چيس، ”توکي منهنجي رٿ وڻي ٿي؟“ ٽرمراج وراڻيو، ”ويري فائين!“

”تون مونسان گڏ پڙهائيندين نه؟“

”ڇو ڪونه، مان نه پڙهائيندس ته ٻيو ڪير پڙهائيندو، مگر ياد رکج، سڪول جو هيڊ ماستر مان ٿيندس ۽ نه ٻيو.“

”ها، تون ئي ٿج.“ ٽرانا چيو، ”مان ته فقط پنج درجا پڙهيل آهيان، توکي جدا جدا درجن جا ڪورس ته ياد هوندا؟“

”ها، سڀ ياد اٿم.“ پاڳل ڏاڍي سنجيدگيءَ سان چيو، ”پهرئين سال ۾ شيشن جي دريـن تي پٿر هڻڻ، ٻئي ۾، سڪول جي ٻارن کي مارڻ، ٽئين سال ۾ ڪيسو ڪترڻ، چوٿين جو ڪورس چوري ڪرڻ، پنجين جو ڪورس جيل... تون گهٻراءِ نه، مان فٽ پاٿ جي ٻارن کي اهڙي ته ٽريننگ ڏيندس، جو هو پنجن سالـن بدران، ٽن سالن ۾ ئي ڊگري حاصل ڪري سگهندا.“

”تون مذاق ٿو ڪرين. ڇا اهوئي سيکاريندين؟“

”ٻيو ڪجهه سيکارڻ گناهه ٿيندو،“ پاڳل چيو.

ٽرانا غصي ۾ چيو، ”تون ته سچ پچ پاڳل آهين.“

”ها ٽرانا،“ پاڳل درد ڀرئي آواز ۾ چيو، ”تـوهان انسانن جي آباديءَ ۾ رڳو مان هڪ ئي پاڳل آهيان.“

ٽرانا گهٻرائجي گهر موٽي آئي.

ٻئي ڏينهن ترانا ڪم تي نہ ويئي، پر ونيتا آشرم جي آفيس ۾ گنگاڌر سان گڏجڻ ويئي. چيائينس، "مان فٽ پاٿ وارن ٻارن لاءِ هڪ سڪول کولڻ ٿي چاهيان."

"فٽ پاٿ جي ٻارن لاءِ؟"

"ها."

"خيال تہ سٺو آهي. عجب اٿم تہ اهو هيلتاءِ مونکي چونہ آيو. ڏيءُ، سچ پچ سٺي ڳالھہ ٿيندي."

ترانا خوش ٿي چيو، "چاچا، توهانکي منهنجي مدد ڪرڻي پوندي. مونکي ڪتاب، ڪاپيون، پٽيون، مس قلم، بورڊ، چاڪ وغيره کپندا."

"اُهي تہ ملي ويندا، پر پڙهائيندينءَ ڪٿي؟"

"فٽ پاٿ تي تہ نہ پڙهائي سگھندس جو اُتان جا ماڻهو ان خلاف آهن. ڪٿي اڪائي پڙهائڻو پوندم."

"پوءِ ڪٿي پڙهائيندينءَ؟" گنگاڌر پڇيو.

"ڪاٿي اهڙي جڳهہ، اهڙو فٽ پاٿ هجي جيڪو منهنجي گهٽيءَ کان گهڻو پري هجي، پر ايترو پري بہ نہ جو منهنجي گهٽيءَ جا ٻار اچي ئي نہ سگهن."

گنگاڌر جو چهرو يڪدم چمڪي اٿيو. "هڪ ترڪيب وٺو سوچيان. توهانجي بلڊنگ جي پٺيان جيڪو بند حاطو آهي، اُتي ڇو ڪونہ سڪول کولجي؟ بلڊنگ جو مالڪ منهنجو واقفڪار آهي. مان پڇندوسانس. ۽ مان خود بہ اچي پڙهائيندس. تون فڪر نہ ڪر. مان اڄ ئي مالڪ کان ٿو پڇان. نہ رڳو

ايترو ٻڙ هن سني ڪاري لاءِ چندو ته ڪٺو ڪندس."
"نه پوءِ... مان ڪڏهن لوهانسان ملان، چاچا؟"
"مان اڄ شام جو فٽ پاٿ تي اچي تو ٻڌايانءِ."
شام جو گنگاڌر آيو ته ٽرانا ساڻس گڏي. گنگاڌر ٻڌايس ته سڀ ڪم ٺيڪ ٿي ويو. مالڪ سچو آهي. هو ڪتاب، ڪاپيون وغيره لاءِ پئسا به ڏيندو. اهو ٻڌي ٽرانا خوشيءَ ۾ جهومڻ لڳي. گنگاڌر جا بيحد شڪرانا ادا ڪيائين. ايتري قدر جو پير به ڇهي ورتائينس. گنگاڌر چيو، "سياڻي آفيس اچج ته تنهنجي پگهار بابت فيصلو ڪندس." ٽرانا چيو، "چاچا، هن ڪم لاءِ پگهار نه کپيم."
"نه ڪيئن رهندينءَ؟"
"جئن اڄ تائين رهي آهيان."
گنگاڌر لاجواب ٿي ويو ته به چيائين، "تون اچج ته سهي. ڪي ڳالهيون فيصل ڪرڻيون آهن."
ٻئي ڏينهن صبح جو جڏهن ٽرانا وڃڻ لڳي تڏهن راجوءَ پڇيس، "ڪلهه شام جو ڪير آيو هو؟"
"گنگاڌر، ونيتا آشرم وارو."
"ڪو شاديءَ جو نياپو کڻي آيو هو ڇا؟"
"نه،" ٽرانا کلي ڪوڙ ڳالهايو، "سندس دوست کي ماسڙ ملڻ واري کپي." هوءَ ڳالهائڻ ۾ ٿورو هٻڪي. راجوءَ کي شڪ پيو ته ڪجهه لڪائين ڪونه. ڪسر چيو، "تون ڪلهه ڪم تي نه آئينءَ. ٻچا ٻئي ڪيائون."

ٽرانا ڪنڌ جهڪائي غصي ۾ هلي وئي ۽ راجوءَ کيس ڇتائي افسوس ۽ غصي ۾ ويندو ڏٺو.

هڪ ڏينهن راجوءَ ڏاڍو خوش ٿي ٽرانا کي ٽيهه رپيا ڏيکاري چيو، ”اڄ سئنيما تي هلجي.“ ٽرانا پڇيو ته هيترا رپيا ڪٿان آيا. راجوءَ وراڻيو، ”يورپي سيلانين جي خاص ٽرين دهليءَ مان آئي آهي. سيني ڪولين هڪ هفتي جيترو ڪمايو آهي.“

سئنيما تان موٽڻ بعد راجو ۽ ٽرانا آهستي آهستي خوشنما بزار مان هلڻ لڳا. ڪين انهين لڳو ڄڻ اڄ سڄي بزار هنن لاءِ ئي سينگاريل آهي، هئنگنگ گارڊن جا سڀ فوهارا سندن لاءِ ئي پاڻيءَ جا موتي لٽائي رهيا آهن، گل به هنن لاءِ ئي ٽڙي رهيا آهن، ساگر جون لهرون به هنن لائي رقص ڪري رهيون آهن. ناريمن پائنٽ وٽ ويهي، ٻئي ڪيتري وقت تائين ٻڏندڙ سورج جو نظارو ڏسندا رهيا. شام جي لالاڻ پنهنجو رنگبرنگي جهلڪيون، ٽرانا جي چهري تي پئي پکيڙيون، هن جا زلف هوا جي لهرن سان الجهندا رهيا ۽ اُڀندڙ لهرن جي ٿڌي هوا، هنن ٻن پريمين جي مکڙن تي موتي لٽائي رهي هئي. راجوءَ ٽرانا جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ وٺي چيو، ”ٽرانا، هن اٿاهه سمنڊ ۾ پري پري توکي ڪجهه نظر اچي ٿو؟“

”ها، هڪ گهر.“

”ستن رنگن وارو گهر؟“ راجوءَ پڇيو.

”ها، اُنهو دروازو هيرن مولين جو آهي.“
”اُن دروازي ني هڪ ڇوڪري بيٺي آهي؟“
”تنهنجي پتني؟“ ترانا چيو.
”ها، منهنجي پتني.“ راجوءَ جواب ڏنو.
”تنهنجي ترانا؟“ ترانا پڇيو.
”ها، منهنجي ترانا!“ راجوءَ چيلهه ۾ هٿ ورايس.
پوءِ ٻئي ڪيترو وقت سانت ۾ رهيا. لهرون پٿرن سان ٽڪرجي واپس پٺي وڃون. سج جو گلابي چهرو، سنهڙن لهرن ۾ ٽيبون ڏيڻ لڳو. هوا جا جهونڪا تيز ٿيندا ويا. پريان ڪٺان سرهاڻ پئي آئي، جنهن پاڻسان ڪيترائي گيت پئي آندا. سرهاڻ سندن رڳــــ رڳ ۾ سراڪا پئي پاتا ۽ گيت سندن دل جي ڪنڊ ڪنڊ ۾ پئي گونجيا. هو ٻئي پاڻ ۾ لڳي بيٺا هئا. جهڙا هڪ ئي منزل جا مسافر، هڪ ئي آشا جي پورنتا، هڪ ئي لئه جي آد، انت.
”ترانا، هاڻي مونسان شادي ڪر.“ راجوءَ ڏيري چ-ي-و.
”مون کي هو گهر وٺي ڏي. ها، هو گهر جو ٽوڪي ڏسڻ ۾ پيو اچي نه؟“ ترانا اشارو ڪندي، ڄڻ ڪنهن خواب ۾ ڪوهجي چيو. پوءِ مڙي ڏڪندي راجوءَ سان لڳي سڏڪا ڀريندي چياءِ، ”مونکي هو جواهرات وارو گهر نه گهرجي، مان هن گـــاهه پٽي واري جهوپڙي ۾ ڪي ٿي سرڳ بڻائيندس. راجـــو، مونکي پنهنجو گهر

وٺي ڏي."

راجو ڪنڌ جهڪائي ڪجهه سوچيندو رهيو.

ٻئي ڏينهن ترانا جڏهن گنگاڌر سان گڏجي واپس پئي موٽي ته سندس پرسان هڪ ڪار اچي بيٺي. ترانا ڏٺو ته ان ۾ متل سيٺ ويٺو هو، جو مشڪي رهيو هو. هوءَ ڪيس ڏسي منهن ڦيري ڦٽ پاٽ تان هلڻ لڳي ته ڪار به ساڻس گڏ هلڻ لڳي. متل چيو، "تون اڄا تائين بمبئيءَ ۾ آهين؟"

"بمبئي ڇا تنهنجي پيءُ جي آهي؟"

"اڙي... ايترو غصو، ڊارلنگ، اچي ڪار ۾ ويهه."

"وڃين ٿو يا پوليس کي ڪوٺيان؟" ترانا ڦڙڪي چيو.

"ڪوٺ، جيڪڏهن تون پنهنجو سڪول کولڻ نه چاهين."

ترانا هلندي هلندي رڪجي ويئي. چياءِ، "تون! تون!"

متل ڪنڌ لوڏي چيو، "ها، مان ئي اُن بلڊنگ جو مالڪ آهيان، مون تنهنجي سڪول لاءِ بندوبست ڪيو آهي. مان ايترو خراب ماڻهو نه آهيان. اڄ، مان پڳوان جو قسم کائي ٿو چوان ته توکي ڪجهه نه ڪندس. جئين چوندينءَ، اٿي لاهيندوسانءِ." چوندي متل پنهنجي ڪار جو در کوليو. ترانا ڪيس غور سان جاچيو ۽ پوءِ هن سان گڏ وڃي ويٺي. متل ڪار تيز هلائيندي

چيو، "ڪٿي ٿي رهين؟"

"اسٽرئنڊ پرسان ١٢ گهٽيءَ ۾، پر تون مونکي
١١ گهٽيءَ ۾ ٿي لاهي ڇڏج."

ٻارهين گهٽيءَ جي موڙ وٽ جڏهن ٽرانا لهڻ لڳي، تڏهن مٿس چيو، "تون هڪ بهادر ڇوڪري آهين، مان تنهنجي بهادريءَ جو قدر ڪريانٿو. فٽ پاٿ تي ڇونٿي سمهين؟ توکي نہ سمهڻ لاءِ هڪ محل ملي سگهيٿو. توکي جيڪي کپي، سو گهري سگهين ٿي. مان تنهنجي قيمت چڪائڻ لاءِ تيار آهيان."

"قيمت؟" ٽرانا پڇيو.

"ها، هر شخص جي قيمت ٿيندي آهي."

ٽرانا کي ڪاوڙ نہ ڏاڍي لڳي، پر سڪول خاطر سوُر پي ويئي. آهستي مشڪي چيائين، "چڱو، سيٺ صاحب! ڪنهن ڏينهن مان توهانکي پنهنجي قيمت ٻڌائينديس."

"ڪڏهن؟"

"انتظار ڪريو" چوندي ٽرانا ڪار جو در بند ڪيو ۽ مستاني اَدا سان هلي ويئي. ڪجهه وقت تہ مٿس سيٺ کيس ڏسندو ٿي رهيو. پوءِ چپن کي چڪ پائيندي ڪار هلائي ١٢ گهٽيءَ مان ٿيندو، ١٣ گهٽيءَ ۾ هليو ويو. هن ١٢ گهٽيءَ جي موڙ وٽ بجليءَ جي ٿنڀي هيٺان ٽرانا ۽ ڪسر کي ڳالهيون ڪندو ڏسي ورتو پر اهڙي ڏيکاري نہ ڏنائين ۽ هن بہ کيس ڏٺو.

اُٿي مٿل ۽ ٽرانا، هڪٻئي کي ڏسي ورتو، پر هنن اهو نہ ڏٺو، تہ هڪ اونداهيءَ ڪنڊ ۾ راجوءَ بہ ٻنهي کي ڏسي ورتو هو.

فٽ پاٿ- سڪول کي ڏهہ ڏينهن بہ ٿيا تہ رڏيا پنهنجي راڄ ۾ فرق محسوس ڪيو. اوچتو گهٽين ۾ وڙهندڙ ٻارن جا جهنڊ غائب ٿي ويا. ڇنڊ ڇوڙ ٻارن جو عدد گهٽجي ويو. ٻار گرندڙن لاءِ جاسوسي ڪرڻ کان ڪيٻائڻ لڳا. ناجائز شراب ڪڍي ويندڙ ٻار شام جو ئي ڪيڏانهن گم ٿي ويندا هئا. ٻارن جي اکين ۾ هڪ عجيب ۽ غريب، بيباڪ ۽ گستاخ چمڪ اچي وئي. هو صاف سٿرا نظر اچڻ لڳا. رڏيا ان حالت جو مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو. چئن پنجن ڏينهن کانپوءِ رڏيا کي معلوم ٿيو تہ مٿل سيٺ جي بلڊنگ جي پٺين بند حاطي ۾ فٽ پاٿ- سڪول کليو آهي، جتي ٽرانا ۽ گنگادر ٻہ ٻہ ڪلاڪ پڙهائيندا آهن. شروع ۾ ١٠، ١٢ ڏينهن سڪول بابت راز لڪل رهيو، جو ٻار پنهنجون سليٽون، پينون، ڪتاب، ڪاپيون سڪول ۾ ئي ڇڏي ويندا هئا.

رڏيا لڪل بار ۾ ميٽنگ ڪوٺائي. سندس سڀ ساٿي آيا. رڏيا راجا هو ۽ اڄ سندس راڄ ۾ بغاوت ڦهلي هئي، جنهن کي هڪدم ڪچلڻو هوس. کيس سڌ هئي تہ ننڍا ننڍا آوارا ۽ اَبوجهہ ٻار، ڪيترن ئي ناجائز ڪمن

لاءِ ڪاراڻا هئا. رڌيا چيو، ”اسانکي بغاوت جو مقابلو
ڪرڻو آهي.“

ڪوليءَ چيو، ”هنن ننگ جيڏن ڇورن کي ته ٻن
ٽن ٽڪرن سان سڌو ڪري ڇڏيو.“

براگينزا چيو، ”برابر، هرهڪ گهٽيءَ ۾ ٻن ٽن ٻارن
کي مرچڙا هڻڻ ته سڀ سڌا ٿي ويندا.“

”مرچڙن سان ٻار، مخالف ٿي پوندا.“ رڌيا چيو.

هڪ ٻئي چيو، ”هڪ ٻن ٻارن کي خون ڪجي.“

رڌيا چيو، ”توهين احمق آهيو. هڪ ٻار جي خون
سان، سڀ ننڍا وڏا، زالون، مرد اسانجا دشمن ٿي
پوندا، توهين گهٽين ۾ گهڙي ٿي نه سگهندا.“

ڪوليءَ چيو، ”هيءَ ٻاهر ترانا لڳائي آهي.“

راجوءَ جو چهرو هڪدم ڳاڙهو ٿي ويو.

ڪوليءَ وري چيو، ”ترانا جو ضرور ٻئي پڙهائيندڙ
گنگادر سان رستو آهي.“

براگينزا چيو، ”بيوقوف، هوءَ گنگادر سان نه، پر
متل سيٺ سان نهيل آهي- سڪول واري بلڊنگ متل
جي آهي. اسين سچا ٽرنس ڪرنه ڇا؟ رڳو ڪرلابا ۾ ٿي
هنجا ١٠ وڻشاليه هلندڙ آهن.“

”خاموش!“ راجوءَ گرجندي چيو ۽ پنهنجو ڪپ
ڪڍي ٻاهر ڪيو. براگينزا به پنهنجو ڪپ ڪڍيو ۽
ڏيري چيو، ”هڪ عورت لاءِ اسين پنهنجو سالن جو
ڌنڌو ناس ڪرڻ نٿا چاهيون. محبت لاءِ ڏهه ڇوريون

ملي سگهن ٿيون، پر ڀورين پيٽ کي روئي ڪپي ٿي."

رتيا وري ڀٽي جي وچ اچي چيو، "پاڻ وڙهندا ته ٻاهرين کي ڪيئن منهن ڏيندا؟ اسانجو جهڳڙو ٻارن سان ڪونهي. اُهي ئـــ اسانجي دولت آهن.! ليڪن اسين جهڳڙي جي جڙ هن سڪول کي بند ڪري ٿي دم پٽيينداسين."

"واهه راجا! ڇا ته ڪوجها آهي،" شنڪر چيو ۽ ٻين به واهه واهه ڪئي.

"رتيا ٻڌيو، هي سڪول ڪير بند ڪرائيندو؟"

جلدي ڪولي ۽ براگنيزا اڳتي وڌيا، پر راجوءَ هڏن ڪان اڳيان وڌي آيو. چياءِ "راجا، مان ڪرائيندس."

رتيا چيو، "ها، ٺيڪ آهي. پر سڪول سياڻي ٿي بند ٿيڻ کپي. تــوکي مــدد لاءِ جيترا مـــاڻهو کپن اوتـــرا گهر."

"نه دادا، مان اڪيلو ئي ڪافي آهيان."

راجوءَ کي اُها رات ڏاڍي ڪاري ۽ ڊِگهي لڳي. هنجو دم ٿي گهٽيو. ٻهليءَ جي ٽنيءِ وٽ ترانا بيخبر سمهي پيئي هئي. هوءَ ٿي ڪلاڪ باسڻ ملڻ جو ڪم ڪندي هئي. ۽ ڪلاڪ پڙهائيندي هئي. انڪانسواءِ ڪمس ۽ پڙهڻو پوندو هو. رات ٿيندي ٿي هوءَ ڏاڍو ٿڪجي پوندي هئي ۽ ڪاڏو ڪاٿي سمهي پوندي هئي. سڪول کلڻ ڪان اڳ ترانا ۽ راجو ڪاڏو ڪـــاٿي ڪجهه

وقت ڳالهيون ٻوليون ڪندا هئا. پر هاڻي ڪيترن ڏينهن کان هن اهي ڳالهيون نه ڪيون هيون.

اڄ راڄوءَ کي ننڊ نه آئي. هو پاسا بدلائيندو رهيو. جڏهن ڏٺائين سڀ سمهي پيا آهن، تڏهن اُٿي وڃي ترانا کي جاڳايائين. ترانا ڇرڪ ساڻ چيو، "ڇاهي؟"

"ضروري ڪم آهي!"

"صبح جو ڳالهائجي. هينئر سمهڻ ڏي."

"نه، هن وقت ڳالهائڻو آهي،" راڄوءَ جي آواز جو عجيب لهجو ٻڌي ترانا اُٿي ساڻس گڏ هلي. راڄو هلندو ٽيليفون ٻُوٿ وٽ اچي بيٺو، جتي اڳي ڪاڏو ڪائي ڳالهيون ڪندا هئا. ترانا مشڪي پڇيو، "ٻڌاءِ اهڙو ڪهڙو ڪم آهي، جنهن لاءِ اڌ رات جو اٿاريو اٿيئي؟"

ترانا سمجهو ته اڄ به، هر روز وانگر، راڄو کيس پيار ڪندو، پر راڄوءَ جواب جي بدران اکيان وڌي کيس ترار جي ڌار کان به تکي، چماٽ ٺڪاءَ ڪرائي ۽ آهستي دٻيل آواز ۾ چيو، "حرامزادي سڪول جي بهاني پنهنجي يارن منل ۽ گنگاڌر سان ڇپي ملين ۽ منهنجي اکين ۾ ڌوڙ ٿي وجهين؟"

ترانا سراپجي ويئي. اکين ۾ آنسو تري آيس. ڳل کي مهٽيندي چيائين، "نه، مان ٻارن کي پڙهائيندي آهيان. تون ائين ڪيئن ٿو سوچي سگهين؟"

"سڀ ڪوڙ آهي؟ مان هاڻي تنهنجا سڀ فند فريب

جاڻي ويو آهيان. اُن ڏينهن گنگاڌر سان گڏجي سڪول ڪرڻ لاءِ ڳالهيون ڪيون ۽ مونکي ٻڌايئين تہ ٻاسڻ ملڻ جي نوڪري تي مليئي."

"اُن ڏينهن مون انڪري نہ ٻڌايو ماڻهو متان لڇمڻ چاچا کي شڪ پوي ۽ هو ٻ-رياڪر کي سڪول نہ موڪلي...۽... !!"

"۽ ان سڪول لاءِ تون سيٺ متل سان مونسر ۾ گهمندي وليت." راجوءَ ترانا جي منهن تي زور سان ٻي بہ چماٽ هنئي.

ترانا سڏڪندي چيو، "نہ نہ، مان گهر پئي آئس، تہ رستي ۾ متل موٽر هلائيندو گڏجي ويو. هن مون کي ٻارهين گهٽيءَ جي منهن وٽ لاٿو. هن مونکي اَصل هٿ بہ نہ لاتو. مون تي ڪوڙو الزام نہ هڻ. مان فقط تنهنجي آهيان راجو... راجو!"

"وئشيا... ڪسبڻ... بدمعاش،" راجوءَ ترانا کي لتون مڪون هڻندي چيو، "جيڪڏهن تون سڀاڻي کان سڪول ۾ پڙهائڻ وئينءَ تہ جان ڪڍي ڇڏيندوسانءِ." چوندو راجو هليو ويو.

ترانا ڪيتري دير بعد اٿي. اکيون اگهيائين. وار ۽ ڪپڙا ٺيڪ ڪيائين. پوءِ ٻچليءَ جي ٿنڀي سان لڳي راجوءَ جو انتظار ڪندي رهي تہ اچي تہ کيس سمجهائي غلطفهمي دور ڪري. پر راجو نہ آيو. ٻئي ڏينهن ترانا ڪم تان موڪل وٺي سڪول وئي. اُتي

ڻ وڃڻ ڏني هوس.

هي اسڪول به عجيب هو. نه ڪرسيون، ميزون نه ڊيسڪ بينچون هيون. آئي هڪ طرف بلڊنگ جي مرمت لاءِ سيمينٽ، سرون وغيره سامان هو. وچ ۾ پٽ تي ٻار ويٺا هئا. هن وقت اُهي ڪل ٢٥٠ هئا. هنن جي سامهون بورڊ وٽ ترانا بيٺي هئي ۽ سبق پاڙهي رهي هئي. اُنڪان پوءِ ”وندي ماترم“ ۽ ”ساري جهان سي اَڇا...“ گيتن سان اسڪول پورو ٿيندو هو، جنهن روز ٿيندو هو.

اڄ ترانا، راجوءَ جي حالت ڪري اهڙو ته پريشان هئي جو سبق پورو ٿي ويو ته به هوءَ خاموش ڪجهه سوچيندي رهي. نيٺ هڪ ڇوڪري جي يادگيري ڏيارڻ تي سجاڳ ٿي ۽ قومي گيت ”ساري جهان سي اَڇا...“ شروع ڪيائين جو سڀني گڏجي اُٿي بيهي ڳاتو. اَڍائي سؤ مسڪين ٻارن جو آواز هڪ للڪار بڻجي هوا ۾ لهرايو. اچانڪ ڪو پٽ نوي اسڪول اندر داخل ٿيو. ترانا ڏٺو راجو غصي ۾ بورڊ ڏانهن ڊوڙندو پيو اچي. ايندي سان ترانا کي ڌڪو ڏنائين ۽ بورڊ ڪٽي ڦٽو ڪياءِ. ترانا جي ڪرڻ سان ٻار ڊڄي ويا. گيت بند ٿي ويو. راجوءَ وڏي ٻن ٽن ٻارن کي لتون هنيون. ٻه ٽي ڇوڪرا ڪري پيا. ڇوڪريون رڙيون ڪنديون ڀڄيون. اهڙي ۾ پس نوي پيا ٻه گونڊا اندر داخل ٿيا جي ٻارن کي مارڻ لڳا ۽ ڪاپيون ڪتاب

ڪسي ڦٽا ڪرڻ لڳا. ٻار گهٻرائجي پيڇڻ لڳا. اوچتو سندن ڪنن ۾ ٽرانا جو آواز گونجيو. هنجي ساڙهي ڦاٽي وئي هئي ۽ ٻانهن مان رت پئي وهيس. ”نه، وڃو، نه پڙهو. سڪول توهانجو آهي. اُنجو ڇپڙ توهان کي ڪرڻو آهي. پوءِ ويندا ته سڪول وري نه کلندو.“ ٻار اُهو آواز ٻڌي پيهي ويا.

ٽرانا ڏوڙي راجوءَ کي وڃي چيو، ”ڇا هي آهي ڪوليءَ جو ڪم؟ ٻار کٽندو رهيو آهين ۽ ڏڪ ڪائيندو رهيو آهين؟ صاف نٿو چوين ته رنڍيا جو نوڪر آهين؟ ڇاڙوبازي ۽ گونداگيريءَ سان پئسا ٿو ڪمائين؟... هان؟... مان توکي ڇا سمجهندي هئس. تو سچو وقت مونکي دوکو ڏنو. ڪهين چو نه ٿو؟ ياد اٿيئي بمبئيءَ ڇو آيو هئين؟ ٻه ٻڪا خريدڻ لاءِ... پر بمبئيءَ اچي، تون ٻاڻ پڪو ٻڌجي وئين!“

راجوءَ غصي ۾ هٿ اولارڻ لاءِ مٿي تي کنيو ته ٽرانا چيس، ”اُن ڏينهن مونتي هٿ هلايئه، مون ماف ڪري سٺو، جو سمجهيم ته اُهو هٿ محبت ۾ اندو تي غصي وچان مجبور ٿي ڪيئل آهي، پر اڄ هٿ هلاءِ نه سهين...“

”پري ٿي وڃ نه ته ڳترا ڳترا ڪندو سانءِ.“

”اصل نه. جيڪر مهنجو سڪول ٽوڙ ينڊو ته مهنجا هڏ ګڏ پيدبس.“ چوندي هن هڪدم ڪنب مان هڪ سر کٽي راجوءَ ڏانهن اُڇلائي ۽ ٻارن کي چيو، ”بهادر

بالڪ، اڳتي وڌو ۽ گوندن کي ماري ڀڄايو."

اوچتو بارن ۾ جوش جي لهر ڊوڙي ويئي. فٽ پاٿ جا بار هئا بهادر ۽ همتي، نڊر ۽ لـڙاڪو. ڪن ئي پلن ۾ قطار ٺاهي گوندن کي گهيري، جيڪو هٿ آين سو ويا مٿن سٽيندا. گوندن ڪجهه پل مقابلو ڪيو، پر پاڻ ته هئا ٥، ٦ ۽ هيڏانهن هئا ٢٥٠ بار، سو اٿي ڀڳا. ليڪن راجو گهيري ۾ ڦاسجي ويـو. هن تي پٿرن، اٽڪڻين، وغيره جي وسڪار ٿي رهي هئي. ايتري قدر جو کيس ڪپ ڪڍي ڀڄاءُ ڪرڻ جي به فرصت نه نه ملي سگهي. ڀڄڻ جي ڪيتري ڪوشش ڪياءِ، پر هيٺ ڪري پيو. بار هن جو مٿو ڦوڙڻ وارا هئا جـو ترانا ڀڄيءَ وانگر ڊوڙي آئي ۽ چياءِ، "نه، نه. جان وٺڻ پاپ آهي. سڪول ڀڄائي ورتو. هاڻي پٿر وغيره سڀ ڦٽا ڪريو."

بارن اٿين ڪيو ۽ پنهنجا ڪتاب ڪٺي رمندا رهيا. پر ترانا کين چيو ته بالڪو قومي گيت پورو ڪري پوءِ وڃو. راجو بيهوش پيو هو. بارن قومي گيت پورو ڪيو. راجوءَ کي هوش آيو. هن جي ڪن ۾ گيت جا هي لفظ پرڻ لڳا:

اي آب رودي گـنـگـا،
وي دن هي يـاد تجهڪو
اترا تيري ڪناري، جب ڪاروان همارا!

راجوءَ کي اهي ڏينهن ياد اچي ويـا جڏهن هو

همدردي ظاهر ڪئي. ۽ ڪيس مدد ڪرڻ جو انجام بہ ڪيو. ليڪن مٽل کي رڌيا جي اِها ڌمڪي نہ وڻي تہ جيڪڏهن سڪول بند نہ ڪرائڻ تہ سيٺ جا سڀ ڌنڌا بند ڪرائي ڇڏيندس. مٽل ڀيو سڀ ٻڌي سگهيو ٿي پر نہ ڌمڪي. اها ٻڌي مٽل مشڪيو ۽ اُٿي رڌيا جي پٺي ٺپري پيار سان چيائين، ”تون پنهنجو ماڻهو آهين. بي فڪر رهہ. سڀ ٺيڪ ٿي ويندو، پر ڪجهہ ڏينهن سانت ڪر. پندرهين آگسٽ آزاديءَ جو ڏينهن گذري وڃڻ ڏي.“ رڌيا سيٺ جا شڪرانا مڃيا ۽ خوش ٿي موٽيو ۽ اچي پنهنجن سائين کي واقف ڪيائين.

رڌيا جي وڃڻ بعد مٽل ڪجهہ سوچيو ۽ پوءِ فون ڪيو، ”چمن اسپتال مان ڇٽو آهي؟ هان؟ هڪ هفتي ۾ ڇٽندو؟ چڱو. ايندي ئـي ڪيس مونوٽ موڪلج.“ ايترو چوندي مٽل فـــون ڪٽي رکيو ۽ گـــهري سوچ ۾ ٻڏي ويو.

ترانا سڄي رات اک نہ لڳائي سگهي. راجوءَ بہ اِها نہ آيو هو. هن سوچيو، ”ڇا هوءَ اڪيلي سر ڪيبل ڪم پورو ڪري سگهندي؟ ڪڏهن پاڻ کي ڦٽڪارڻ لڳي تہ منهنجي محبت ٿي راجوءَ کي بـــرباد ڪري ڇڏيو هو. جيڪڏهن راجوءَ کي ترانا سان سچو پيار هجي ها تہ کيس سڪول ٽوڙڻ لاءِ اندر ٽپي اچڻ جي جرئت ٿئي ها؟ هي اُهو راجوءَ تہ نہ هو جنهنکي هن پيار ڏي

ڪيو ۽ شادي ڪرڻ ٿي چاهي. هي جانور پنهنجو مقصد ئي پلجي ويو. ڪيس ياد ئي ڪونهي ته هي بمبئيءَ ڇو آيو هو؟ غم، غصي ۽ نفرت جا جذبا، لڙڪن جو روپ وٺي ترانا جي ڳلن تان لڙڻ لڳا. هنجا سڏڪا ٻڌي ڪسم ونس آئي. آٿت ڏيندي چيائين، ”گهٻرائين ڇو ٿي؟ اچي ويندو.“

”نه،“ ترانا غصي ۾ چيو، ”مان هنجي شڪل به ڏسڻ نٿي چاهيان. بدمعاش! گندو!!“ ڪسم ڪنجي ويئي ۽ ٿوري وقت کانپوءِ وڃي سمهي پيئي. مگر ترانا سڄي رات نه سمهي. ليڇندي، ڦٿڪندي، روئندي رڙندي رهي.

ڏهه ڏينهن گذري ويا راجو نه آيو ۽ ترانا هاڻي صبر ڪري ويهي رهي. هيلتائين غصي ۽ نفرت جي باوجود ڪڏهن ڪڏهن چاهيائين پئي ته جيڪر راجو اچي ته هوءَ پنهنجو ڏوهه بخشائيندي. ڪيس پنهنجي سيني سان لڳائي هنجي ٿي ٿي رهندي. هيءَ دنيا ڪيتري وڏي، خوبصورت ۽ حسين آهي، پر راجوءَ کانسواءِ اُيرڳي ٿي لڳي. جڏهن راجو نه آيو تڏهن سندس لوم استريءَ جي دل آهستي آهستي ڄمي برف ٿي وئي.

١٥ آگسٽ کان ڪجهه ڏينهن اڳ گهٽيءَ ۾ ڏاڍو گوڙ ٿيو. ترانا ماسڙ ملڻ جو ڪم پورو ڪري اچي وئي ۽ سڪول وڃڻ جي تياري ڪري رهي هئي ته گوڙ شور

سان ڪم پئي ڪيو ۽ هردم پاڻ کي رڌل پئي رکيو،
پوءِ به شام جو ڪم پورو ڪرڻ بعد پاڻ کي اُباڻڪي
پيئي سمجهندي ڪندي هئي. هن محسوس ڪيو ته
هن کان اڳي ڪنهن جو انتظار ڪيڏو نه وڻندڙ هو!
ڪنهن لاءِ کاڌو ناهڻ، هن کي اهو پاڻي ڏيڻ ۽ وري
پنهنجي سامهون کارائڻ، ڪيڏو نه آنند دائڪ ۽ آرام
بخش هو. رات جو راجو جيترو ٽيڪ هن کان ٿورو پريان
سمهيل هوندو هو ته به رات جو جاڳڻ لئي سمهيل راجوءَ
جو چهرو ڏسي هوءَ ڪيتري نه خوش ٿيندي هئي! جڻ
راجو آهي ته دنيا جو هرڪو پرزو پنهنجي جاءِ تي
پورو آهي؛ وقت جي گهڙي جڻ سنگيت جي سٽن
سرن سان پربور ٿي پيئي هلي. جڏهن رات جي
خاموشيءَ ۾ راجو ۽ لرانا هري هري ڳالهيون ڪندا
هئا ۽ هڪٻئي کي پيار ڪندا هئا ته انهن لڳندو
هون ته فت پاٿ هيٺان مکڙيون پيڙن ڦٽن، ۽ ٿنهن
جي وچ ۾ بجليءَ جي چمڪيل تارون، وايولن وانگر پيڙون
وڄن ۽ ڌرتي ۽ آڪاس هڪ اڻ ڄاتل لئه سان پرجي
ويا آهن.

ليڪن هاڻي لرانا کي نه اهو لئه پرپر سنگيت ٻڌڻ
۾ ٿي آيو، نڪو فت پاٿ مان مکڙيون ٿي ڦٽنديون
نظر آيون. اڄ فت پاٿ، فت پاٿ ئي هو. دل
رڳ جو ٻير هئي. دماغ سالم نه هو. چيلهه ۾ سي
سهاري، ڇپي ٿيندي ٿي وئي. هنجو سڄو سر پر هنجو

وروڌ ڪري رهيو هو. اڳي ائين نہ هو. راڄوءَ جي چهاءَ سان سندس سر ۾، هڪ وشواس سان پرپور ٿي ويندو هو.

ڇا ڪيس راڄوءَ جي ضرورت هئي؟ ٽرانا جي اندر ۾ ويڙهہ ڇالو هئي. نہ، ڪيس اُن بدمعاش، ڇاقوباز گونڊي جي گهرج نہ هئي. راڄو...اڄ... مان اڪيلي آهيان. مونسان نہ ڳالهاءِ، تون اهو ساڳيو راڄو تورونئي آهين؟... نہ نہ... پهاڙي جهرڻي جهڙا معصوم راڄو، مان توکي پيار ڪريان ٿي... توکي ڏڪاريان ٿي... تون ڪٿي وڃي لڪو آهين؟... سامهون اچ نہ؟... نہ اڄ... مان توکي ڏسڻ بہ نٿي چاهيان... آهہ... راڄو... هليو اچ...!

شام جي وقت ٽرانا گهبرائجي ٻاهر نڪري ٻوندي هئي. هڪ ٻي سڪڻ ٻيڙيءَ وانگر ٻاٽڪي حشام خلق جي ساگر ۾ سمائي ڇڏيندي هئي ۽ هوءَ ڪيس ڪجهہ بہ ياد نہ رهندو هو. هوءَ ڪٿي ٿي وڃي؟ ڇوٽي وڃي؟ ڪهڙي لئي ڳولهي؟ سندس دل ۾ ڇاهي؟ هوءَ ميلن جا ميل پيئي هلندي هئي. سڙڪ تي، سمنڊ جي ڪناري، بزارن ۾، وڻن جي ڇانو ۾، اُڃ ڏئل گهٽين ۾، آمدرفت جي شور ۾، سڀ کان واقف مگر سڀ کان بيخبر! پدمڇن ٿي سوچن ۾ سمائجي پيئي هلندي هئي.

اچانڪ ٽرانا ڪجهہ ٻڌي رڪجي پيئي. هي آواز،

ها اُڀري آواز، ڄڻ ٻنسريءَ، جهنگلن ۾ گونجندي، ندين وانگر ڳوليندي، پهاڙي ماڳن مثل ڪوئيندي... اُن جي لئه، ڄڻ سندس چيلهه جي چوگرد هٿ ورايل آهي، ڄڻ هُن جي دل ۾ ڏوري ٻڌي ڇڏي آهي، جنهن سان ٻڌجي، هلندي هلندي اِي اختيار هوءَ راجوءَ سامهون وڃي بيٺي.

ترانا کي ڏسي راجوءَ کي لهرس اُڀرو. هُن جي اکين ۾ آنسو هئا. سندس مٿي ڪان ڳاڙهن گلن جو وڻ هو، جنهن جي مٿان گهاٽن پنن جي اونداهيءَ مان، پاسي واري بلڊنگ جي دريءَ جي روشني ڇڻندي پئي آئي. دريءَ وٽ بيٺل هڪ ڇوڪري، هُن ٻنهي کي ڏسي رهي هئي. هُن جي گهاٽن ڪارن زلفن ۾، سندس چهرو خاموش ۽ رازدار پئي لڳو. دريءَ مان پيانو جو آواز پئي آيو. ڇوڪريءَ پنهنجي وارن جي هڪ چڳ کي آڱر ۾ ويڙهيندي ڪنهن اونهي ويچار ۾ غرق ٿي وئي يا شايد پيانو جي ڌُن ۾ لين ٿي وئي.

”ترانا...“ راجوءَ زور سان چلايو ۽ ٻئي هٿ ڦهلائي اڳتي وڌيو.

۽ راجوءَ جي زور سان چلائڻ سان ڄڻ ترانا جا سڀ سپنا ٽٽي پيا. ڄڻ ڪنهن ظالم هٿ جي حرڪت جي ڪري، هُن جي ريشمي ڌاڳن جي اَٽ ڇڪجي پيئي ۽ ڪجهه پل اڳي واري مِٺڙي ملائم دل، اوچتو

هڪ مضبوط مٽ وانگر ڀُري پئي. ترانا ڏاڍي سختيءَ سان چيو، ”خبردار جي مونکي ڇهيو اٿيئي.“ راجو ٻه ٽي هٿي ويو. ترانا کي، آغوش ۾ آڻڻ لاءِ بيقرار ڪليل ٻانهون، نااميد ٿيڻ، جهڪي ويون ۽ هو مڙي مڙي ترانا کي ڏسندو رهجي ويو.

”توکي شرم نٿو اچي،“ ترانا ٻرڪي چيو. ”ڇا سوچي آهي هٿين ۽ ڇا ٿڻجي وئين؟“

راجوءَ ڪجهه نه ڪيو. هن هڪ دفعو عاجزيءَ سان ترانا ڏانهن نهاريو ۽ جڏهن هنجي لال لال ڇهري مان غصي ۽ ناراضپي جون چڻگون اڏامندي ڏٺائين ته لڄي ٿي، ڪنڌ جهڪائي کي پل اٿين خاموش بيٺو رهيو، ڄڻ پنهنجي گناهه لاءِ معافي ٿي طلبيائين.

ترانا ڏند ڪرٽي چيو، ”هڙي جيئڻ کان ته ڪجهه ڪاني ختم ٿي وڃين ها.“

راجوءَ جي ڇهري تي غم جي هڪ گهري ريکا، ڇهڪ جي ستڪي وانگر نظر آئي. هو يڪدم مڙيو ۽ ڪنڌ جهڪائي وني پيو. ۽ جڏهن راجو پيو ته اچانڪ ترانا جي دل ٻڏي وئي ۽ هنجي سمجهه ۾ نه آيو ته هن ڇاٽي چوڻ چاهيو ۽ ڇا چئي وئي ۽ جيڪي چياءِ، سو سندس سچ پچ مطلب نه نه هو.

”راجو.. راجو، تون ڪيڏانهن ٿو وڃين؟“ ترانا ترانشا ۽ وچوڙي وچان پڪاريو. ليڪن راجو ان وقت وڃي چڪو هو. هن سندس آواز ٻڌوني ڪونه، ترانا

لال گلن جي وڻ وٽان موٽڻ لڳي. ٽارين جي جهڳٽن
پنيان درياءَ وٽ، اچا ٽاءَ ڪيس هوءَ ڇوڪري ڏسڻ ۾
پئي آئي. اندر ڪمري ۾ پيانو وڄائيندڙ، پيانو بند
ڪري ڇڏيو هو ۽ هو درياءَ وٽ ڪليل وارن واريءَ
ڇوڪريءَ کي پنهنجي آغوش ۾ آڻي، سندس اکڙيون
چمي رهيو هو.

ترانا جي دل ڊپ ۽ نااميديءَ مان ڪنبڻ لڳي.
"راجو، منهنجا جهنگلي، مون وٽ موٽي اچ. هاڻي
توکي ڪجهه نه چونديس. توکان معافي وٺنديس... راجو،
عورت ڏاڍي عجيب آهي. هوءَ پنهنجي پريتم کي
ڀڳوان جو روپ سمجهندي آهي. ۽ ڪير ڀڳوان جو
روپ بگڙجندو ڪيئن ڏسي سهي سگهندو؟"

ترانا ۽ ڪسم ڪيتري رات تائين ڳالهيون ڪنديون
رهيون. ترانا جون ڳالهيون ٻڌي ڪسم هنکي ٻڌايو ته
ڪنهن وقت ڪيس به چرنا سان پيار هو، جيڪو هرميو
فارمسيءَ جي ٻاهران سمهندو هو ۽ دکي ٿي ڪولي
هو. مگر چرنا ڪسم جي محبت ٺڪرائي ڇڏي ڇو ته
چرنا کي معلوم ٿي ويو ته هوءَ رڌيا وٽ به ويندڙ
آهي. جيتوڻيڪ چرنا خود به رڌيا جي سلامي ڀريندو
هو. انڪري ڪسم کي سڀني مردن لاءِ نفرت هئي.
هن چيو، "آخر مرد پاڻکي سمجهن ڇا ٿا؟ جيڪڏهن
زالون پنهنجو سرير وڪڻن ٿيون ته مرد به پنهنجي آلما

وڪڻن ٿا، ھمن وٽ جو ڪجھ آھي، سو وڪڻي ڇڏين
ٿا. جيڪڏھين ڇرنا اھڙو بھادر ھو تہ ڇو نٿي مونکي
رڍيا جي ظلم کان بچايائين. ڇو نہ؟ ٻڌاءِ ٽرانا؟"

ٽرانا چيو، "ھرڪنھنکي پنھنجو پاڻ بچائڻو ٿو
پري. مرد جي عزت، زال جي عزت جھڙي ڪانھي.
منھنجي ناني چوندي ھئي تہ عورت وٽ ٽي عزتون
آھن. ھڪ پنھنجي، ٻي سندس گھوٽ جي ۽ ٽين
سندس ٻالڪ جي. لنگھي مرد کي تہ رڳو پنھنجي عزت
آھي، جتي ڪٿيس اُتي وڪڻي ڇڏي." ڇوندي ڇوندي
ٽرانا ڪلڻ لڳي تہ ڪسم بہ اچي ڪل ۾ ڇٽڪي. ڪلندي
ڪلندي اوچتو چپ ٿي ويٺون جو چمن ھلندو ھلندو
سندن اڳيان اچي بيٺو.

چمن اشاري سان ڪسم کي سڏي چيو، "ھل."

ڪسم جي شڪل پيلي ٿي ويئي، پر ويٺي رھي.

چمن وري گرجيو، "ھل ڪسم."

ڪسم ٽراشا وچان ھيڏانھن ھوڏانھن نھاريو تہ من
ڪير جاڳي. ٽرانا ڏانھن نھاريائين جيڪا ٻہ خود پنھنجي
پھڻ ٿي ويٺي ھئي. نيٺ ڪسم اُٿي. چمن مشڪندي
ھٿ جي اشاري سان چيو، "منھنجي پٺيان اچ." ٻہ
ٽي قدم ھلي، چمن پٺيان ڏٺو تہ ڪسم اُٿيئي ٻجليءَ
جي ٿنڀي وٽ بيٺي آھي. ھنکي اھڙو تہ غصو آيو جو
موٽي ٿنڀي وٽ آيو. اڃا ڪسم کي پڪڙيائين ٿي تہ
ھڪ تيز چاقو ڪڍي ڪسم نانگڻ وانگر ڦڻ ڪڍي چيو،

”جيڪڏهن تو مونکي همٿ لاٿو ته هڪدم هن چاقوءَ سان پنهنجو گلو ڪپي ڇڏيندس.“

چمن گهوري ڪمر کي ڏٺو. ڪيس هنجي ڇوري لي ڪمزوريءَ بدران هڪ اهڙو محڪم ارادو نظر آيو جو سندس وڌيل هٿ ڍيري ڍيري پٺتي هٽي ويو. چمن ڪي پل ڪيس گهوري ڏٺو. هوءَ ڪپ پنهنجي ڳلي وٽ جهلي بيٺي هئي. آخر چمن اکيون جهڪائي مشڪندو ۽ ٻڙ ٻڙائيندو هليو ويو. هنجي وڃڻ بعد ڪمر جو سڄو سرير ڏڪڻ لڳو، چاقو هيٺ ڪري پيس ۽ سڏڪا ڀري روئڻ لڳي. ٽرانا ڪيس ڳلي لڳايو، آنسو اگهيائينس، پيار ڪيائينس ۽ شاباس ڏنائينس، ”بس اهڙي ئي طاقت کپي ٿي. عورت پنهنجي عزت جي حفاظت ڪرڻ لي اچي ته دنيا جي ڪابه طاقت ڪيس بي عزتو نٿي ڪري سگهي.“

ڪمر چيو، ”چمن جيڪڏهن مونکي ڇهي ها ته سچ پچ مان پنهنجو گلو ڪٽي ڇڏيان ها.“

”شاباس! هاڻي هي منحوس ڪڏهن به پٺيان نه پوندءِ. پر تو چاقو ڪٿان آندو؟“

”تنهنجي راڄوءَ جو آهي. سڪول جي ڪسيءَ مان لڌو هوم.“ ڪمر چيو ۽ هوءَ ڪلي ٽرانا کي ڳلي لڳائي چياءِ، ”اڙي ڪمبخت توکي هاڻي راڄو ياد به ڪونهي. اهڙو جلدي وساري ڇڏيئه! مون ته ڇڙنا جون ڳاريون کائڻ بعد به ڪيس نه وساريو آهي.“

”مون نہ ڪجهہ نہ وساريو آهي. هوءَ ٿي سڀڪجهہ پاڻ جي ويو آهي، ڪسم.“ ترانا اداس ٿي وئي.

هن حادثي کان پوءِ ١٥ آگسٽ جي موڪل آئي، جيڪا بلڊنگ ۾ رهندڙن طرفان خوب ملهائي وئي. هنن پنهنجا گهر سينگاريا، ترنگا جهنڊا جهولايائون. رستا، گهٽيون ۽ بازارون سينگاريون ويون. انهن ڏينهن ۾ فقط ان هڪ ڏينهن، خوب رهچهہ لڳي وئي.

شام جو سج لهڻ کان ٿي اڳي، ڪسم ۽ ترانا بازارن جي روشني ڏسڻ لاءِ نڪتيون. ٻنهي ساڳئي رنگ جون ساڙهيون پاتيون هيون، وارن ۾ هڪ ئي قسم جا گل اٽڪايا هئا. هو پهرين ناريمن پائنٽ تي ويئون، جتي سمنڊ ۾ سج جي غروب ٿيڻ جو نظارو ڏسڻ لڳيون. ترانا کي لڳو، جتي سج غروب ٿي رهيو هو اتي سندس ڳوٺ ۽ پهاڙ ڪڙو ٿي ويو آهي. ان پهاڙ جي چوٽيءَ تي چمڪندڙ سندس پنهنجو گهر هو، جو هيرن وانگر جهلڪا ڏيئي رهيو هو ۽ کيس پاڻ ڏانهن سڏي رهيو هو. ترانا اداسيءَ وچان، پنهنجو منهن سمنڊ کان ڪٽي ڦيريو ۽ جڏهن منهن ڦيرڻ لڳي، تڏهن اوچتو سندس نظر ڪسم تي پيئي، جا عجيب ڍنگ سان سمنڊ کي ڏسي رهي هئي ۽ لڙڪ لاڙي رهي هئي.

”ڏوکي ٻہ هوڏانهن ڪجهہ نظر ٿو اچي.“ ترانا سمنڊ ڏانهن اشارو ڪندي پڇيو.

”ها! مونکي ستن رنگن وارو هڪ فٽ پاٿ نظر ٿو

اڇي."

"جنهنجي ڪناري تي هڪ ننڍو گهر آهي."

"ها." ڪسم وراڻيو.

"۽ گهر جي در تي تنهنجو گهوٽ ڇرنا ڪڙو آهي."

"هاءِ!" چوندي ڪسم هڪدم، ٽـرانا سان لپٽجي ويئي ۽ سندس ڪنڌ وٽ پنهنجو منهن لڪائي چياءِ، "هاءِ توکي ڪيئن پتو پيو؟"

"ڇا، مان عورت ناهيان؟" ٽرانا چيو، "مونکي خبر آهي تہ سيدي زالن جا سپنا هڪ قسم جا ٿيندا آهن. هڪ ڏينهن مون بہ اهوئي ڏٺو هو، مگر اُن ڏينهن..."

ٽرانا جو آواز گهٽجي ويو، "مونسان گڏ راجو هو."

ناريمن پائنٽ تان ٿي، ٽرانا ۽ ڪسم سڙڪ پار ڪري چرچگيٽ اسٽريٽ ڏانهن هلڻ لڳيون، جتي وڏيـــون هوٽلون، دڪان ۽ اسٽور هئا. هلندي هلندي هو بئي متل اسٽور وٽ رڪجي ويئون. متل ڊپارٽميدٽ اسٽور جي شاندار ست ماڙ عمارت جي هيٺان هڪ وڏي خلق ڪٺي هئي ۽ سڀ پنهنجو منهن مٿي ڪري ڏسي رهيا هئا جتي ست مـــاڙ تي متل اسٽور جي ڇوٽيءَ لـــي سيميت جو هڪ برفيءَ جهڙو گنبذ، هانس جي ڪائين ۽ بجليءَ جي ٽارن سان سٽيو پيو هو.

"هو ڏسو... هو ڏسو..." هجوم مان ڪنهن چاليو. ٽرانا ۽ ڪسم بہ مٿي ڏٺو، ڪيترو پري فضا ۾ هن گنبذ تي هڪ ماڻهو چڙهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي.

اهڙو پريان، هڙ ماڻهو، هڪ ننڍي رانديڪي وانگر لڳي نظر آيو.

خلق مان ڪنهن پڇيو، "هو ڇا پيو ڪري؟"

"مرڻ تو وڃي." ترانا جي پرسان هڪ ڄاتل سڃاتل آواز آيو. مڙي ڏٺائين ته سيٺ متل بيٺو ڪلي رهيو هو. "پئسي جي خاطر ويچارا غريب ڇا ڇا نٿا ڪن؟ هتي متي گنبذ جي ٽاور ۾ هڪ ڪاٺ قاسي پيـــو آهي، انڪري ڪن بلڊنگن جي ڇتين تي بجليءَ جي روشني نٿي ٿئي. هاڻي ان ڪاٺ کي هٽائڻ لاءِ هي ماڻـــهو پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي هوڏانهن وڃي آهي."

"ڇا ڪرڻي بجليءَ وارو آهي؟" ترانا پڇيو.

"اڙي نه، ترانا،" متل ترانا کي سمجهائي ڪرڻ ٿي چيو، "ڪو گهوار آهي. پهرين ته ڪيس ڊپارٽمينٽ اسٽور ۾ ويهي سمجهائڻ پيو ته بجليءَ جي تـــار ڪيئن ٺيڪ ڪبي هي. پر هو ته متي وڃڻ لاءِ اصل اهڙو آتو هو جو ٻيا سڪڻ جي ٿي متي مرڻ لاءِ تيار هو. چيائين پئي اس مرڻکي گهر موٽڻ جيتري ڀاڙي ۽ ٻن ڏينهن جي قيمت جيترا پئسا ڏجو."

"۾ ڏيڱا...!" ترانا جي دل کي ڌڏڪو آيو. هـــوءَ وڏيڪ ڪڇي. نه ڇئي سگهي؛ نه متي نهاري سگهي. اکين اڳيان انڌيرو ڇانئجي ويس. اوچتو ڪسم هن جو هٿ زور سان پڪڙي چيو، "ڏس، راڄو، اڙي راڄو."

"اڙي هو ڪريو ... ڇاڻ ڪريو." حشام ماڻهن مان

ڪن چلايو جو مٿي چڙهندڙ ماڻهوءَ جا پير، سچ پچ گنبذ جي چوگرد ٻڌل بانس جي لنين تان، ترڪي ويا هئا. هو پير ٽڪائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيو هو، ڇو ته هاڻي سندس پيرن هيٺان ڪا به چيز نه هئي، جنهن تي اهي رکي سگهي. تري ۾ ١٠٠ فوٽ هيٺ سيمينٽ جو فٽ پاٿ هو.

"سالو مرڻ ٿو چاهي،" متل مذاق ڪيو، "پئسن جي لوڙ لڳس. اسانجو ٻجليءَ وارو ٻه ڏجي ويو ۽ مٿي نه ويو. پر هي بيوقوف چوڻ لڳو، مان مٿس ته به نيڪ، جي ڀچس ته به نيڪ، ٻوڪان ٻن ڏيڻ جا پئسا وٺندس. مونکي هي احمق ٻه هڪ ڏيڍو ٿي ٿو لڳي، ها...ها...!" متل زور سان کلڻ لڳو.

مٿي راڄوءَ سرڪس جي کيلاڙيءَ وانگر الٽي ڪلابازي کائي پنهنجون ٻئي ٽنگون بانس جي لنين تائين آنديون. پر هن ۽ گنبذ جي وچ ۾ اڃا گهڻو مفاصلو هو.

"راڄو! مٿي نه چڙهه،" ترانا هيٺان بيٺي ٿي ايترو زور سان رڙ ڪئي جو آسپاس جا سڀ ماڻهو ڇرڪي کيس ڏسڻ لڳا. متل عجب ۾ پڇيو، "ترانا، تون ته هنکي سڃاڻين؟ مون ته ڀانيو، تون بمبئيءَ ۾ ڪنهن به مرد کي سڃاڻڻ ٿي نٿي چاهين."

"راڄو... راڄو..." ترانا زور سان چلايو، ڄڻ هوءَ شهر ۾ نه، پر ڪنهن جهنگل ۾ هئي ۽ نه وري راڄو ٿي

کيس ٻڌي سگهيو. ٽرانا متل کان پڇيو، ”متي وڃڻ جو ڪهڙو رستو آهي؟“

متل وراڻيو، ”ڇري نه ٿيءُ،“ ۽ سندس هٿ زور سان پڪڙيائين، ”ست ماڙ تاءِ نه لفٽ ويندي آهي، پر گمبذ تائين نه ٻانس جي لئين جي آڌار ٿي وڃي سگهبو. اُتان هاڻي وڃڻ، چڙهڻ موت جي منهن وڃڻو آهي ڇو نه لئيون ڪيترن هنڌ ڀڳي پيئون آهن. سالو ٻڄايءُ وارو ٺيڪيدار ڪو بي ايمان هو. هڪ ماڻهو ته ڪلهه ٿي ڪري مئو آهي. نڳر ٺيڪيدار ڀڄي ويو.“

”۽ اِن حالت ۾ نه هنڪي متي موڪلڻ ڏنهُ؟“

”ڇا ڪريان؟ اڄ ۱۵ آگسٽ آهي. ڇا منهنجي دڪان تي روشني نه هجي ۽ ٻين لکين دڪانن ۾ اُها هجي؟“

”ڪنهنجي پل نه جان هاڃي وڃي، پر ٽنهنجي گهر ۾ روشني ضرور هجي ۽ رڙنشو نه!“

”مون کيس مجبور نه نه ڪيو،“ متل ٽوڪيندي چيو، ”هن متي وڃڻ جي پنهنجي قيمت طلبي، جنن دنيا ۾ هر ماڻهوءَ جي قيمت ٿيندي آهي. ۽ مون اُها قبولي. اڄ لکين ماڻهو منهنجي دڪان جي روشني ڏسڻ ايندا، مان ڇا لعڪي نراس ڪريان؟“

ٽرانا يڪدم پنهنجو هٿ ڇڏائي متل جي دڪان اندر ويئي. متل ۽ ڪسم کيس سڏ ڪيا ۽ پنيان ڊوڙيس، پر هوءَ لفٽ هلائي چڪي هئي. ستين ماڙ تي پهچي،

ڏاڪڻ چڙهي پهچندي، چلائيندي اُتي ڪليل بالڪنيءَ ۾ وڃي بيٺي. بالڪنيءَ جي هڪ پاسي ٻجلي سڻڻ جو ڪليل ڪبٽ هو ۽ ٻئي پاسي بالڪنيءَ جي پت ڪــان نوڙي لٽڪي رهي هئي. ترانا ڏٺو ته ان نوڙيءَ رسٽي ئي راجوُ گنبذ تائين پهتو هو. ترانا جڏهن هيٺ نهاريو، تڏهن ڪيس چڪر اچي ويو. هن بالڪنيءَ جي لوهي شيخن کي ڪٽي زور سان جهليو ۽ سهڪڻ لڳي. ڪجهه لمحن بعد هن مٿي نهاريو ۽ بالڪنيءَ مان منهن ڪڍي چلايو، "راجو... راجو، مٿي نه وڃ." راجو مٿي ويندي ڇرڪجي پاڻ سنڀاليو. هن بالڪنيءَ ۾ بيٺل ترانا ڏانهن نهاريو. "راجو، توکي منهنجو قسم آهي، مٿي نه وڃ... پنهنجي جان سان نه کيل."

راجوءَ مشڪي چيو، "چڱو معاف ڪري ڇڏيم."

"ها، ها! معاف ڪيم،" ترانا روئندي چيو.

"چڱو، وري ڪڏهن نه رسنديس."

"ها، ڪڏهن به نه رسنديس."

"چڱو، راجو مان توکي پيار ڪريان ٿي."

"مان توسان ...... ڇي ...... مان اهو ڪيئن چئي سگهنديس؟" چوندي ترانا شرمائجي ويئي.

"پلي نه چڱو، مان مٿي ٿو وڃان."

"نه... نه،" ترانا گهٻرائجي چيو، "چڱو چوان ٿي: ۽ ...ن توکي پيار ڪريان ٿي." ائين چوندي يڪدم چيائين، "الا، ڏاڍي بيشرم آهيان." هن پنهنجو منهن ڪٽي ٻنهي

لٿايو. راڄا چيو، ”هاڻي نه ضرور ويندس جو تون مون کي پيار ۾ ٿي ڪرين. ۽ شرط ڪٽي ٻڍي جي جوڙي وٺندس.“

”نه، مون کي ٻڍا نه کپن. تون کپين... ڪلهه هتان ماڻهو ڪريو...“

”اوچتو هڪ ٻانس جي ڪاٺيءَ جي ٽٽڻ جو آواز ٿيو ۽ ترانا ڏنو راڄو ڪلابازي کائي ويو، ٺمبذ تي پهتو. هيٺ ماڻهن ۾ شور پيدا ٿيو جڻ ڪو سمنڊ گجي رهيو آهي. راڄو هڪ لٺ سان، مٿي ڪانوَ کي تارن مان ڇڏائي هيٺ ڪيرايو. پوءِ هن ٻجليءَ واري جي ٻڌايل ترڪيب موجب ٻنهي تارن کي گڏي آهستي آهستي هيٺ لهندو ڪانئين تي لڏندو، ٻالڪنيءَ پرسان آيو، جتي ترانا هنجون لڳون جهلي کٽي ٻالڪنيءَ اندر کيون. هو پوءِ جلدي ٻالڪنيءَ اندر هليو آيو. ترانا هن کي ڪيتري دير پنهنجي سيني سان لڳائي بيٺي رهي. محبت جون ٽٽل تارون ڳنڍجي ويون.

هيٺ هزارين تماشبين تعريف ڀريا نعرا هڻيا. راڄو پوءِ ٻجليءَ جي ڪبٽ ۾ هڪ سٽچ دٻايو ۽ خوش ٿي چيو، ”ڏس ترانا، روشني آئي آهي.“ ٻنهي ٻالڪنيءَ کان ٻاهر ڏٺو ته نه رڳو گنبذ ۾ سڀ ٻلب ٻرڪي رهيا [illegible]. [illegible] جي ڊپارٽميٽ اسٽور کان وٺي سڀ [illegible] ڪمارتي وارين هوٽلن تائين سڀ جڳهيون [illegible] ٿي [illegible]ون.

ترانا جي اکڙين ۾ زندگيءَ جي روشني رقص ڪري رهي هئي. مشڪي راجوءَ جو هٿ لوڏائي چياءِ، ”اچ، هيٺ هلون.“ جڏهن ٻئي هيٺ لٿا، تڏهن سوين ماڻهو راجوءَ کي گهيري ويا. ڪيس ڪلهي تي کڻي نعرا هڻڻ لڳا. هو اجرڪي شام جو ماڻهن جو هيرو هو جو ته هن روشني آندي هئي. هنجي زندگيءَ ۾ اونداهه ته اهڙي هئي جو اڄ هن جيءَ پري روشني ڏسڻ تي چاهي. جڏهن ماڻهوءَ ڪيس ڪلهي گهمايو، تڏهن جڏهن هيٺ لاٿس تڏهن راجو ڪيس ڏسي دنگ رهجي ويو. سندس واٽ مان خوشيءَ مان چيخ نڪتي، ”مهاديو!“ هنجي پرسان ئي بختيار به بيٺو هو. ترانا پڇيو، ”هتي بمبئيءَ ڪيئن آيا؟“

”اندور تائين سيٺ جو مال آندوسين،“ بختيار چيو هل ته بمبئيءَ جو آزاديءَ جو جشن ڏسي اچون.“

”هاڻي ڪيڏانهن ويندا؟“ راجوءَ پڇيو.

”هتان اندور، پوءِ دهلي، پوءِ امرتسر ۽ پوءِ پٺانڪوٽ، پٺانڪوٽ بعد جتي لوهين چاهيو لئن، ڪيئن هلو ٿا؟“

راجوءَ ۽ ترانا هڪبئي کي ڏٺو. ٻنهي جون اکيون خوشيءَ مان تارن وانگر چمڪڻ لڳيون. ترانا پڇيو، ”لاري ڪٿي اٿو؟“ مهاديو چيو، ”هوءَ سامهون بلڊنگ وٽ بيٺي آهي.“

راجوءَ ترانا کي چيو، ”راڻي هلين ٿي، پنهنجن مٽن

مانڻ وٽ، جانب نياب جو مقابلو ڪرڻ جي سگهه
هجيڻي نه هئج. مونوٽ ڀڳن جي جوڙي هٿ ۾ آهي."
راجوءَ سيٺ متل وٽان مليل نوٽ کيس ڏيکاريا. ترانا
بي فڪريءَ ۽ بي باڪيءَ سان چيو، "هل." ۽ اڃا ته
چار وڪون مس کنيائين نه رکجي ويئي ۽ ڪسم ڏانهن
ڀڳي. کيس گلي لڳائي روئي پيئي- "منهنجي سڪول
جو ڇا ٿيندو؟" ڪسم پنهنجا آنسو اُگهي چيو، "مان
گنگادر سان گڏ سنڀاليندس. تون پنهنجو ٻچو سنڀالج.
مان پنهنجو فٽ پاٿ سنڀاليندس. ترانا ڀلي وڃ، پر
چٺي ضرور لکج."

ترانا ڪسم سان گڏجي موٽي ته متل روڪي چيس،
"نه وڃ ترانا. مان هي دڪان تنهنجي نالي ڪندس."

"ڀلو ڇا؟" ترانا گستاخ نگاهن سان نهاريندي.

"ڪپڙي جي مل ڏيندوسانءِ."

"ڀلو ڪجهه؟" ترانا پنهنجون آڱريون نچائيندي چيو.

"ڀلو؟ جيڪو چئين. پنهنجي قيمت ٻڌاءِ."

ترانا کي متل تي رحم اچي ويو. ڏاڍي پيار سان
چياءِ، "متل سيٺ، تون اٺوَ جو اٺوَ رهجي وئين، اجوڪي
واقعي مان به نه سگهيس!"

متل چيو، "راجوءُ ڏاڍو بهادر آهي. پر هن به پنهنجي
قيمت ورتي."

ترانا چيو، "بهادريءَ جي قيمت، اسانجي ڳوٺ ۾
نه نه ٿيندي آهي. ۽ راجوءَ قيمت نه طلبي، پر توکان

شرط ڪٿي اٿس. ٻيو وٽ سيڪڙهه آهي. بلڊنگ، ڪارخانا، بئنڪ، بزار، بجلي بلب، ليڪن روشنيءَ بنا هي سڀ بيڪار آهن. ۽ روشني رڳو ٻه محنتي هٿ آڻي سگهن ٿا."

ترانا ٻيو ڏينهن راجوءَ سان گڏ لاريءَ ۾ ٿي وئي. مٿل هيٺ بيٺي مايوسيءَ سان چلائي چيو، "ائين نه ڪر ترانا، مونکي پنهنجي قيمت ٻڌاءِ."

مهاديو لاري هلائڻ شروع ڪئي. ترانا مشڪي چيو، "منهنجي قيمت آهي، ڏهن جي هڪ جوڙي ۽ ٻه محنتي هٿ!"

لاري بلڊنگ مان نڪري سڙڪ تي آئي ۽ اُن جي موڙ وٽ غائب ٿي وئي. لاريءَ ۾ پهاڙ جي چوٽيءَ وانگر سامان رکيو هو، جنهنجي مٿان ترانا ۽ راجوُ هڪٻئي سان لڳي وينا هئا ۽ خوشيءَ ۽ پيار سان چمڪندڙ نيڻن سان هڪٻئي کي نهاري، پنهنجي ڳوٺ وڃي رهيا هئا. ۽ هدن بدهي سان گڏوگڏ سڙڪ به واپس وڃي رهي هئي. ماٿرين، ميدانن، پهاڙين ۽ باغن مان لنگهندي، هڪ سهڻي ريشمي ربن وانگر کُلندي ۽ هڪ حسين جذبي وانگر چمڪندڙ، خوشيءَ سان ڀرپور فخرمند سڙڪ واپس وڃي رهي هئي.

راجوُ پنهنجي بنسري ڪڍي وڄائڻ لڳو ۽ مهاديو ڀرسان، بختيار زور زور سان ڪو گيت ڳنگنائڻ لڳو. ترانا خوشيءَ وچان جهوُمي رهي هئي.

نذير ناز جو سفرنامو

# ”ڏونگر پون ڏري“

هن ڪتاب ۾ دهلي، بمبي، احمدآباد، آگرو، جيپور، الهاس نگر، اجمير شريف ۽ سهجپور جو حال احوال ڇڻ ڳهر وٺي توهان پنهنجا منا مارو ڏسندا ۽ سنڌ جي وڇوڙي جي داستان تاريخي عمارت جو سربستو حال انڊيا جي ڳهرن جي رهڻي ڪهڻي سماجي عڪس ڇٽيل آهن.

ڇاپي هيٺ

نذير ناز جو پهريون شاعري جو مجموعو
انسان جي جذبات ۽ احساسات سان پرپور
فڪر جي عميق ڳهراين جي حامل شاعري
هڪ ٺڪ هڪ ڇڪ آج سوز ۽ گذار
دل جي آهن ۽ دانهن جي موثر پڪار

**ٻولهيان ڳالهيان م لهان**

ڇاپي هيٺ

# ناري پبليڪيشنس حيدرآباد طرفان

برک ليکڪ

## "شرجيل"

جا ٻه اهنڊڙ ڪتاب

## الاڏاهي ٿيان ........

## ( جيون ڪٿان )

ٻيو شرجيل جو ناولٽ

## هوا جو وجود

ماڻهو چاهيندو گهڻو ئي ڪجهه آهي
چاهيو هُن ٻه گهڻو هو
الائي ڇا چاهيو هو هن
محبت
دوستي
شادي
يا فلرٽ

جلد ئي ناري پبليڪيشنس جي پاران ڇپجي پڌرا ٿي رهيا آهن.

# "ناري" پبليڪيشنس جا شايع ٿيل ڪتاب

1- هيل نه ڪو سنگ ڪاڏم (پهريون ڪتاب) -/5
2- ڪل جا ڪستوري (ٻيو ڪتاب) -/5
3- منهنجيون اکيون آليون (ٽيون ڪتاب) -/5
4- ڏاهيون ڏک ڏسن (چوٿون ڪتاب) -/5
5- مان آڪ جوهن (پنجون ڪتاب) -/6
6- آڇايل ناري (ڇهون ڪتاب) -/6
7- هڪ ڇوڪري هڪ عجيب
ملڪ ۾ (ٻارن لاءِ) -/2
8- سوني زنجير، ترجمو حميد سنڌي (ٻارن لاءِ) -/3
9- راڻان جي رجپوت (ڪهاڻيون) حميد سنڌي -/12
10- هيلو ڪو وري آ (ڪهاڻيون) نذير ناز -/15
11- هٿين هٿ ڪڙول (جيل جي ڊائري) طارق اشرف -/40
12- تو سنگ تو بن (انعام يافته)
ڏينهڙا (ڪهاڻيون) محمود مغل -/20
13- جهرڻا (ڪالم) نذير ناز -/15

گهرائڻ لاءِ لکو:

**پوسٽ باڪس نمبر 15، حيدرآباد سنڌ.**

ڊيه کي سنڌري اهم چنهائي جو شمار سنڌ ۾ هنن جي برڪ ترقي
پسنه ليکڪا ۾ ٿئي ٿو - بلڪ مان وڏي مان سان لکان ٿي ته ڊيه کي
سنڌري سنڌي زبان جي اُنهن بهترين ليکڪا آهي جيڪا پنهنجين
ڪهاڻين، ناولن، ناٽڪن ۽ شاعري سان سنڌي زبان کي
اوج ڏيندي پئي اچي -

”پياسي ڌرتي پياسي دل“ ڊيوڊ (ڪرشن چندر جو ناول) آهي
جنهن جو ترجمو ڊيه کي سنڌري ڪيو آهي - هي ناول
ڊيه کي وڏائي سنڌي ادب لاءِ هڪ سهڻي سوغات آهي
سنڌس لکڻي ۾ به ڀي ڀڄا دلڪشي آهي - ناول هٿ ۾
کڻي پوري پڙهڻ کانسواءِ ڇڏي نٿو سگهجي -

انهي ۾ به هين عتابن سان گڏ هن کي بهترين ناول بطور
سوکڙي ڏنا ويا آهن ، جيئن ته سنڌ ۾ ناول تمام
گهٽ لکيا ويا آهن - ۽ جيئن ته سنڌ ۾ ناول لکڻ جو
شوق پيدا ٿئي ، انهي ڪري سهوريان سهوريان
وقت سر ڊيه کي لاءِ پارينهي تو سعان آڏو ناول
پيش ڪيا ويندا —

نذير ناز